Ash

سنڌي ناصحاڻا شعر

ڊاڪٽر ديال آشا

سا د ر سمرپت

پوجنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مھاراجن

پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ
جي ڪمل چرڻن ۾
جن جي نينھن نوازش نئون بڻايو.

ديال

DTP : Shobha R Lalchandani
Printers Name : Anand Ram Lalchandani
Nationality : Indian
Address : Impressions,
212, Allied Industrial Estate,
Mahim, Mumbai 400016
Phones : 9820883807

This book is published with Financial Assistance
By : NCPCL, New Delhi - 66

A-3(61)

سنڌي ناصحاڻا شعر

مصنف

ڊاڪٽر ديال ڪوٽومل ڏاميجا ''آشا''

ايم.اي.، پي.ايڇ.ڊي.، ڊي لٽ

رٽايرڊ پرنسيپال

شريمتي چانڊي ٻائي همتمل منسڪاڻي ڪاليج اُلهاسنگر

پهريون ڇاپو

16 ڊسمبر سنہ 2013ع

قيمت

80 روپيا

ڊاڪٽر ديال 'آشا'

سوامي شانتي پرڪاش نواس

نج ڏام روڊ اُلهاسنگر 421 005

(اين.سي.پي.ايس.ايل جي آرٽڪ سهيوگ سان ڇپايل)

R.G.S. English School PRIMARY LIBRARY 26/3/14

26 MAR 2014

شعر

شعر و شاعري خدائي ڏات آهي، جنهن کي ڏٺي عطا ڪري، شعر الهام آهي. اُها ئي سچي شاعري آهي جا اندر مان اُچل ڏيئي ٻاهر نڪري ٽوٽ دلين کي سر سبز ۽ شاداب ڪري. شعر اندر جي احساسن اُمنگن جو سهڻو اظهار آهي. شعر شعور لفظ مان نڪتل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي ڄاڻ، روشني، دانائي سياڻپ. دنيا جي جدا جدا ويچارڪن، ودوانن، عالمن فاضلن شعر بابت جدا جدا رايا ڏنا آهن. ڪن شعر ۾ رس رواني ڪن تخيل، ڪن وزن بحر ڇند ته ڪن صنائع لفظي شبدالنڪار ته ڪن صنائع معنويءَ کي ته ڪن شئليءَ کي اهميت ڏني آهي.

مئٿيو آرلنڊ موجب ڪوتا زندگيءَ جي تنقيد آهي، جانس جي خيال موجب شاعري هڪ اهڙو فن آهي جنهن جي وسيلي خوشيءَ کي سچائي سان ملايو وڃي ٿو. شاعر شئليءَ ذهن ۽ تخيل جي ترجمانيءَ کي شعر سڏيو آهي. مئڪالي موجب شاعري هڪ اهو فن آهي جنهن ۾ لفظن جي ذريعي اُهو ڪاجهه پيش ڪاجي ٿو جو هڪ چترڪار رنگن ۽ برشن ذريعي پيش ڪري ٿو. شاعر وردسورٿ موجب ايڪانت جي سمي گڏ ڪيل شڪتشالي احساسن جي اظهار کي شعر چئجي ٿو. هئزلٽ لکيو آهي ته شعر جذبات ۽ تخيل جي ترجماني آهي.

منهنجي ويچار موجب شعر نه صرف شاعر جي اُمنگن، احساسن، ارمانن، آزمودن، تجربن ۽ مشاهدن جو سهڻو اظهار آهي مگر جنهن زماني ۾ شعر لکيو ويو آهي، اُن زماني جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو نقش پڻ ان ۾ هئڻ گهرجي. شعر زندگيءَ جي تصوير آهي. شعر شاعر جي دپيل ڀاونائن جو چتر آهي.

شعر ۾ ڪلپنا سان گڏ حقيقت نگاريءَ جي پڻ وڏي اهميت آهي. شعر ۾ ستيم، شوم ۽ سندرم اهي ٽيئي گڻ هئڻ گهرجن. شاعر جيڪي خيال شعر ۾ پيش

ڪري انهن ۾ صداقت يعني ستيہ جو عناصر هجي. شعر پڙهڻ سان پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي ڪو فيض رسي. شعر جي ان خوبيءَ کي شوم سڏجي ٿو.

شاعر جيڪي خيال پنهنجي شعر ۾ ظاهر ڪرڻ چاهي اهي اهڙي انداز سان پيش ڪري. جنهن ۾ النڪار (لفظي صنعتون ۽ معنوي صنعتون) استعمال ڪيل هجن. ٻولي بہ سهڻي ۽ ميٺاج واري هجي. ان کي ساهتيہ ۾ ”سندرم“ جو گڻ چئجي ٿو.

شعر ۾ نصيحت جو هئڻ ضروري آهي. جا سڌيءَ طرح نہ پر اڻ سڌيءَ طرح ڏيڻ گهرجي. پڙهندڙ ائين محسوس نہ ڪري تہ شاعر کيس نصيحت ڏيئي رهيو آهي. آچاريہ ممٽ پڻ ان ڳالهہ جي تائيد ڪندي لکيو آهي تہ جيئن هڪ سياڻي استري پنهنجي اندر جي اڃا گهوٽ اڳيان ظاهر ڪندي آهي تيئن شاعر کي بہ منو وگيانڪ نمونې نصيحت جو اظهار ڪرڻ گهرجي.

وڳر ڪيو وتن پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن ماڻهان ميٺ گهڻو.

شاهہ لطيف هن بيت ۾ پکين جي پريم ۽ ايڪتا جو ذڪر ڪندي عام ماڻهن تي طنز ڪئي آهي تہ ماڻهن کان وڌيڪ محبت پکين ۾ آهي، جيڪي گڏجي اڏامن ٿا، گڏجي کائين ٿا، هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿين ٿا. منجهن ڪڏهن نہ ميل ميلاپ آهي. پکي ڪن ڳالهين ۾ ماڻهن کان بہ بهتر آهن. شاهہ صاحب ان بيت ذريعي ميلاپ ۽ محبت جي سکيا سڌيءَ طرح ڪين ڏني آهي، پر اڻ سڌيءَ طرح هو پنهنجو مطلب واضح ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

شاعري لطيف فن آهي. ڪي شاعر فن برائي فن جي تقليد ڪندي اهڙين تصنيفن جي تخليق ڪن ٿا، جن کي عوام تہ ٺهيو پر ڪي عالم بہ مشڪل سمجهي سگهن ٿا. اهڙين رچنائن مان ڪهڙو فيض حاصل ٿيندو! چيز کي سمجهڻ سان ئي لطف حاصل ٿيندو آهي. شاعر عوام جو عيوضي آهي. تنهن ڪري هو صرف من جي موج لاءِ شعر جي تخليق نہ ڪري. هو اهو ڪي ڏي جو زندگيءَ سان وابستہ هجي. سنت تلسيداس شري رامچر تمانس جي شروعات ۾ لکيو آهي: ”مان پنهنجي آنند جي پراپتيءَ لاءِ ’شري رامچرت مانس‘ جي رچنا ڪري رهيو آهيان.“ ان ڪاويہ گرنٿ جي رچنا سبب نہ صرف کيس آتمڪ آنند جي پراپتي ٿي، پر اڄ بہ سندس ”رامچر تمانس“ هزارن جي راهہ روشن ڪري رهيو آهي. شاعر پنهنجي رچنا دواران سڌي يا اڻسڌي طرح ڪا نہ ڪا نصيحت ڏئي جئن پاڻڪ جي من ۾ پريورتن اچي، وهنوار ۽ پرمارٿ لاءِ سندس راهہ روشن ٿئي.

سنڌي ناصحاڻا شعر

سنڌيءَ ۾ ڪي ڪن شاعرن ناصحاڻا شعر چيو آهي، اُن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

• شاعر قاضي قادن

قاضي قادن پنهنجي دور جو اعليٰ ترين سنڌي شاعر هو. هي صاحب سنڌي شعر جي عمارت جو نقش نگار هو. اُن جي پيڙهه جو پٿر به هن عالم وڌو. هن شاعر سمن جي صاحبيءَ ۾ سنه ۱۴۶۳ع ڌاري سنڌ جي تواريخي شهر بکر ۾ قاضي ابوسيد جي اڱڻ کي آباد ڪيو. هو عالم ۽ فاضل شخص ٿيو. هي صاحب سيد محمد جو نپوريءَ جو مريد ۽ معتقد بڻيو. خدا ترس شخص هو. پنهنجا ڏنل فيصلا ڏاڍي سياڻپ ۽ دريافت سان ڪندو هو. حاڪم شاهه حسين ارغون قاضي قادن کي بکر ۾ اُن جي پسگردائيءَ جو قاضي مقرر ڪيو.

قاضي قادن دنيوي علمن ۾ ته پڙ هو پر روحاني راهه ۾ به روشن ٿيو. درويشن فقيرن جي صحبت ۽ مرشد سيد محمد جونپوريءَ جي عنايت سان هن روحاني فيض حاصل ڪيو. ۱۵۵۱ع ۾ هن واليءَ سان وصال ڪيو. هن صاحب سنڌي ۾ شعر لکيو. سنه ۱۹۷۶ تائين هن صاحب جا صرف ست بيت روشنيءَ هيٺ هئا. سنڌي اديب هيري ٺڪر کوج ڪري هندي اکرن ۾ لکيل سنتون کي واٽيءَ جو اڀياس ڪيو. ان مان کيس قاضي قادن جي نا معلوم بيتن جي پروڙ پئي. هن کوجنيڪ جفاڪشي ڪري قاضي قادن صاحب جا بيت سهيڙي سوڌي قاضي قادن جو ڪلام ڪتاب تشريح سان سن ۱۹۷۷ع شايع ڪري سنڌي شاعريءَ جي قديم دور ۾ نئون ورق ورايو. ان ڪتاب ۾ قاضي قادن صاحب جا ۱۱۲ بيت ڏنل آهن. سندس ڪلام ۾ تصوف ۽ ويدانت جو سنگم آهي. هن صاحب سنتن جي ٻاٽيءَ جيان دوها سورٺ ڇند اپنايو. قاضي قادن صاحب

جي ڪلام ۾ روحاني راز به آهن ته فيلسوڦاڻه خيال به آهن ۽ نصيحت آميز نڪتا به آهن. پيش آهي سندس ناصحاڻه ڪلام جو جائزو. عاشق کي روئي ڪري پنهنجي عشق جو اظهار نه ڪرڻ گهرجي. جيسين دلبر جو ديدار نه ٿيو آهي. تيسين ڪائين وانگر برهه جي باهه ۾ جلڻ گهرجي.

روئي م ڪر پترو هٿ منجهيئي حال،
جان جان پريان نه ملءِ تن ڪاٺيءَ جيئن ٻال.

ڏٺي سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو انڪري تون ڪوڙ کان ڪنارو ڪر. جيڪي تنهنجي من ۾ کوٽا خيال آهن تن جي هن کي ڄاڻ آهي. انڪري سدائين سچ جي راهه وٺ.

سچي سائينءَ ساڻ تون م ڪر ڪوڙي ڪوڙيان،
جي تو منجهه هنيانو، وو سيو ڪُلي پرڪٽو.

سائين کي سچ پيارو آهي. هو پاڻ ستيه روپ آهي. سچي انسان تي نه ڪرهه جو اثر ٿيندو نه ڪيس نانگ ڏنگي سگهندو.

سچ پيارا سائينيان، سائين سچ سهاءِ،
سچي منگل نه دهنه، سچي سرپ نه کاءِ.

شاعر قاضي قادن سچ ۽ ڪوڙ جي ڀيٽ ڪندي، سچ جي راهه تي هلڻ جي تاڪيد ڪري ٿو:-

سچ سمنڊا سر چڙهنه، ڪوڙ ڪڪائين باهه،
جڏهون ڪڏهون ڪوڙ کي ڏيندو سچ سزاءِ.

اسان مان هڪ هڪ اوديا جي ننڊ ۾ ستل آهِي، اسان کان والي وسري ويو آهي. پرين جي پچار ڪين آهي مئلن وانگر سمهيا پيا آهيون انڪري شاعر طنز ڪندي صلاح ڏئي ٿو:-

ستو سڄي رات منهن ڍڪي مئَن جيئن،
نه تو سنبل تات، نه جهوري تو آهه ڪا.

جن جي اندر ۾ عشق آهي، ميري لباس ۾ هوندي به تن ۾ نوراني نور چمڪي ٿو.

جن محبت من ۾ تي مئلِي ئي سوين،
تن ۾ ٻلنه مشعلان سي سدا سپرين.

جيڪو پهرين پنهنجي هستي کي نابود ڪندو سوئي پرينءَ کي پسي سگهندو. پاڻ وڃائڻ سان ئي پريتم کي پراپت ڪري سگهبو. انڪري قاضي قادن صاحب صلاح ڏئي ٿو :-

پهرين پاڻ وڃاءِ پاڻ وڃائي سو لهي،
من اندر منهن پاءِ تو ئي اندر سپرين.

قاضي قادن صاحب سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته تون پهرين پاڻ کي پڇاڻ، پرماتما کي ڇاڻڻ سولو آهي. دنيا جي درن تي ڌڪا کائڻا پون ٿا، انڪري داتار جي در عرض ڪريون ان هڪ مالڪ جي اوٽ وٺون، شرڻ وٺون جيڪو ڪڏهن خالي نٿو موٽائي.

پهرين پاڻ پرک، پرين پرکڻ ساکڙا،
در ٻيي سوئي رک جتان ڌڪا نه لهين.

دنيوي علم جا ڪتاب روحاني منزل جي حاصلات لاءِ ڪارگر ڪين آهن. قاضي قادن صاحب دنوي عالمن تي طنز ڪندي اُنهن جي کوهه جي ماڪوڙي سان ڀيٽ ڪندي سکيا ڏين ٿا.

ڪنز قدوري ڪافيه، جي پڙهي پروڙين سڀ،
ته ڪر منبي ماڪوڙي کوهه ۾ پيئي ڪڇي اُپ.

ڏٺيءَ اسان کي زبان ڏني آهي ته اُن سان اسين پروردگار جي ثنا ڳايون ۽ سڀ سان مٺو ڳالهايون پر اسين ان زبان جو پوريءَ طرح استعمال نٿا ڪريون. شاعر بيدار ڪندي صلاح ڏئي ٿو :-

ڏنئين پاڻ وکاڻ کون، ڇپ تنهنجي و ات،
وڏي خالق نه گهرين، ڪرين ٻاڙي بات!

♦سيد شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو

سيد شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو پنهنجي دور جو اعليٰ سنڌي شاعر بہ هو تہ درويش بہ هو. هي صاحب سنہ ١٥٣٦ع ڌاري سنڌ جي مٽيارين ڳوٺ ۾ سيد الله عروف لعلمحمد جي گهر تولد ٿيو. ننڍپڻ ۾ کيس مڪتب ۾ وهاريو ويو مگر سندس دل پڙهڻ ۾ ڪين لڳندي هئي صرف 'الف' اکر يعني الله جو نالو اُچاريندو هو. وڏو ٿيو تہ عيال جي پرورش لاءِ محنت مزوري ڪرڻ لڳو پر سندس من جو لاڙو ڌڻيءَ طرف هوندو هو. هڪ دفعي مٽيارين ۾ هڪ بزرگ درويش سلطان ابراهيم آيو. هن شاه ڪريم جو روحاني ذوق ڏسي کيس خُدا جي ذڪر جي تلقين ڪئي. مريد کي مرشد مليو. سندس راهہ روشن ٿي. سندس سوين مريد ٿيا جن کي هن روحاني راهہ ڏيکاري. هي صاحب شاهہ عبدللطيف جو ترڏاڏو هو. هن درويش شاعر دوها ۽ سورٺا چيا آهن. ميمڻ عبدالاحيد سندس ڪلام جو مجموعو ڪريم جو ڪلام مرتب ڪيو آهي.هن صاحب روحاني رمزن وارا بيت چوندي، ناصحاڻہ ڪلام بہ چيو آهي، ڪي مثال پيش آهن:

مٺ پيڙيائي پلي، جو اُپٽي تہ واءُ،
جو پڌر وڌي ڳالڙي، تو ڇڏي وڃي ساءُ.

سالڪ کي پنهنجي بندگي جو اظهار ڪرڻ نہ گهرجي. ست ڪرم ڪندي مبهم رهي.

ڌڻيءَ جو ديدار اُهي ۽ ڪري سگهندا جن پيائيءَ کي پوڙي ڇڏيو آهي. جيڪي دل ۾ دويت ڌاريندا سي ڪيئن پرينءَ کي پسندا. اهڙن اگيانين تي طنز ڪندي شاعر صلاح ڏئي ٿو:

مورک مور نہ ٻجهتا، ميڏانهن موڏانهن ڪن،
ڪتر جن جي اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن!

شاعر سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ هڪ ڌڻي جوئي ذڪر فڪر ڪر، ٻي ٻولي نہ ٻول، من ۾ بہ اُن جو چنتن ڪر.

تون چو الله هيڪڙو، وائي ٻيءَ سک،
سچو اکر من ۾، سوئي لکئو لک.

روحاني راهہ ۾ سالڪ جڏهن خوديءَ کي ختم ڪندو تڏهن ئي پنهنجي اندر ۾ محبوب جو مشاهدو ماڻي سگهندو.

پيرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوُ لھہ،
تھان ڏار نہ سپرين مھہ مناجھئين پاءِ.

جيڪي پنھنجي مستي نشا متائين اُهي دنيا جي ترڪڻ بازيءَ ۾ ترڪي ختم ٿي وڃن ٿا.

پائنڻ جي پائين سي ترڪن تڪڙي،

پرين جي پار جي پانڌيئڙن کان عزيز خويش پلي وسرن پرڏٿي وسرڻ نہ گھرجي. يار جي يادگيريءَ سبب سندس من سدائين روشن رهندو.

ور وسري تہ ڪوھہ؟ پروَر نہ وسرئون
ڪو نہ چوندو ڪڏهين تہ اگڻ اونداهو هوس.

سنساري ڪم ڪاريون ڪندي دل جي تار پرماتما سان ڳنڍيل هجي. شاهہ ڪريم صاحب ڪھڙي نہ سھٽي صلاح ڏني ٿو.

'هنيو ڏجي حبيب کي لڱ ڳڏجن لوڪ.'

سالڪ کي پرينءَ جي حاصلات لاءِ رت جا لڙڪ ڳاڙڻا پوندا. پريم نياپن ڏيڻ سان ڪين ٿيندو آهي. سڏون ڪرڻ سان سيڻ ڪين ملندا آهن.

نيھہ نياپي تہ ٿئي، سڏين سيڻ نہ هون،
ڪارين راتين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رون.

وهنوار ۾ يا پرمارٿ ۾ ڪي منجهي پون ٿا تہ اُنھن کي ٻين کان اُن بابت پڇڻ گھرجي، جي پڇن ٿا سي بھادر آهن.

جي پڇڻا نہ منجھڻا، جي پڇن سي وير،

اسان مان ڪيترن جي اها حالت آهي جو گھر ۾ گنگا پئي وهي ۽ اسين پياسي رهجي وڃون ٿا. اسين پنھنجي آتم سروپ کي نہ سڃاڻي ٻاهر پيا پڪون ۽ دکي ٿيون ٿا. آتما اسان مان هڪ هڪ ۾ موجوُد آهي. شاعر قاضي قادن ساچيت ڪندي صلاح ڏني ٿو:

پاڻيءَ اُتي جھوپڙا مورک اُڃ مرن،
دانهن ڪن مُنن جيئن دم نہ سڃاڻن.

♦ شاعر لطف الله قادري

شاعر لطف الله صاحب سنہ ١٦١١ع ڌاري سنڌ جي اگھم ڪوٽ ۾ تولد ٿيو ڊاڪٽر دائود پوٽي جي خيال موجب هي شاعر پريالو خيرپور رياست

۾ ڇائو. هي سچو صوفي ۽ بلند پايہ شاعر هو. سنہ ١٧٧٩ع ۾ هن وڇي واليءَ سان وصال ڪيو. شاعر لطف الله سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو تہ روحاني راهہ ۾ عقل و علم ڪم ڪين ايندا. پاڻ کي پڄاڻڻ لاءِ پهرين پاڻ وڃائڻو پوندو. تہ پوءِ چوڏاري دلبر جو ديدار ٿيندو.

عقل اِت نہ آ ڪري وئو سيوئي ڇاڻ،
جيرت هنيو سيڪو، توڙي عاقل عالم مت سڄاڻ،
پيهي پروڙج پاڻ، پرينءَ ري ڪي نہ پسجي.

جن کي ائئي پهر پرينءَ جو پسڻ جي پياس آهي. سندن تن من ۾ هڪ ئي تار آهي، اڪيون بہ اُن هڪ جو تصور ڪنديون رهن ٿيون اهڙا سڪايل جلدي محبوب جو مشاهدو ماڻيندا.

جن راتو ڏينهان تنهنجي تاري طلب تات،
تن هنيون اڪيون هيڪڙو، وائي ٻي نہ وات،
او وهاڻي پريات، پرين پسندا پاڻهين.

هڪ دفعو جانب جو جلوو جمال پسڻ سان ورهين جي پياس پوري ٿئي ٿي.

حسن حبيب جو پسين جي هيڪار
تہ توکي سيپ ڇمار وڃي اُڃ ورهين جي.

◆عثمان احساني

شاعر عثمان احساني پهرين پاڳ ناڙي ۾ رهندو هو. پوءِ سنہ ١٦٤٠ع ڌاري لکي ڳوٺ سکر ضلع ۾ اچي مقيم ٿيو. هي صاحب ويسلي انسان کي آگاهہ ڪندي، موت جي ياد ڏياريندي سفر جي سانباهي جي تاڪيد ڪري ٿو :

اُٿي هلندين اوچتو تہ ڪنهن پہ پرياڻ،
ڪو ڏهاڙو آهين، دنيا منجهہ مهمان،
جو ڏايو سفر موت جو سجهي ٿو سڀاڻ
اُٿي ويهہ م ويسلو اٿي دنيا ڪوئي دم،
سانباهہ جو ساٿيا فڪر ڪر فهم.

انسان سهڻي سبول بدن تي ڪيڏو نہ گهمنڊ ڪري ٿو پر پڇاڙيءَ جو انسان جي ڪهڙي حالت ٿئي ٿي، اُن جو ذڪر ڪندي شاعر آگاهہ ڪري ٿو.

ٻَالھہ اٺانگي گور جي ويھہ ۾ وساري،
تِرس ۾ ويھہ تيار ٿي ساٿيئڙا سنيھي.
ھي حد ھيبت جھڙي ويندءِ گور ٻُھي،
سپ وڇون سھنس ڏنبڻ نانگن ساڻ لھي،
ڏنگي جان ڏنگن سان ويندءِ ڏيل ڏھي.

شاعر عثمان احسانيءَ پنھنجي ڪلام ۾ نصيحت آميز نڪتہ پيش ڪيا آھن. شاعر صلاح ڏيندي چوي ٿو

شمع آٺاج پاڻ سين ھٿن ۾ ٻاري،
ڪر سعيو اُنھيءَ سڏ جو ويھہ ۾ وساري،
غير ڪيۡ قلوب مان مروت سان ماري،
تہ ھاڃي سدائين سوجھرو دائم تو ڏاري.

شاعر مذھب جي قاعدن پالڻ جي تائيد ڪندي اُنھن جي نتيجي جو ذڪر ڪندي بيدار ڪري ٿو.

وھاءِ ڙي ويلو ٿي، اُٿي بندا جاڳ،
جنھين محمد ماڃيو سدا تن سھاڳ،
احساني عثمان چوي پريو تن جو پاڳ،
ڪلمي جي قرارسين لطفون لھندا لاڳ.

♦ سنت دادو ديال

سنت دادو ديال سورھين عيسوي صديءَ ۾ راجستان ۾ ڄائو. سندس ھندي واڻي ڪافي مشھور آھي. سندس ڪاڄھہ دوھا سنڌيءَ ۾ ملن ٿا. سنتن جو ڪم آھي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪرڻ. سنت دادو بہ سالڪ کي ساڃاڳ ڪندي انتھہ ساڌنا جي صلاح ڏئي ٿو:-

دادو غافل ڇو وتين منڃھين رب نھار،
منڃھي پي پاڻ جو، منڃھيئي ويچار.
دادو جھاتي پائي پس پري ھاٿي لاءِ ۾ وير!
سپ سيو ئي ھليو، پوءِ پسنديون ڪير!

♦ سنت پراڻ ناٿ

سنت پراڻ ناٿ جو جنم سنہ ١٦١٨ع ڌاري سوراشٽر شهر جي ڄامنگر شهر ۾ ٿيو. هن سنت ڪوي گجراتي هندي ۽ سنڌي ۾ واڻي چئي آهي. ڇون ته سندن آڌياتمڪ گرو سنڌي هو. اُن جي اثر سبب هن ڪجهہ ڀاڱي سنڌيءَ ۾ چئي آهي. سندس ڪاويہ ۾ ڪي نصيحت آميز نڪتہ آهن. ڪوي ساڌڪ کي پرڀات جو اُٿي بندگي ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو:-

آخر ويلا اُٿڻ جي. ائين روحين ڇڏيجا راند
اُٿي وچ عرش جي، ڪوڏ ڪري مڙون ڪانڌ.

♦ شاهہ عنايت رضوي ميمن

شاه عنايت رضوي ميمن سترهين صديءَ ۾ سنڌ ۾ ٿيو. کيس سکر ۾ درويش خيرالدين مرشد روپ ۾ مليو جنهن جو ديدار ڪندي مٿس محبت جي مستي تاڙي ٿي. مرشد جي مهر سان شاه عنايت رضوي روحاني رنگ ۾ رڱجي ويو. هن صاحب سنڌي ۾ ڪلام چيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هن درويش شاعر جو ڪلام سهيڙي 'ميمن شاه عنايت جو ڪلام' مرتب ڪيو. شاعر سُر پرڀاتيءَ ۾ سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ ڌڻيءَ جو در پري ڪين آهي. الله تہ تنهنجي تمام ويجهو آهي. ان ڪري هاڻي ئي تون سندن حضور ۾ وڃ، متان توکي شرمسار ٿيڻو نہ پوي.

اوڏو گهڻو عنايت چئي درم ڀائج دور،
ڪوهہ چينيائين پاڻ کي هلي وڃ حضور.

سسئي پنهونءَ جي داستان ۾ شاعر اڻسڌيءَ طرح نصيحت ڏيندي چوي ٿو تہ سسئيءَ کي ڏونگر بہ ڏس ڏين ٿا. هوءَ عشق جي راهہ ۾ هلندي پنهل کي حاصل ڪري ٿي، هن دنيا ۾ بہ سندس نيڪي ٿئي ٿي. الله جا عاشق ڌڻيءَ کي پائن ٿا تہ دنيا ۾ بہ سندن جس ڳائجي ٿو:-

الله لڳ عنايت چئي ڏنس ڏونگر ڏس
جڳ بہ رهيس جس هُت بہ پهتي هوت کي.

شاعر عنايت صاحب هڪ شعر ذريعي نصيحت ڏيندي چوي ٿو تہ جن جي زندگيءَ روپي جهاز جي ڏور ڌڻيءَ کي آهي اُن کي نڪي لهر نڪي لوڏو.

جنين جي جهاز کي ڏٽينءَ جو ڏاڳو،
اُن جو عنايت چئي سفر سياڳو،
تن کي بندر شاه باخشيو لحظي جو لاڳو،
اڳهين اوجاڳو، وريا ور سهاڳڻين.

اسين رات ڏينهن دنيوي پدارٿن گڏ ڪرڻ ۾ مشغول آهيون. ان ڪري
عر صلاح ڏيندي چوي ٿو ته صداقت پيار جو مال پنهنجي جيون روپي
ڙيءَ ۾ رک وڏا جهاز ڏسي گهبراءِ نه.

پاءِ اسباب 'اخلاص جو، وٺي تون تراز،
متان ڪي من لوڏئين، پسي جنگ جهاز.

◆ مدن فقير

مدن فقير شاه عبداللطيف جو همعصر هو. پنهي جي پاڻ ۾ دوستي هئي.
ي درويش پاڻ ۾ روح روهاڻ ڪندا هئا. مدن فقير جو جنم ١٧٨٥ع ڌاري سنڌ
ي ڪوٽڙي مغل ڳوٺ ۾ ٿيو. مدن فقير جا ڪي ٿورا بيت ملن ٿا جن مان
دازو لڳائي سگهجي ٿو ته هي درويش معيار وارو شاعر هو. هن صاحب
وحاني راه ۾ هلندي بيت چيا آهن. شاعر پنهنجي من کي سمجهائيندي اسان
ي به صلاح ڏئي ٿو-

مدن رهاٽيون چو ڪرين ڪوڙا ڪرين بيان،
ڏهه ڏندڻ ڏينهن ۾ سوين ڪرين سنان،
بنا نالي پڳوان اندر اڃو نه ٿئي!

شرير جي ٻاهرين صفائي ڪرڻ سان من صاف نه ٿيندو. ڪوڙ ڪپٽ جا
ڪم من کي ميرو ڪن ٿا. ڌڻيءَ جي عبادت ڪرڻ سان اسانجو اندر نرمل ۽
رم ٿيندو ۽ پوءِ پرينءَ کي پسڻ آسان آهي.

شاعر سالڪ کي سهٽيون صلاحون ڏيندي چوي ٿو ته نيڪي بديءَ جو
خيال نه ڪر.

نالو جپي نام جو گلا گنبت باس،
ماٺمن جي مدن چوي وهم مڙئي وماس،
ڪي ڪنداءِ شاباس، ڪي مورک ڏينداءِ مهٽا.

شاعر مدن پنهنجي من کي پرڀوڌ ڏيندي اڻ سڌيءَ طرح اسان کي صلاح

ڏئي ٿو:-

مدن پرائي ملڪ ۾ بڪ نہ گهٽي بڪ،
رائور وننڊو روڪڙو حاڪماڻو حق،
مدن تڏهن مرڪ، جڏهن ڪنڊو ڏٽي خلاص ڪرين!
مدن ڪر ماٽ سور مڙئي سهہ،
جيڪا رضا رام جي تنهن تي راضي رهہ،
واٽ وهين تون وهہ، منهن نہ موڙج ڪا ڏهين.

• شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ

سنڌي شاعرن جو سرمور شاه عبداللطيف ڀٽائي ڪامل درويش ۽ اعليٰ درجي جو مايہ ناز شاعر هو. هُو روحاني رمزن جو ماهر هو. هُو صاحب سنہ ١٦٨٩ع ڌاري حيدرآباد سنڌ جي هالا حويلي ڳوٺ ۾ شاه جيب سيد جي گهر تولد ٿيو. ننڍپڻ ۾ ڪيس مڪتب ۾ وهاريو ويو مگر سندس دل پڙهڻ ۾ ڪين لڳندي هئي. هُو ايڪانت ۾ پنهنجي ڳوٺ ٻاهر جهنگل ۾ وڃي وڻ هيٺان ويهي ڏٽيءَ جي بندگي ڪندو هو. هُو روحاني راهہ جي منزل ڏانهن وڌندو رهيو. شاه ڪريو بلڙيءَ وارو سندس ترڏاڏو هو. ترڏاڏي جو اثر ترپوٽي شاه لطيف تي پيو. ٻنهي جي ڪلام لکڻ جو ڍنگ رنگ ساڳيو آهي. عالمن شاه صاحب جو سمورو ڪلام سهيڙي 'شاه جو رسالو' ۾ مرتب ڪيو آهي. شاه جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جو امر املهہ خزانو آهي. سندس ڪلام ۾ روحاني راز تہ سمايل آهن پر ساڻ ساڻ وهنوار لاءِ بہ سونهپ ڪيل آهي. هن صاحب ناصحاڻو ڪلام بہ چيو آهي جو روحاني راهگيرن ۽ سنساري ماڻهن جي راهہ وشن ڪري ٿو. شاه پرين جي پار جي پانڌيئڙي کي چوي ٿو تہ تون جيڪي جلوو جمال پسي رهيو آهين سو هڪ حانب جو آهي -

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل،
هڪ حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀُل،
هُو هلاچو هُل، با الله سندو سڄڻين.

بندي ۽ ڏٽيءَ کي ڪي جدا هستي سمجهن ٿا. بندو ڏٽيءَ جو پڙاڏو آهي.

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، پر ٻڌڻ ۾ بہ ٿيا.

شاه لطيف پنهنجي ڪلام ذريعي سالڪن کي سهٽيون صلاحون ڏنيون.

آهن جن تي عمل ڪرڻ سان سالڪ مالڪ سان ملي سگهن ٿا.

هل هنئين سان هوت ڏي پيرين پنڌ وسار،
قاصدائي ڪار ڪين رسائي ڪيچ ڪي.
اکيون اُهي ڌار جنهن سان پسين پرين کي،
ٻي ڏي ڪين نهار، رانجهن ريساٽو گهٽو.

روحاني راهہ ۾ عقل جو ڪم ڪين آهي. سائين وٽ سياڻپ مور نہ هلندي.

الا ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سين مون پرين، پوراٽيءَ ۾ پال ڪيا.

سالڪ کي خودي ختم ڪرڻ گهرجي تڏهن ئي الله جي ويجهو ٿيندو.

هيڪر هُئڻ ڇڏ، تہ اوڏي ٿئين عجيب کي.

حليمائيءَ سان هوت کي حاصل ڪري سگهبو.

ڀول تنين جي ڳس، هيٺا نميون هلن جي.

عاشقن کي نمائيءَ جيان عشق جي آڳ جي ڀاڦ ٻاهر ڪڍڻ نہ گهرجي.

نهائين کان نينهن سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ڀاڦ نہ نڪري،

انسان هيٺو آهي، ڌڻيءَ جي اڇا کان سواءِ هوُ ڪک بہ ڀڃي نٿو سگهي. تنهنڪري شاه لطيف تاڪيد ڪندي چوي ٿو :

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو.

سائينءَ جي در سدائين توبهہ ڪرڻ گهرجي.

توبهہ جي تاثير سان تري ويا طوفان

روحاني راهہ ۾ وڌڻ لاءِ توبهہ ۽ توڪل ضروري آهي :

ڏيئي توڪل تڪيو آر لنگهيا آسان.

سورن سهڻ سان ساجڻ ملي ٿو. شاه لطيف انڪري ڏکن کي سکن کان وڌيڪ ترجيح ڏني آهي :

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري،
جنين جي ورونهن، ساجڻ آيو مان ڳري.

پکي ٿولا ناهي اُڏامن ٿا. ڳنڍجي ڪائن ٿا. ماڻهن کان وڌيڪ ميلاپ ۽ محبت پکين ۾ آهي. شاعر اسان کي اڻ سڌيءَ طرح ميلاپ محبت جي نصيحت ڏئي ٿو :-

وڳر ڪيو وتن پرت نہ چنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن ماڻهان ميٺ گهڻو.

اسان مان گهڻن کي سستي ورائي ويندي آهي. پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ رات ۽ ڏينهن اُدم ڪرڻ گهرجي.

تتي تڏي ڪاهہ، ناهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ پير نا لهين پرينءَ جو.

سنساري سودا ڪوڙا آهن، ناسونت آهن. نام جو سودو سچو آهي، جو پرلوڪ ۾ بہ ڪم اچي ٿو ۽ پراڻو ڪين ٿو ٿئي. شاهہ لطيف ان سچي سودي ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي فرمائي ٿو :

وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿئي نہ ضاءِ،
ساڪا هڙ هلاءِ، آڳهہ جنهن جي اُڀين.

ننڊن ڪرڻ سان ڌڻيءَ جو ديدار ڪين ٿيندو. سالڪ کي لوڀ لالچ دنيوي حرص جا ڪپڙا لاهي پرينءَ جي پار ڏانهن پُرڻ گهرجي.

سڀ ننگيون تي نڪرو لالچ چڏي لوڀ
سُپريان سين سوڀ ننڊون ڪندي نہ ٿئي.

ڪو ڏک درد اچي ٿو تہ اسين ڏکي ٿيون ٿا. ڌڻيءَ جيڪي ڪري ٿو اُن کي مٺو سمجهي قبول ڪريون. اُن ۾ اسانجي ڀلائي آهي. هر ڳالهہ ۾ ڌڻيءَ جو راز آهي. ان ڳالهہ تي سوچون تہ ڪڙائي محسوس ڪين ٿيندي گروجن بہ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمايو آهي :

تيرا ڀاڻا ميٺا لاڳي

شاهہ لطيف بہ ساڳيو سنديش ڏيندي چيو :

پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيت ڪري.

پنهنجي ڪنهن دوست وٽ ور ور وڃڻ چنچلتا جي نشاني آهي. عزت گهٽبي آهي. انڪري شاهہ لطيف نصيحت ڏئي ٿو :

هر هر هوراٽي وڃڻ در دوست جي

شاعر ڌڻيءَ جي عبادت جو ذڪر ڪندي چئي ٿو تہ جيڪي راتيون جاڳي رب کي ريجهائن ٿا. اُنهن جي در جي مٽي بہ ملهائتي ٿئي ٿي. مرڻ پڄاڻا سندن در تي سوين سجدو ڪن ٿا. انڪري اسين و اليءَ کي نہ وساريون.

ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو

اُن جي عبداللطيف چئي متي لڌو مانُ.
ڪوڙين ڪن سلام آڳه اچي اُن جي.

ڏات ذات جي آذار ڪين ملندي آهي پر جيڪي پورهيو ڪندا آهن، ساڃنا ڪندا آهن، اُنهن کي الله ڏات ڏيندو آهي. شاعراڻ سڏيءَ طرح اسانکي به نصيحت ڏئي ٿو ته ڏٽيءَ جي حاصلات لاءِ يا دنيوي ڪاريه جي سڦلتا لاءِ اُدم ڪريون.

'ڏات نہ آهي ذات تي جو وهي سو لهي.'

هڪ ڪلام ۾ شاه صاحب صلاح ڏيندي چوي ٿو پنهنجي دل کي درخت وانگر ڪريو. وڻ کي پٿر هڻو ته وڻ ميوو ۽ ٻور ڏيندو. هوُ وڻ، وڍيندڙ سان به وير نہ رکندو آهي، پر موٽ ۾ پنهنجو ڦل ڏيندو آهي. اسانکي به ڪو ستائي ٿو، دکي ڪري ٿو ته اسين وڻ وانگر صبر ۾ سهي محبت جي موٽ ڏيون. شاه لطيف فرمائي ٿو :

دل ڪر درخت جي دستور
چارپ لڳي چُڳا چڻن ميوو ۽ پيو ٻور
وڍيندڙ سان وير نہ رکي توڙي ڪري چڪناچور.

ڏٽيءَ ۾ پورو پورو اعتقاد هئڻ گهرجي. زندگيءَ ۾ لاهيون چاڙهيون اچن ٿيون، نا اُميد ٿيڻ نہ گهرجي. واليءَ جا وڻ ويڄها آهن. اُن الله کي التجا ڪرڻ گهرجي. شاه لطيف آٿت ڏيندي چوي ٿو :

آسرو م لاهيڄ، سڄڻ ٻاجهندڙ گهڻو.

دنيوي ڪتابن جا ورق ورائڻ مان روحاني فيض حاصل ڪين ٿيندو من کي صاف ڪرڻ سان ئي محبوب جو مشاهدو ماڻي سگهبو.

اکر پڙه الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا!

پڙهڻ، ڪڙهڻ ۽ پوءِ ٺرڻ اهي ٽي ڏاڪا آهن. اسين سوين ڪتاب پڙهون ٿا پر اُنهن ۾ سمايل سار جو چنتن ڪين ٿا ڪريون، انڪري شاه صاحب طنز ڪندي صلاح ڏئي ٿو :

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاٺان ڏوهه چڙهن جئن ورق ورائين وِترا.

تو ۾، مون ۾، هر جيوَ ۾ هڪ والي وياپڪ آهي، انڪري ڪنهن سان به برو وهنوار نہ ڪرڻ گهرجي، اسانکي به پوءِ سڀڳي موٽ ملندي. شاه لطيف فرمائي ٿو :

پائي ڪانءُ ڪمان ۾ ميان مار م مون!
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

نمرتا ۽ ڪميا اسان جا ڳهڻا آهن ۽ سک ڏيندڙ آهن. پر ڪاوڙ ڪرود دک ۽ اشانتي پيدا ڪندڙ آهن. صبر ڪرڻ سان، نمرتا ڪرڻ سان سک ۽ من جي شانتي ملي ٿي. شاه لطيف اها سکيا ڏيندي چيو :

نمي کمي نمار تون، ڏمر وڏو ڏک،
منجهان صبر سک، جي سنوارٽا! سمجهين.
ڪم ڪمندن ڪٽيو، هارايو هوڙن،
چکيو نا چوندن، هوُ جو ساءُ صبر جو.

ٻيا پلي توسان ناتو ٽوڙين پر تون غم ڪائي ناتو جوڙ. جيڪڏهن ڪي تنهنجي اوگڻن جي اُپٽار ڪن ٿا تہ بہ تون اُنهن جا گڻ ڳاءِ، صبر ۾ پاند جهلي سهہ. روحاني راهہ ۾ اِهي ڳالهيون توکي فيض رسائينديون.

چنن توءِ م چڻُ، پاءِ اُميري اُن سين،
جي هوُ اوڳڻ ڪنئي، سونهين اِ تہ تون ڳڻان ئي ڳن،
پاند جهليو تون پڻُ، هن سونهاري سڱ ۾.

ٻيا پلي توکي ڪاجهہ بہ چون تون ان جو جواب نہ ڏئي، جيڪو توسان اٽوٽندڙ وهنوار ڪري ٿو، توکي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو سو اُنجو نتيجو پوڳيندو. حسد واري کي ڪاجهہ حاصل ڪين ٿيندو.

هوُ چوني تون م چو واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاند ۾ پاٽي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

ڪنهن بہ حسد ايرڪا مان ڪاجهہ ڪين حاصل ڪيو آهي. حسد هاڃي رسائي ٿو.

'ڪنين ڪين پرائيو، ڪيني منجهان ڪين'

مرشد اها هدايت ڪئي آهي تہ ٻيا توکي پلي طعنا مهٽا ڏين پر تون اُنهن جي موٽ نہ ڏئي ماٽ ۾ رهہ. اُنهن جي ساري سر ٿي جن پنهنجي من کي ماٺ سان ماريو آهي. شاعر شاه صاحب ماٺ ۾ رهڻ جي تاڪيد ڪندي چوي ٿو :

سُٽي ويڻ ڪنن سين، ورائج م وري،
هاديءَ جي هدايت جي آهي اِي ڳري،
تن سچي ساهہ سري، جن ماريو نفس ماٺ سين.

جيڪي توکي ڪجھہ ڪين ٿا چون، اُنهن کي تون ڪجھہ ڪين چوُ. جيڪي توکي گھٽ وڌ ڳالهائين ٿا، اُنهن کي وساري ڇڏ. تون نياز نہ وڙت واري واٽ وٺ. خاڪساري اختيار ڪري ماٺ ۾ گذار، وويڪ موجب مل تہ انصاف ڪندڙ اڳيان تون محتاج نہ ٿيندين.

اڻ چوندن ۾ چوَ، چوَندن چيو وسار،
ائني پهر ادب سين پر اهائي پاڙ،
پايو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار.
مفتي منجھہ وهار، تہ قاضي ڪانيارو نہ ٿئين!

جن جي ويجهو ويهڻ سان دک جي حاصلات ٿئي، ڪي دنيوي فائدا ملن تہ بہ اُنهن جو سنگ ۾ نہ رهہ.

ويٺي جنين وٽ، ڏکندو ڏاڍو ٿئي،
سامجلس ئي مٽ جي حاصل هوءِ هزار جو.

جن جي سنگ ۾ گذارڻ سان دک دور ٿئي. اُنهن جي ويجهو گذار.

ويٺي جنين وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تن ! تنين سي ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا.

شاه لطيف اسانکي سچ جو سودو ڪمائڻ، ڌڻيءَ جي پندگي ڪرڻ لاءِ صلاح ڏيندي چوي ٿو :

ڪوڙ ڪمائيہ ڪچ، اُٿي اور اللهہ سين،
ڪِرِ تون دغا دل مان، صاحب وٽي سچ،
ان پر اُٿي اچ، تہ سودو ٿيئي سڦرو.

شاعر سمنڊ جي شيوا ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

شيوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سنئين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسومڙيئي مال، تہ پوڇارا پُر ٿئين.

شاه صاحب غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪندي چوي ٿو تہ ڌڻيءَ جو ميلاپ ننڊن ڪرڻ سان ڪين ٿيندو :

سُتا اُٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايڏي،
سلطاني سهاڳ ننڊن ڪئي نہ ملي،
سُتي نا سرنداءِ ڪر پچار پرين جي،
وهامي ويندءِ ڏيهنڙا پوءِ تون هٿندين هٿڙا!

چڱن سان تہ هرڪو چڱو هلي ٿو، بُرن سان بہ اسانکي چڱو هلڻ گھرجي.

جهڙو جنهن وٽ سودو هوندو سوئي ڪندو. روحاني راهہ جي راهگير کي سيني سان سٺو مٺو وهنوار ڪرڻ جڳائي :

چڱا ڪن چڱايون، مٺايون مٺن،
جي وڙ جڙن جن سين سي وڙ سيئي ڪن.

موت روپي ڪنوڻ پئي ڪنوي، تون بيدار ٿي ڌڻيءَ جي بندگي ڪر. اها صلاح ڏيندي شاه صاحب چيو :

ڏوري لهہ ڏاتار، جم وهين ويسرو،
هڪو هوئاچ هوشيار ڪنوڻ ڪنوديءَ اوچتي.

سالڪ کي سڀ ساڻن ڇڏي، خوديءَ کي ختم ڪري عشق جي راهہ ڏانهن وڌڻ گهرجي شاه سُر سهڻيءَ ۾ سهڻي کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

پاڻ ۾ ڪڻاج پاڻ سين، وسيلا وڃاءِ،
عشق ساڻ اُٺاءِ، پير پريان جي پار ڏي.

جيڪي ڌڻيءَ کي ياد ڪن ٿا، ڌڻي اُنهن کي ياد ڪري، اُنهن جي سنڀال ڪري ٿو. جن جي اندر ۾ ساڃي سڪ آهي تن کي ترهو ٻاهريون ساڌن بہ بوجهہ لڳي ٿو، عشق ئي کين الله سان ملائي ٿو.

پاڃن جي ميهار کي پاڃي سي ميهار،
ترهو تنين بار، عشق جنين کي آڪرو.

سالڪ کي دنيوي خواب، خيال خطرا ڇڏي هڪ ڌڻيءَ جو فڪر ۽ ذڪر ڪندي اندر جي درسنيءَ ۾ ئي محبوب جو مشاهدو ماڻڻ گهرجي. شاعر صلاح ڏيندي فرمايو :

هاري! حق رکاج، سانپيارا ساهڙ جو،
خواب خيال خطرا، تن کي ترڪ ڏڻياج،
اندر آئينو ڪري پر ۾ سو پساج،
انهي راهہ رسياج تہ مشاهدو ماڻين.

ڌڻي اسان کان پري ڪين آهي صرف پنهنجي من کي دنيوي خيالن مان ڪڍي دل داتار سان جوڙڻي آهي تہ هو اسان کي وڪ ڪڍڻ کان نزديڪ آهي.

هتان ڪڍي هُت جن رکيو، سي رسيون
ساجن سونهن سُرت، وکان ئي وياجهو گهڻو.

اسين الله جي حاصلات لاءِ ٻاهر ڀٽڪون ٿا پر شاه لطيف سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو تہ انئي پهر پنهنجي اندر ۾ ئي اللهہ کي کوج تہ مشاهدو ماڻيندين.

'ساڄن سيپ چمار، ڏکي ڏورڄ ڏيل ۾.'

شاعر سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو ته تون پنهنجي هستي نيست نابود ڪر ته واليءَ جي ويجهو آهين، هوُ توسان سدائين ساڻ آهي.

هيڪر هڻ ڇڏ، ته اوڏي ٿئين عجيب کي
ته هوت توهين کان هڏ، پرين پاسي نه ٿئي.

شاهه صاحب صبر ۾ رهڻ جي صلاح ڏيندي چيو آهي ته:

صبر جنين جو سير تير نه ڪسي تن جو.
صبر جي شمشير سان ڪر ڪيني کي قتلام.
ته نانگا تنهنجو نام لکجي لاهوتين ۾.

شاهه صاحب ليلا کي تاڪيد ڪندي اسانکي به صلاح ڏئي ٿو ته عشق جي راهه ۾ خاڪساري اختيار ڪري معافي طلبگار ٿي ته ڏٺي توکي پاڻ کان پري نه رکندءِ

پائي پاند ڳچيءَ ۾، پاڻ غريبيءَ ڳڏ،
هڏ نه چوندءِ لڏ، ڪارون آٽنين ڪانڌ کي

انسان دکن ۾ دلگير ٿي منجهون هاري ٿو. شاعر آٿت ڏيندي چوي ٿو ته هر حال ۾ راضي رهجي ڏکن پٺيان سکن جا ڏينهن به ايندا :

مکي روءِ م رڙکي مکي منجهون هار
جهڙا اچن ڏينهڙا، تهڙا ويٺي گهار
ڏکن پٺيان سکڙا، سگها ٿين سنگهار

هتن سان دنيوي ڪم ڪاريون ڪندي، اکين سان ڏٺيءَ طرف نهاريون ته اسانکي من مندر ۾ دلبر جو ديدار ٿيندو.

هٿن سين هاج ڪر، نيڻن سين نهار،
اُيا اڱڻا پار، پسُ پنهنجا سُپرين.

دنيا ۾ گهٽائي زبان سان اسانجا يار سڏائين ٿا پر جڏهن اُنهن ۾ ڪو ڪم پوي ٿو ته اسانکي ڪل پوي ٿي ته هي دوست صرف دوستيءَ جي مام ٿو هڻي. شاهه لطيف اهڙن دوستن کان دور رهڻ لاءِ آگاهه ڪري ٿو :

يار سڏائي سيڪو، جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي ٿي ڪل پوي.

هڪ ڏٺيءَ سان: هڪ مرشد سان نينهن جو ناتو ڳنڍڻ گهرجي. اُهي چنچل شاخص آهن جي جدا جدا درن تي ڀٽڪن ٿا. اهڙن شاخصن تي طنز ڪندي شاهه صاحب صلاح ڏئي ٿو :

دل جو دلبر هيڪڙو، گھڻا تان نہ ڪجن،
دل ڏجي تنهن هڪ کي توڻي سوَ سڪن،
سي چلولا چئجن، جي در در لائين دوستي.

شاه لطيف پريندءَ جو پار جي پانڌيئڙي کي ۽ اسانکي وهنوار لاءِ بہ صلاح ڏيندي چوي ٿو :

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا تن جو ٿيءُ غلام،
صبر جي شمشير سان ڪرڪيني کي قتلام،
تہ نانگا! تنهنجو نام، لکجي لاهو تين ۾.

مغرور شخص ڪيتري بہ ڪوشش ڪن پر اُهي مورک ڏٽيءَ جي راهہ ۾ وک اڳتي وڌائي نہ سگهندا. سالڪ کي مالڪ لاءِ پنهنجي هستي ختم ڪرڻي آهي.

ڪڍيو تڪبر تڪيا، حيلا ڪيو هلن،
موڙها ٿا نہ لهن، لهي راهہ لطيف چئي.

اڄڪلهہ هرڪو پاڻ ٿو پوڄائي. ڏٽي ۽ مرشد وسري ويو آهي. اهڙن شخصن کي شاعر صلاح ڏئي ٿو تہ پاڻ پوڄائڻ، اها روحاني راهہ ۾ وڏي رنڊڪ آهي.

پوجا ڪار م پاڻ کي، پل پوڄا ڪان پاڻ،
ڄاڻي ڇڏ ڄاڻ، پُرجَ پورب پار ڏي.

سچا سنت درويش خدا جا پيارا جيسين حيات آهن. تيسين تون تن وٽ وڃي آتمڪ اُڄ ٻجهاءِ. متان قربان وڃ جيڪڏهن هوُ پنهنجو سنساري سفر پورو ڪري هتان هليا ويا تہ اهڙا ڪامل مرشد درويش نصيبن سان ملندءِ. سالڪ کي اهڙن درويشن مان روحاني فيض حاصل ڪرڻ گهرجي. شاهہ صاحب سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

تان ڪي ساٿن اور، جان آهين اوطاقن ۾،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾ پاڻ متائئن گهور.
ويا جي هنگلور، تہ ڪرم ملندءِ ڪا پڙي!

جن جي اندر ۾ بغض جي باهہ آهي اُنهن جا ستڪرم بہ سائين وٽ قبول ڪين پوندا. انڪري ڪنهن سان بہ بغض نہ رکون.

چاٽت پائي چت ۾ سنهو ڪتيو جن
تن جو صرافن، دڪو داخل نہ ڪيو.

هڪ ٻي بيت ۾ شاهہ صاحب چئي ٿو :-

الا ڏاهيون ۾ ٿيو، ڏاهيون ڏک حاسن
مون سان مون پرين پولائيءَ ۾ پاڻ ڪيا.

جيڪي من ۾ مالڪ جي محبت رکي ننڊڙا ننڊڙا ڪم ڪن ٿا، ڪا ڪاڻ آهي تہ بہ اُنهن جو ڪيل ڪرم سائين در قبول پوي ٿو :

محبت پائي من ۾، رندا روڙياجن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اڳهايو.

سنتن پريات ويلي جي ڪيڏي نہ مهما ٻڌائي آهي. شاهہ لطيف بہ صبوح جو سويل اُٿڻ جي تاڪيد ڪندي فرمائي ٿو تہ جيڪي صبوح جو سويل اُٿن ٿا. پلي چٽ روپي چرخي تي نام جو سٽ ڪين ڪتين ٿا تڏهن بہ اُنهن تي رب جي رحمت ٿئي ٿي.

چرخو پنهنجي چٽ ۾ پنيءَ پيريوجن،
توٽي ڪين ڪتن تہ بہ ڪانڌ تنين جو ڪوڏيو.

ڏٽيءَ جي در سياڻن جي سياڻپ نہ ٿي هلي. اياڻن جو الله .. ان راهہ ۾ اٻوجهہ اياڻو سماجهي هلبو تہ الله جي عنايت ٿيندي. انڪري شاهہ لطيف اٻوجهہ، ڏڌ ٿي رهڻ جي صلاح ڏيندي چيو :

جيڪي ڏڏن ڏي ٻَجهيان ئي ٻَجهہ ۾،
سو جي سٽن ڪڏهين ڪرت وارا ڪي.
تہ ساز مڙيو ئي سي، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

سنساري لوڪن ڪان گهر گهر ڪرڻ واجب ناهي. اُهي پاڻ داتار جي در منگتا آهن. رازق روز رزق ڏئي ٿو انڪري اسانکي جيڪي گهرجي هڪ ڏٽيءَ ڪان گهرون. سنساري لوڪ ڪاجهہ ڏيندا تہ ور ور ورجائيندا پر ڏٽيءَ ڏئي وساري ڇڏي ٿو. انڪري شاهہ لطيف سکيا ڏئي ٿو :

مڱ تنهين ڪان مڱڻا! جو ڏهاڙي ٿو ڏٽي،
ڪوڙا در دنيا جا، جاجڪ! مڱين جي،
سيان توهين ڪي، موٽي ڏيندا منهن ۾.

دنيا جا در ڇڏي هڪ ڏٽيءَ جو در پڪڙڻ گهرجي. ڏاتار ڪيڏو نہ سخاوت جو صاحب آهي اُن جي شرڻ وٺڻ گهرجي.

مٺو جنن نالوءِ، تئن مون وڏو آسرو،
ڪو در ناهہ جهوءِ، مون پيا در گهڻا نهاريا.

سائين جي سڪ، اندر جو احوال عام ماڻهن کي ڪين ٻڌائجي، لوڪان لڪائجي. شاهہ صاحب صلاح ڏيندي چيو :

اَنت نہ ڏجي عام کي لوڪان ڪَج لڪ

پاهرين اکين سان دلبر جو ديدار ڪين ٿيندو. پاهريون پوتي انترمکي ٿبو تہ پوءِ محبوب مشاهدو ماٽي سگهبو.

انڊو ٿي پسڄ مشاهدو محبوب جو

هڪ ٻئي بيت ۾ شاعر چيو آهي :

پرين سي پسن، ٻئي جنين پوتيون.

ڪوي سمن درويش جو شعر آهي :

سائي صورت عين ڪي سائي صورت غين

سمن نڪتا دور ڪر تون رهي عين عا عين.

شاه لطيف بہ چوي ٿو تہ ٻيائي روپي نڪتو دور ڪبو تہ روحاني راهہ ۾ مالا مال ٿيو. ٻيائي دوئيت جي ديوار دور ڪجي تہ سڀ ۾ هڪ حق نظر ايندو.

ٻيائيءَ کي ٻُک جن وڌو سي ورسيا.

چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو ڦير آهي. چوڻ سولو آهي پر اُهو عمل ۾ آڻڻ ڏکيو آهي. عمل ڪرڻ سان ئي فيض حاصل ٿيندو. شاهہ صاحب بہ آکيو :

تنهن ڪهٽيءَ ڪبو ڪوهہ؟ جي رهٽيءَ رهيو نہ سپرينٰ.

دنيوي ڪتابن جا ورق ورائڻ مان پرين پراپت ڪين ٿيندو. انڪري سالڪ پريم جو پنو پڙهن ٿا جنهنجي پڙهڻ سان دلبر جو ديدار ٿئي.

پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پرينءَ کي.

عشق جي راهہ ۾ سالڪ کي ڪوبہ ساڌن ساڻ کڻڻو ناهي پر کيس پاڻ يعني خوديءَ کي بہ ختم ڪري هلڻو آهي.

پاڻ م ڪڻاج پاڻ سين، وسيلو وسار.

شاه صاحب هڪ بيت ۾ تلوار ۽ مياڻ جو مثال ڏيندي مٿئين خيال کي واضح ڪيو آهي :

خودي ۽ خدا ڪين ماپن هڪ من ۾

جئن ٻن ترارن جاءِ ناهي هڪ مياڻ ۾.

اسان دنيا کي بقا سمجهي رات ڏينهن پاڻ پتوڙيون ٿا. شاه صاحب آگاهہ ڪندي چوي ٿو تہ پيارا! تون ٻن ڏينهن جو مهمان آهين. هڪ ڏينهن اچڻ جو ۽ ٻيو وڃڻ جو.

جيئڻ ناهي جڳ ۾، ڏينهن مڙئي ڏون،

كوڙي، دنيا، كوڙا پسارا، ڏينهن مڙيئي ڏون.

جيكي ماٿ جي ٻولي ٻولن ٿا. اُنهن الله لوكن درويشن سان ادب مريادا سان هلڻ گهرجي شاه صاحب تاكيد كري ٿو :

’چپ سين جي چون، ادب كاڄي اُن جو.‘

رب جي راهه جو راهگير ويريءَ جو به مددگار ٿئي ٿو. هنجي من ۾ دشمن لاءِ به محبت آهي.

جنين ساٿس وير، ٿئي تنين جو واهرو.

شاه صاحب خلق ۾ خالق پسي خلق جي خدمت كرڻ جي تاكيد كندي چوي ٿو ته اها خدمت به ڏاڍي نياز سان كرڻي آهي :

خدمت كر خلق جي پاند ٻڌيءَ پائي.

جن جي من جي تار مالك سان ڳنڍيل آهي سي پل ستل هاجن، اُنهن جي ننڊ به بندگي آهي، اُهي اٺ ئي پهر اندر ۾ يار كي ياد كن ٿا. شاه صاحب چيو آهي :

سي سُتائي جاڳن، ننڊ عبادت اُن جي.

شاه صاحب جدا جدا بيتن ذريعي اهو پيغام ڏنو آهي ته ڏٺيءَ جي حاصلات لاءِ ٻاهر نه ڀٽك، پنهنجي اندر ئي جهاتي پائي مالك جو مشاهدو ماڻ.

وڃين جو وٽكار هَت نه ڳولهين هوت كي
لكيو كين لطيف چئي ٻارو جو ٻي يار
ٿي ستي ٻڌ سندرو پرت پنهون سين پاڙ
نائني نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

شاه صاحب جو رسالو سكيائن جو ساگر آهي. هتي سندس ناصحاڻه كلام جو مختصر جائزو پيش كيو ويو آهي.

♦ **درويش لونگ فقير شاهہ صاحب جو همعصر هو.** هن صاحب جا بہ ڪي نصيحت امبزبيت ملن ٿا. سندس هڪ ناصحانہ بيت پيش آهي :-

جي ٿئينءَ قابل، ڪم عقل کان سا مجلس ڇڏ متي،
توسان سڦلو ساٿي ٿئي، ڪنهين ويل وئي،
وڃاڄ ويناجهارن وٽ، ڪنهن صحبت ساڻ سٽي،
لاهيندو غم لونگ چئي ڪامل دک ڪئي،
ڏيندءِ پل پٽي صاحب سُرت سماءِ جا.

شاعر لونگ فقير صلاح ڏئي ٿو تہ اگياني مورک کان ڪنارو ڪري ڪنهن ويناجهار يعني ڪامل مرشد جي صحبت ۾ زندگي سڦلي ڪر. هوُ تنهنجا دک درد دور ڪري، تنهنجيون اکيون پٽي توکي گيان جي، آتمڪ سُرت جي ٻوجهہ ڏيندا. ارٿات سُرتي شبد سان ملائيندا.

♦ **ميون عيسيٰ** شاهہ لطيف جو همعصر هو. هي صاحب قادري طريقي وارو فقير هو. ڪلهوڙا حاڪم کيس ڪافي عزت ڏيندا هئا. هن کي شاعراڻيءَ دل هئي. هن جي ڪلام ۾ روحاني رمزون آهن.

دنيوي چاهي روحاني راهہ ۾ ڪيڏيون نہ رڪاوٽون رنڊڪون آهن.

ڪامل مرشد جي سونهپ ۾ منزل تي پهچي سگهجي ٿو. شاعر ان ڏس ۾ صلاح ڏيندي چيو تہ :

واٽ ارڙي ور گهٽا ۽ پنڌ اٽانگو
سونهون شامل جن سين، تن سهنجو سٽانئو.

شاعر مرشد جي اهميت ٻڌائيندي سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

ڪوڏوري لھُہ ڏيهہ مان حڪيم حاذق ڪٽائي
جو نشتر سين نگاهہ ڪري پردو ڪيئيءَ

انسان مايا سان ناتو جوڙي واليءَ کي وساري ويٺو آهي. ائين هوُ زندگي برباد ڪري رهيو آهي.تنهنڪري شاعر تاڪيد ڪندي چوي ٿو :-

الف اور الله سيني جل جلاله پيون ٻن ڏيئي،
ٿو گڏجين غير سين، عمر سپ ويئي.

♦ **فقير صاحب ڏنو فاروقي** ڪامل درويش ۽ سچو صوفي هو. هي صاحب سنہ ١٦٩٧ع ڌاري تولد ٿيو. هي صاحب حضرت عبدالله قادري جو مريد ٿيو جنهن سندس روحاني راهہ لاءِ سونهپ ڪئي. هن بيبي رابع بصريءَ

مان روحاني فيض حاصل ڪيو. هن سنڌيءَ ۾ بيت ۽ ڪافيون چيون آهن. شاعر روحاني راهه جي راهيگرن کي صلاح ڏيندي چئي ٿو ته ڏٺي اسانکان دور ڪين آهي. پاڻ پروڙڻ سان ئي واليءَ سان وصال ٿيندو. پنهنجي صحيح صورت جي ڄاڻ پوندي نه ته ائين عمر اجائي گذري ويندي :

پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، جن پسيو نا پيهي،
صاحبڏنو صورت جي ڪل تنين ڪيهي!
تن کان وهامي ويئي چپ چٽيندي راتري.

جيڪي سالڪ اٺئي پهر الله جي فڪر ۽ ذڪر ۾ گذارين ٿا، سي دل روپي درياهه ۾ ٽٻي ڏيئي دلبر جو ديدار ڪن ٿا. اُهي ننڊ ۾ به محبوب جو مشاهدو ماڻين ٿا. اُنهن جي ننڊ به عبادت آهي.

فڪر ڦرحي جن اٺئي پهر مراقبو،
دلين جي درياه ۾ ٽٻي ڏني تن
سي سمهي پرين پسن ننڊ عبادت تن جي.

اُستاد ڪيئن نه تعليم ڏيندي معصوم ٻارن کي مارين ٿا! اُنهن آخوندن کي شاعر نصيحت ڏيندي چوي ٿو :-

ادا ڙي آخوند مار نه معصومن کي
جيڪر تنهنجي جان تي برهه اٿي بوند
ته هئن نه هوند، ناحق مارين نادانن کي!

شاعر صاحبڏنو نفس مارڻ جي تاڪيد ڪندي چوي ٿو :

ڪيڊ ڪشالا، سور م سل تون من منجهيئي مار

شاعر پنهنجي دور ۾ ڏٺو ته ملائن ۾ مالڪ لاءِ محبت ڪين آهي، هوُ صرف ٻاهرين طرح شريعت جي راهه ۾ هلن ٿا. شاعر کين صلاح ڏيندي چوي ٿو :

مُلان! جي محبت جي وٺي هڪ پئين
ڇڏي مڪتب معرڪبا، هوند سوريءَ سر ڏئين
ڪئن ٿو هت جيئن، ري سڪ صاحبڏنو چوي.

تمر فقير شاه لطيف ڀٽائيءَ جو وياجهي ۾ وياجهو معتقد ۽ مريد هو. تمر فقير جي والد کي اولاد ڪين ٿيندو هو. هن شاه لطيف کي اولاد لاءِ عرض ڪيو. شاه لطيف ان لاءِ ڏٽيءَ کان دعا گهري. الله جي عنايت سان تمر ڄائو. وڏو ٿيو ته تمر شاه لطيف جي خذمت ۾ هڪيو حاضر هوندو هو. هن به مرشد کان متاثر ٿي ڪلام چيو آهي. تمر فقير روحاني راهه جي راهگيرن کي سهڻيون صلاحون ڏنيون آهن :

جي پائنين اوڏو ٿيان الک کي ته وچ رام سين لائي
سنياسي سنسار جا ڇڏ لاڳاپا لاهي،
جتي جاتا جوڳ جي، اُتي سامي رس ساهي،
ڪاپڙي ڪاهي، گنگا پيتاج گومتي.

لباس پهرڻ سان سنياسي ڪونه ٿيندو آهي. جنهنجي رڳ رڳ ۾ رام آهي، سوئي سچو سنياسي آهي. تم فقير صلاح ڏيندي چيو :

رام جنين جي روح ۾ سنياسي سيئي
اسين به رام رنگ ۾ رڱجي وڃون ته اسانجي زندگي سڦلي آهي.

♦ **فقير عنايت چوڊيو** ميان پير محمد چوڊي جو فرزند هو. هي صاحب پڻ شاه لطيف جو مريد ۽ معتقد هو. هن فقير به مرشد کان متاثر ٿي بيت چيا آهن. شاعر هر طرف، هر چيز ۾ محبوب جو مشاهدو ماڻي ٿو ۽ اسانکي به اهڙي طرح صلاح ڏئي ٿو :-

هوُ هرجاءِ هيڪڙو، جاڏي ۽ تاڏي،
جنهن ڏئو جاڏي، تنهن تاڏي پائيو.

سالڪ کي مالڪ جي حاصلات لاءِ ٻاهر ڀٽڪڻ جي ضرورت ڪين آهي.

تنهنجو تو ۾ پرين، ٻاهر ڪين نهار
ونحن اقرب، الله ٿي اندر منجهه نهار
سپ پرينءَ جي پچار رڳ رڳ مان روشن ٿئي.

♦ **محمد هاشم ٺٽوي** سنه ١٦٩٠ ڌاري مير ٻوٺ ضلع ڪراچيءَ ۾ مولوي عبداللطيف جي گهر تولد ٿيو. هن صاحب به سنڌيءَ ۾ بيت چيا آهن. هو مسلمانن کي نصيحت ڏيندي چوي ٿو :

ايمان يا الله جا چوراسي فرض ٿيا
سٺي ياد رکو تن کي، هنئين منجهاران
پهريون فرض ويساه، وجود ڪري مولئ
پيو ايمان اُنکري ته آهي واجب الوجود
ٽيون ايمان ان ڪري ته آهي هوُ موجود
چوٿون ته هوُ موجود مون ڏٺي اڳاٿو انهان

♦**خواجہ محمد زمان** سنہ ١٧١٢ ڌاري شيخ حاجي لطيف جي گهر تولد ٿيو. هي صاحب پنهنجي دور جو درويش بہ هو تہ شاعر بہ هو. سنڌ جو حاڪم غلام شاهہ ڪلهوڙو خواجہ محمد زمان جو معتقد هو. هن لنواري جي جاگير جو پروانو تحضي طور مرشد ڪي موڪليو. پر مرشد خواجہ محمد زمان اُهو جاگير جو پروانو واپس ڪندي آکيو، ''اسين فقير انهن خفن مان ڇا ڇاٽون!'' خواجہ صاحب سنہ ١٧٧٤ع ڌاري واليءَ سان وصال ڪيو. پيش آهن سندس ناصحاڻہ ڪلام جا ڪي بيت :

ويهہ وڃي وٽ تن، قلم جنين جي هٿ ۾،
مينٽو انگ اکيون، واري پيو لکن،
پنو سو پاڙمين، جنهن مان پسڻ ٿي پرين کي.

شاعر هن بيت ۾ ڪامل درويشن جي صحبت ۾ رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو، جن وٽ ويهڻ سان اسانجو نصيب کلي ٿو. اُهي ڪامل فقير ڏٺيءَ جي حاصلات جي راهہ بتائيون ٿا.

هڪ ٻي بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ جيڪي دنيا کي ترڪ ڪن ٿا، اُنهن جو ئي دنيا ۾ نالو رهي ٿو :

جڳ تنين جي جاءِ جنين ڇڏيو جڳ کي
سيئي ٿو سهندباءِ جي تو سُهندين نہ تن سين.

جنهنکي هڪ الله جي ڄاڻ آهي، سو سڀ ۾ هڪ ءَ حق پسي ٿو. سندس اندر مان دُئي دور ٿي وڃي ٿي.

تت ڪفر نہ غير جو جت ساڄڻ جي ساڃاهہ
وريو وحدت واءِ دوئي سڀ دور ٿي.

♦**حضرت بقاراشدي** سنہ ١٧١٩ع ڌاري تولد ٿيو. هن صاحب بہ سنڌيءَ ۾ بيت چيا آهن. شاعر راشدي صاحب ڏٺيءَ جي راهہ لاءِ بيدار ڪندي صلاح ڏئي ٿو :

سڄ لهي سانجهي ٿي پکي پيا وٽين،
اُڏڙ هينئڙا يونر ٿي اُسهہ پرمٽين
ٿوري ڏينهن گهٽين ميڙو تيندءِ ساڄٽين.

عاشق کي محبت جي ميدان ۾ سور سختيون سهڻا آهن. پاڻ فنا ڪرڻو آهي.

پير پريان جي پڙ ۾ ڪير چوئي تون پاءِ
تون ٿو سک طلبئين هڪ ساڄڻ سور سهاءِ

جو هنئبن هٿي ڪاني، هيءَ هيءَ ڪاج م هاءِ
پائي مکڻ شياخ ۾ اڳيان پر پاڇاءِ
عجيب جهڙي آهہ ڪاڪيون ڪان قريب جي

◆ **روحل فقير** صاحب سنہ ۱۷۳۰ع ڌاري ٿرپاڪر ضلع جي امرڪوٽ ڳوٺ ۾ تولد ٿيو. هي ذات جو زنگيجو هو. جوانيءَ ۾ هن سنڌ جي حاڪم غلام شاه ڪلهوڙي وٽ نوڪري ڪئي. نوڪري ڪندي هن ايتري تہ ايمانداري ۽ وفاداري ڏيکاري جو حاڪم طرفان کيس انعام عطا ٿيا. روحل جي خذمت ۽ محبت ڏسي شاه عنايت مٿس عنايت ڪري روحاني راهہ ۾ ڇڪيو. هن ڪيترا سال مرشد در خذمت ڪئي. هن صاحب شادي بہ ڪئي کيس چار فرزند هئا - شاهو، غلام علي، خدابخش ۽ دولهہ دريا‌هہ خان. روحل فقير ڪنبڙي ۾ بندگي ڪندي ڌڻيءَ جو ديدار ڪيو. هن صاحب سنڌي، هندي، سرائڪي، پنجابيءَ ۾ ڪلام چيو آهي. سندس هندي واٽي ڏاڍي اهميت واري آهي. هي صاحب نج ويدانتي ڪوي هو. شاعر روحل فقير سالڪ کي سهٽيون صلاحون ڏنيون آهن. انسان ڌڻيءَ لاءِ ٻاهر ڀٽڪي رهيو آهي، پر هوُ تہ منجهس موجود آهي. اسانکي پنهنجي من مان ٻيائي منڊائي جا خيال ڪڍي ڇڏڻ سان دل ۾ دلبر جو ديدار ٿيندو.

جي تون صحيح سچاٽين پاڻ، اٿي قيمت سندو قطرو،
ڪوري ڪڍ قلوب مان منڊائيءَ جو ماڻ،
پري نهارڻ پر کي، سندو ڇتن ڇاڻ،
نت ساءِ توهي ساڻ، رات ڏينهن روحل چوي.

شاعر سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو تہ تون قرب جي ڪوٺي کول، توکي سڪ مان ئي سوجهرو ٿيندو :

جنهن ۾ نشو نيهن جو ساڪا ڪوٺي پٽ
روحل محبت مور م مٽ، تہ سڪ ۾ ٿيندو سوجهرو.
هڪ ٻي بيت ۾ بہ شاعر سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو :
نڪي سک سمهڻ ۾ نڪي جاڳڻ م جس
اُٿي روحل پرينءَ کي پس، توکي سڪ مان ٿيندو سوجهرو.

ڌڻي اسانجي اندر ئي موجود آهي، هن ۽ اسانجي وچ ۾ هڪ وار جي بہ وڇوٽي ڪونهي.

روحل وسين روح ۾ وٺ نہ پانيان وار

دنيا فنا آهي انکري شاعر صلاح ڏئي ٿو :

ڇڏي جوٺو جڳ وڃي روحل رنگاڄ رنگ ۾

دنيوي ناتا ٽوڙي رب جي رنگ ۾ رڱجي وڃ.

روحل سائين پاکنبي هندو ۽ مسلمانن تي طنز کندي آگاہ کري ٿو :

کفر ۽ اسلام ۾ ٿا پرن اُبتا پير،

هڪ هندو ٻيو مسلمان وچ وڌائون وير.

انڌن اوندهہ نہ لهي، تن کي ساڃ ڇوندو کير.

روحل راهہ پرينءَ جي، جان گهڙي ڏٺوسين گهير

تہ رب مڙوئي ميڪڙو تنهن ۾ ڦند نہ ڦير

سا ڪاڏي کندي پير جا سُتي ڪعبہ الله ۾.

سائين روحل چوي ٿو تہ وات سان وڏيون وڏيون ڳالهيون ڇوڻ مان ڪاجهہ کين ورندو. ڇيل ڳالهين تي جڏهن عمل کيو تہ فيض حاصل ٿيندو، ڏٺيءَ کي چاٽي سگهبو.

کهٽي تان هرکو کهي، پر رهٽي اوکي بات،

پڌري ٿيندي ذات، رهٽيءَ مان روحل چوي.

ٻي هڪ بيت ۾ شاعر ساڳيو خيال پيش کندي چوي ٿو :

پڙهڻ پرجهڻ پاڻ ۾ وڏو فرق ڦير.

اسين گهٽي ئي ڪتاب پڙهون ٿا پر اُن جو چنتن کين ٿا کريون. چنتن کري اُنهن جو منن يعني عمل کبو تہ فيض حاصل ٿيندو.

♦ **ساچل سرمست** سنڌي صوفين جو سرتاج سنہ ١٧٣٩ع ڌاري درازن ڳوٺ خيرپور ميرس سنڌ ۾ فقير صلاح الدين جي گهر تولد ٿيو. سندس نالو عبدالوهاب هو، پر کيس کي ساچو، ساچل ساچيڏنو بہ سڏيندا هئا. ساچل سائين جي والد جلد ئي وفات کئي. انکري سندس پرورش سندس چاچي عبدالحق کئي. ميان عبدالحق پاڻ بہ فقير تن هو. هن ئي ساچل جي سونهپ کئي. انکري ساچل سائين کيس مرشد کري مڃيو. مرشد کيس پنهنجي نياڻيءَ سان نکاح بہ کرايو.

ساچل سرمست پنهنجي دور جو اعليٰ صوفي شاعر بہ هو تہ درويش بہ هو. مٿس منصور واري مستي طاري ٿي. هن صاحب سنڌي، سرائکي ۽ اُردوءَ

۾ ڪلام چيو آهي. هن صاحب ناصحاڻہ ڪلام بہ چيو آهي. سندي ۽ اٽسڌي طرح پنهنجي ڪلام ذريعي ڪي نصيحتون ڏنيون آهن. سچل سائين سالڪ کي وحدت جي واٽ وٺڻ جي صلاح ڏيندي آکيو :

وحدت جنين وساري تن جي متي اٽاسي
بيائي بانهپ ڇڏ. سچا آءُ احديت ۾
لحمون دمئون لڏ. تہ پاڪائي پاڪ ٿئين.

شاہ لطيف وانگر سچل سرمست سکن کان وڌيڪ ترجيح ڏکن کي ڏني آهي.

ڏکن منجهان سک، مون تان لڌا جيڏيون!
ڏوريندي کي ڏک، سونهان ٿيڙا سچڻان.

دک ئي دلبر جي ويجهو آڻين ٿا. سک سُپرين کان پري رکن ٿا.

سارولوڪ سکن، پوءِ رهايو پرينءَ کون،
ڏسو واهہ ڏکن. هوت ويهاريو هنج ۾.

ڌڻيءَ جي محبت کانسواءِ جيئڻ دکدائي آهي.

جيئڻ آهي جڳ ۾ بنا عشق عذاب!

سچل سائين آگاہ ڪندي آکي ٿو تہ الله جي عشق کانسواءِ ٻيون سڀ ڳالهيون ڪوڙيون آهن.

ٻيون سڀ ڪوڙيون ڳالهيون سچا سچو عشق الستي

سچا مرد ڪوڙ کان ڪنارو ڪندا آهن. دوستي بڻجي نہ بڻجي هو سچ چئي ڏيندا آهن. سچ تي صاحب راضي

سچ ٿا مرد چون ڪنهنکي وڻي نہ وڻي
ڪوڙي دوستيءَ جو دم بڻي نہ بڻي.

عاقل الله کان محروم رهجي ويندا. سائين وٽ سياڻپ ڪين هلندي. سچل سائين آکيو.

اوڏا ڪين آيا. عقل وارا عشق کي

اڄ ڪلهہ ڌرم ۽ مذهب نالي ڪيڏا نہ راڙا ٿين ٿا. سچل سائينءَ جو روحاني رويو ان ڏس ۾ اسانجي رهبري ڪري ٿو. شاعر هيٺين ڏنل بيت ذريعي هندو چاهي مسلمانن کي نصيحت ڏيندي چوي ٿو :

هندو مومن هڪ ٿيو، ٻول نہ ٻئي ڪنهن پل.
ٿاڄ گلابي گل، مُرمار ينهي منصور جان.

سچل سائين هندو - مسلم اتحاد جو پيغام ڏيندي آکي ٿو :

ڪيِ مذهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل.

عشق ڏٽيءَ جي اهڙي امانت آهي جنهنجي هئڻ سان، اسانجي دل وسيع ٿئي ٿي، اسين ساري دنيا کي پنهنجو سمجهي پيار ڪريون ٿا.

عشق امانت خاص الله جي دل کي ڏي فراخي

سچل سائين هندن کي به صلاح ڏني ٿو ته پلي توهان جپ صاحب جو جپ ڪريو پر پريم جي ڪپ سان ڪلفت ڪپي ڇڏيو.

جپ صاحب جو جپ، تا گرنتي گر مليئي،
قربائتي ڪپ سان ڪلفت پيو ڪپ.

جنهن ڏٽيءَ جي حاصلات لاءِ اسين ٻاهر ڀٽڪون ٿا. اُهو اسانجي اندر ۾ آهي. هر چيز ۾ موجود آهي. سچل سائين سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

محبوب ڳولي ڏس من ۾ معشوق ڳولي ڏس من ۾،
بي فائدو بازار گهمين ٿو، گل ڦل باغ بدن ۾،
سچل سائين صحيح ڪري ڄاڻم يار ڳڏيم ڪک پن ۾.

◆ **مخدوم عبدالله صاحب** سنه ١٧٢٩ع ڏاري ٺٽي ۾ ميان عبدالقادر جي گهر تولد ٿيو. هن صاحب جي ڪلام ۾ به ڪي نصيحت آميز نڪتا آهن. شاعر شخصي آزمودو پيش ڪندي چوي ٿو ته اڄڪلهه احسان فراموش وڌي ويا آهن. محبت موڪلائي ويئي آهي. هڪ ٻئي ۾ شڪ وڌي ويا آهن. ڪو پريم سان دل جو احوال ڪين ٿو وٺي. اسانکي زندگيءَ ۾ احسانمند ٿيڻ گهرجي. سڀن سان پيار سان هلڻ گهرجي. هڪ ٻئي ۾ اعتقاد هئڻ گهرجي.

عادت ويئي احسان جي، منجهان ٽي ماڻهن،
وڌا شڪ سين کي، سرهي شيطانن،
مهر محبت لڏيو، هيج نه منجهه هئين،
پڃڻ نا هه پرت سين، منجهان محبتن.

انسان ڪيڏا نه اتسا ڪري ٿو پر ٿيندو اُهو جو ڏٽيءَ جي من ۾ هوندو.
'آخر ٿيندي تهين، جيڪا رب رضا.'

◆ **مراد فقير** سائين روحل جي پرمپرا جو شاعر هو. هي صاحب سائين

روحل جو مريد بہ هو ۽ نياڻو بہ هو. هي شاعر ساچل سائينءَ جو همعصر هو. هن صاحب بہ پنهنجي مرشد سائين روحل وانگر سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ڪلام چيو آهي. مراد فقير اٽڪل سنہ ١٧٨٨ع ڌاري وچي واليءَ سان وصال ڪيو. سندس ناصحاڻہ ڪلام جا مثال پيش آهن. جيڪي گيان روپي گنگا ۾ ٽٻي ڏين ٿا تن لاءِ سندن دل ئي دوارڪا آهي ۽ ڪايا ۾ ڪاشي آهي. اهڙا سالڪ نفس کي نهوڙي تن ۾ ئي تيرٿ ڪن ٿا. اُنهن کي ٻاهر ڀٽڪڻ جي ضرورت ڪين آهي.

گيان گنگا دل دوارڪا، ڪايا ڪاشي جن،
سي پورب ۽ پڇم جا چاکي پنڌ پڇن!
ري تيرٿ ٿا تيرٿ ڪن، ماري هن مراد چوي.

مراد فقير روحاني راهہ ۾ من مارڻ ۽ وحدت جي واٽ وٺڻ لاءِ تاڪيد ڪندي چيو :

دنيا ڪارڻ دين کي ٿو ورسيو وسارين،
ڪٺي بازي باورا، هٿين ٿو هارين!
ماري من مراد چوي، جي وحدت ڏي وارين،
تہ هوند جاڏي نهارين، تاڏي ساڄڻ سامهون.

مراد فقير ڍونگي عاشقن تي طنز ڪندي آگاهہ ڪري ٿو :

ڪهٺي ڪهي سيڪو، پر رهٺي ڪين رهن،
ذات نہ پرجهن پنهنجي، ٿا ٻڌيو بات بڪن.
سي من ميرا مراد چوي، لڪاڪين لڪن،
توڙي ڪوڙي مکر ڪن، تان ٻي پارين آهن پڌرا.

سائين مراد فقير سنڌي استعارن ذريعي روحاني رمزن سليندي سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو :

چاڪي چت مراد ڪر، گهاڻو من گهماءِ
ساري سُرت نرت جا ڏينهڪ ڏاند وهاءِ
تُهہ تاري ڪيد تن مون، سره صاف پيڙاءِ
تنهان پوءِ تون لاءِ، لڳين تيل لقاءَ جو.

وهنوار ۾ چاهي پرمارٿ ۾ سچ جي وڏي اهميت آهي. مراد فقير چوي ٿو تہ جن کي سچ روپي سيٺهہ آهي اُن کي ٻي ڪنهن ترهي جي ضرورت ڪين آهي. اُنهن کي دنيوي ساڌن ٺاهڻ وارن جي ضرورت ڪين آهي. هوُ رازق جي رضا تي راضي رهي دنيا جي درياهہ مان پار پون ٿا. اهڙا عاشق وچي محبوب جو مشاهدو ماڻين ٿا :

جن کي سيٺھ سچ جي، سي تُرمي تات نہ ڪن،
ڪين تہ ڪاڻ ڪنيار جي، پيلي تي نہ پُٽن،
رکي روح رضا تي، طالب تار ترن،
سي محبتي مٽن، وڃي محب ساڻ مراد چوي.

♦ **عبدالرحمان گرموڙي** صاحب سنہ ١٧٢٩ع ڌاري راڻيپور ۾ سيدالله جي گھر ۾ تولد ٿيو. ھي صاحب پنھنجي دور جو اعليٰ علمدان ھو. ھن صاحب سنڌيءَ ۾ شعر وشاعري ڪئي. ھڪ بيت ۾ شاعر فرمائي ٿو تہ دنيوي ساٺھو مالڪ کان مال اسباب مڱن ٿا مگر جيڪي ھڪ دفعو دلبر جو ديدار ڪن ٿا سي طمع جو ئي ترڪ ڪن ٿا.

مٿو مڱي لوڪ، ڪڙو مڱن ڪاپڙي،
جنين ڏٺو دوس، سي مورا مڱن ڪين ڪي.

الله جا عاشق جيئري ئي پاڻ فنا ڪن ٿا ۽ سدائين خاموش رھن ٿا.

پاڻ پريان کي جن ڏنو، تن وائي وات نہ ڪا،
جيئري جھان کان لاھوتي لڏياءِ.

شاعر مرشد جي مھرباني ماڃيندي من کي ۽ اڻسڌي طرح اسانکي سمجھائيندي چوي ٿو :

مونکي مون پرين ميرو ڏسي نہ مٽيو،
پرين پلائي پانھجي، ٿا عيب ڏسيو ڍڪڻ ڪن،
تون ڪئن سندو تن، ديوانا در مٽئين.

♦ **سامي صاحب** سنڌ جي مھان سنت ڪوي سامي صاحب جو جنم ١٧٤٣ع ڌاري شري ٻاچومل لنڊ جي گھر شڪارپور سنڌ ۾ ٿيو. سندس جنم جو نالو چئنراءِ ھو. ڌارمڪ پريوار ۾ سندس پالنا ٿي. وديا پراپت ڪرڻ ۾ چاھہ ورتائين. ڏنڊو وھنوار ڪندي سندس من جي ورتي مالڪ طرف ھوندي ھئي. مائٽن کيس وواھہ جي ٻنڌن ۾ جڪڙيو. گھر گرھست ۾ رھندي ھن سنتن جو سنگ ڪيو. سوامي مينگھراج صاحب کيس ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا. ھي صاحب تيرٿ ياترا بہ ڪري آيو ۽ ڌارمڪ پستڪن جو اڀياس بہ ڪيائين. ستگرو سوامي مينگھراج جي ڪرپا سان ھنجو انيو ڪليو. ھي صاحب وقت بہ وقت سنڌي گرمکيءَ ۾ سلوڪ پني ٽڪرين تي لکي اُھي پني ٽڪريون

هڪ دلي ۾ وجهندو ويو. هو سلوڪن ۾ پنهنجو نالو استعمال نہ ڪري 'سامي'
ارٿات پنهنجي ستگرو سوامي مينگھراج جو نالو استعمال ڪندو هو. ڪن
سلوڪن ۾ 'پانيڻ' بہ استعمال ڪيو اٿائين. سامي صاحب جا سلوڪ سنتي
سنت ڪاويہ جو امله امر خزانو آهن. سامي صاحب پنهنجي سلوڪن دو ران
ساڌڪن ۽ سنساري منشين کي نصيحتون ڏنيون آهن، جن جو مختصر ذڪر
ڪجي ٿو سامي صاحب پنهنجي سلوڪن ۾ ستگرو جي مهما ڳائيندي اسانکي
بہ ڪنهن پريپورڻ گرو ڪرڻ جي سکيا ڏين ٿا :

ستگر پرک سڄاڻ رکيو هٿ مٿي تي،
مٿي ويئي من مان سامي ڪنڇاتاڻ،
وسيو مينگھہ ميھر جو پريا نينهن نياڻ،
اڇي بيٺا پاڻ سنمک منهنجي سُپرين.

مورک کي گياني، سامي ڪيو ستگرو،
پري هنيائين پريم جي ڪرپا سان ڪاتي،
رهي نہ رتيءَ جيتري نانت ناداني،
جاڳائي جاني، ڏيکاريائين ڏيل ۾.

جيسين اسانجو من اپوتر آهي. اکيون اپوتر آهن، تيسين داتار جو درشن
ممڪن ڪين آهي. سامي صاحب صلاح ڏئي ٿو :

بنا پاڪائيءَ پاڪ، ڪنهن پاتو ڪينڪي،
سمجهي ڪو سامي چئي محبتي مشتاق.

پرماتما سرو وياپڪ آهي. سورج جيان روشن آهي پر اسين اُن جي پراپتيءَ
لاءِ ٻاهر ڀٽڪي رهيا آهيون، انکري سامي صاحب بيدار ڪندي چيو :

پرميشور پرتک سامي سورج جان رهي،
اندا ڏسن ڪين ڪي، پٽي پنهنجي اک،
ڪوهہ ڪرين جک جک، ٿو در در ديو انن جان!

خالق ساري مخلوقات ۾ موجود آهي.

خالق منجهہ خلق، خالق سڀ خلق ۾.

سامي صاحب ڪوڙن ڪمن کان ڪنارو ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي بيدار
ڪري ٿو :

ڪوڙا ڪم نہ ڪر، مورک من جي پاءِ تون،

اٿئي اوديا سنڌ جي، ڏاڍي لوڀ لهر،
وچن ساپُرسن جو، جاڳي هردي ڌر،
تہ حاضر ڏسين هر، سامي چئي سڀ ۾.
مورک ڪن خوار، چوراسيءَ ۾ پاڻ کي،
اڳهين رُلين ڪيترو، هاڻي ٿي هوشيار،
ملي معد جنن سان پنهنجو ڪر اُڌار،
ههڙو سموسار سامي لهندين ڪين ڪي.
سنتن جو سنگ ڪري وشواس جي واٽ وٺبي تہ ڪلياڻ ٿيندو.
ملي ساڌ سنگت سان وٺ ويساهون واٽ.
ستپرشن جي شرڻ وٺڻ سان اڳيان جو ڪلف کلندو. اسين ٻيا ڪيترا به ساڌن ڪيون پر اوديا جي اوندهہ دور ڪين ٿيندي. سامي صاحب شرڻ وٺڻ جي صلاح ڏئي ٿو :
ڪنهن ڪان ڪين لهي اوديا ڪلف اندر جو،
توڙي تيرٿ تپ ڪري دک بک سڀ سهي،
تياڳ ڪري گهر ٻار جو، غفا منجهہ رهي،
ساڌو سرن پئي تہ سکي ٿئي سامي چئي.
سامي صاحب مانش ديهيءَ جو سداُپيوگ ڪرڻ لاءِ بيدار ڪندي چوي ٿو :
ويئي سا ويئي! باقي رک رهت سان،
سامي سُپرين کي، اندر پس پيهي،
مانکا ديهي، موٽي ايندي ڪين ڪي.
ڪال مرڪنهن جي سر تي سوار آهي، انڪري سامي صاحب اسانکي سجاڳ ڪندي چوي ٿو :
راتيون ڏينهن ڇڪي ٿو، چڙهيو ڪال ڪلهن تي،
سمي ساڻ سڀ ڪنهن کي نيندو ساڻ ٽِڪي،
ڌاريو جنهن سرير کي، سو استر ڪين ٽڪي،
توڙي وڃي لڪي، ڪو سامي لنڪا ڪوٽ ۾،
ڪال اچڻ کان اڳ ئي اسانکي ستڪرمن جو سمر تيار ڪرڻ گهرجي.
سامي صاحب سنتن جو سنگ ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :
ٻيا سڀ ڏئي ٻن، ڪاجي سنگ سنتن جو،
جي آئي کي آدر سان، پرچي پنهنجو ڪن،

ذات ورن ڪل ڪرم ڏي سامي ڪين ڏسن،
ڱڏي ڱڏ چڏين، ستہ سڌ سروپ سان.

اسين جيڪڏهن آڌياتمڪ مارگ ۾ وڪ وڌائڻ ٿا چاهيون تہ اسانکي سنتن جا ڱڻ اپنائڻ گهرجن.

سنتن شيپ ڪرم، سماجهي رکيا سرتي،
سيل سنتوش نرويرتا، سيوا ديا ڌرم
تپ تيرٿ جڳ هوم، ورت سامي سڪ مرم
ميٺي پولو پرم، ڪن ڪرتارٿ ڪُل ڪي.

ساڌڪ کي اهنڪار جو تياڳ ڪري ستگرو ۽ پرماتما ۾ پورڻ وشواس شرڌا ڌارڻ گهرجي. شرڻ جو مارگ اختيار ڪرڻ گهرجي.

وڏو چاڻ ويساهہ، سامي سپ ڪئمين ڪون،
چڏ وڏائي واءُ، تہ سهاجي ملئي سُپرين.

جيڪو شرڻ پيو، اچي ساڌ سنگت جي
سهاجي تنهن سيوڪ جو ڪارج سڌ ٿيو
ڏسي ڪين پيو، سامي سُپرين ري.

شيوا جو مارگ بہ ڪٺن مارگ آهي، سيوا جي راهہ ۾ سيوڪ کي سهٽو آهي. جيڪو سهندو سو لهندو. سچا سيوڪ سيوا ڪندي سور سهندي رب جي رضا تي راضي رهن ٿا :

سيوا مناجهون جن، لڌو لعل اڻ ملهو،
سي سامي سڪ سچيءَ سان سدا سيوا ڪن،
لئيون مُڪان موچڙا، سامي سر سهن،
رتا رنگ رهن، ائئي پهر عجيب جي.

رام کي رياجهائڻ جو سيوا ساڌن آهي. سيوا نمرتا سان ڪرڻي آهي.

سيوا سنگت جي ڪري، ممتا مٽائي
سنتن جو ڪاويہ نصيحتن جو ڀنڊار آهي.

♦ **فتاح محمد فقير** صاحب سنہ ١٧٥٣ع ڌاري دادو ضلع ۾ تولد ٿيو. فقيري اختيار ڪرڻ سبب هي صاحب فتاح فقير جي نالي سان مشهور ٿيو. ڪجهہ سالن بعد هن پنهنجو ڳوٺ ڇڏي حيدرآباد ۾ دومڻ واهہ جي

ڪنڌيءَ تي اچي ديرو ڄمايو. هن درويش فقير علي شاهه کي پنهنجو مرشد مڃي روحاني فيض حاصل ڪيو. هي پنهنجي دور جو ناميارو شاعر هو. هي شاعر دنيا جي بي بقائيءَ کي ڏسي الله جي عبادت جي تاڪيد ڪندي چوي ٿو :

خدا کي ياد ڪري دم دم جهان فاني نمي داني،
هنيا ڇڏ هٺ ۽ هستي اها ابليس جي مستي،
ڪنهنجي ڪر نہ دل خستي، بلا کي ماردو دستي،
فنا جو ڪمر فتاح فاني، رکج اخلاق انساني،
آئي پيري ڳئي جواني، قبر جي سابہ نيشاني،
خدا کي ياد ڪر دم دم، جهان فاني نهي داني.

شاعر فتاح محمد فقير مٿين مصراعن ۾ ڪيڏيون نہ ڪارگر نصيحتون ڏنيون آهن.

◆ **غلام علي** هي شاعر سائين روحل جو پيون فرزند هو. هي صاحب سنہ ١٧٥٥ع ڌاري تولد ٿيو. هن پنهنجي والد سائين روحل فقير ۽ وڏي ڀاءُ شاهو فقير مان روحاني فيض حاصل ڪيو. هن بہ پرمپرا موجب سنڌي ۽ هنديءَ ۾ وائي چئي آهي. سندس هندي وائي اهميت واري آهي. هوُ سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

پرجهي ڏسج پاڻ ۾، آهي ڪو نہ ٻيو،
تون ڀُولين ٿو جنهن کي ساڳيو آهين سو.

هي هڪ بيت ۾ شاعر سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ عشق جي راهہ ۾ مفاصلي بابت ڪين پڇ. مالڪ جي محبت جو راز ڪنهن سان ڪين ڪجي سل.

غلام علي عشق ۾ پاڇي پنڌ م پڇُ
ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي ڪنهنکي ڪيم چئُ.

◆ **صادق فقير** کي صديق بہ سڏيندا هئا. هي صاحب اٽڪل ١٧٦٥ع ڌاري سنڌ جي ٻوري ناري ڳوٺ ۾ تولد ٿيو. شروع کان ئي سندس رغبت رب طرف هئي. هي خدا ترس شاخص گهڻو وقت عبادت ۾ گذاريندو هو. هن صاحب ڪافيون ۽ بيت چيا آهن. سندس ڪلام ۾ روحاني رمزون ۽ نصيحت آميز نڪتا آهن. هي شاعر ڏٺيءَ جو بيان ڪندي اسانکي تاڪيد ڪري ٿو :

الله ڏاڍو آ، رب ڏاڍو آ، متان ڪا سينو ساهي!
(١) ڪري وينو ڪار ڪنيارڪي، هڪڙا پاڇي پيا ٿو ٿاهي.
(٢) ڏوري ڏاهي جي هٽ ۾، ڪام وجهي پيو ڪاهي.
(٣) سوين صادق جهڙا، لک وڏائين ليٽائي.

سڀ ۾ مالڪ موجود آهي، پريم دواران ئي اها پروڙ پوندي. روحاني راهہ ۾ عقل جي جاءِ ڪين آهي. شاعر عقل کان وڌيڪ اهميت عشق کي ڏني آهي.

سو سيوئي سبحان، جو تو جٽ نہ ڄاتو!
عقل سين الله ڏي پير نہ ڪنهن پاتو،
سندو نينهن ناتو پوريءَ کي پاڳي پيو.

شاعر ليلا کي صلاح ڏيندي اسانکي بہ اشارو ڪري ٿو تہ رب کي روئي رپاڃايو.

روئي رپاڃائيج، ڳاجهون ڳرهي ڳالهيون،
پهت سان پهائيج، ليلا پنهنجي ڪانڌ کي.

◆ **ڪوي دلپت** صاحب جو جنم سنڌ جي سيوهڻ شهر ۾ سنہ ١٧٦٩ع ڌاري ٿيو. سندس ڪاويہ مان ظاهر آهي تہ کيس سنڌي ۽ هندي ٻولين جي چڱي ڄاڻ هئي. هن درويش دل ميرن وٽ نوڪري ڪندي چڱا عهدا ماڻيا. فارسيءَ جي بہ کيس ڄاڻ هئي. مير صاحب هن کي عزت ڏيندا هئا. کيس ڀائي آسرداس گرو روپ ۾ پراپت ٿيو جنهن آڌياتمڪ مارگ ۾ سندس سونهپ ڪئي.

کيس سرڪاري عهدي، نوڪري ۽ دنيوي جهنجهٽ مان ڪنائي اچي ويئي. هي صاحب گهڻو وقت پرماتما جي ڀڳتيءَ ۾ لين رهندو هو. هن صاحب سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ٻاڻي چئي آهي. سائين دلپت ساڌڪ کي صلاح ڏئي ٿو تہ پنهنجي اندر ۾ ستگروءَ جي گيان جي جوت جڳاءِ تہ توکي من مندر ۾ مالڪ جو درشن ٿيندو.

گروءَ جي گيان جو ڏيهي ڏيئو ٻار،
تہ نانگا اندر ناٿ جو نڪين نور نروار،
دليت ديدار، پيهي پس پاڻ ۾.

پرينءَ کي پسڻ لاءِ اندر جون اکيون کولڻيون آهن. پوءِ هرهنڌ محبوب جو مشاهدو ماڻي سگهبو :

اندر ٻاهر سڀ ۾ جانب آهي ظهور،

پر بنا اکين اندر جي ڪو ڏسي سگهي نہ نور.

جو ويڄهو آهي ونين ڪون تون سامي سو سنيار،
دلپت چوي ديدار، ٿئي عين اکين سان.

اسان پيائيءَ جي پولي سبب پرمن سنسن ۾ پٽڪي رهيا آهيون. انڪري سائين دلپت صلاح ڏئي ٿو :

پيائي پولي ڪري، پوري پرم نہ پُل،
هوت تنهنجي هنج ۾، ناحق روهہ ۾ رُل.

پڳتي مارگ ۾ وئراڳ ضروري آهي. ڪوي هڪ هڪ سواس سمرڻ ۾ سڦل ڪرڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. پڳتي مارگ ۾ حليمائي بہ ضروري آهي :

ويراڳ رکي وجود ۾ سڀ تي ٿيءَ نراس،
بن سمرڻ نام جي ڪڻ نہ ڪو اِڪ سواس،
دلپت هردم هر جي ٿيءُ داسن جو داس،
تہ وئنڪٺ لهين واس، وچي حضور هِر جي.

سائين دلپت پنهنجي بيتن ۾ سائين جي سالڪن ۽ سنساري ماڻهن کي ڪيڏيون تہ ڪارگر سکيائون ڏنيون آهن. پيش آهن ڪي بيت :

ڪي ڪا پڙي قلوب مون مايا موهہ اُپاند،
سک ويهي ستسنگ ۾ نمرتا کميا کاند،
ڪن اکيون، عالم کون پئي پوتي پاند،
وستو ورتنہ گروءَ کان سا سوگهي ساهہ ۾ ساند،
منزل تنهنجي مهاند، دلپت ويهہ م هت ويسلو.

ڪڻ کميا غريبي بندگي نينهن سندو نيشان
چڙهي گهوڙي گيان جي، هل منزل لامڪان

اٿئي سڪ سرڪ جي تا طمع کي ڏي ترڪ،
جيئندي جهان کون پاڇي ٿي غرق.

ڪوي دلپترام سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو تہ سچ روپي صابڻ سان پنهنجي ميري من کي صاف ڪر.

صابڻ ڏيئي سچ جو، من جي مارج مَرُ،

وويڪ ۽ ويچار روپي سونهان ساٿي ڪري گيان روپي گهوڙي تي سوا
ٿي پرماتما جي پار ڏانهن پُرج.

چڙهي گهوڙي گيان جي هلڪي هل هيڪار،
ڪڻ ساٿي سونهان پاڻ سان وويڪ ويچار.

◈ **فقير نانڪ يوسف** هي درويش سچل سائين جو معتقد ۽ مري
هو. هي صاحب سنہ ١٧٧٨ع ڌاري لاڙڪاڻي ضلع ۾ تولد ٿيو. محبت جي
چڪ کيس سچل سائين جي درگاهہ درازن ڇڪي ويئي. سچل سائينءَ جو ديدا
ڪندي يوسف تي محبت جي مستي طاري ٿي. هن درويش شاعر بہ سنڌيءَ ۾
ڪلام چيو. هي صاحب گهڻو وقت سڪون ۾ گذاريندو هو. هي صاحب چُپ
جو ذڪر ڪندي اڻ سڌيءَ طرح اسان کي بہ سانت جو سبق سيکاري ٿو :

چُپ چپا تي چُپ جي بات مون آهہ باني يار چپ،
باغ چپ، بازار چپ، بازار جو واپار چُپ،
شهر چپ، بحر چپ، سارو ئي سنسار چپ،
نانڪ چپ، يوسف چپ، درد جو ڏڏڪار چپ.

اسانجي رشين منين بہ مون کي سون ڪري ماڃيو آهي. سانت ۾ رهڻ
سان شڪتي وڌي ٿي، آتمڪ اُنتي ٿئي ٿي.

دنيا جي بي بقائي ۽ بي وفائيءَ جو ذڪر ڪندي شاعر چيو :

دنيا دو رنگ بوهي، بازي اجائي اٽڪو،
فاني فنا گذر ۾ آهي لاڏ ڪوڙو لٽڪو.

شاعر سواس سواس ۾ سائين کي سنڀارڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :

رک خيال هڪو هڪ دم دا، دم دم وچ خوف خصم دا.

◈ **محمد عارف** 'صنعت' صاحب سنہ ١٧٩٠ع ڌاري تولد ٿيو. ننڍپڻ
کان ئي کيس شاعريءَ جو شوق هو. هي عربي ۽ فارسيءَ جو عالم هو. هن زندگ
يءَ جو پويون دور گوشہ نشينيءَ ۾ گذاريو. هن صاحب سنڌي ۽ فارسيءَ ۾
ڪلام چيو آهي. شاعر دنيا جي بي بقائيءَ جو ذڪر ڪندي آگاهہ ڪري ٿو :

نہ آهي بقا جڳ کي حاصل ابا!
وڃائج نہ هي عمر غافل ابا!
نہ رک دل، جو هي ماڳ آهي فنا!

جو اُن ۾ رهيو ڪونہ غم کان بنا.

شاعر سچ جي اهميت ٻڌائيندي ڪوڙ کان ڪنارو ڪرڻ جي نصيحت ڏئي ٿو :

برو ناهہ ڪم ڪوڙ ڏاران پيو،
تنهن ناءُ ڪم ڪوڙ مان جنهن ڪيو،
ادا ڪيم ڳالهاءِ، تون ڪنهن سين ڪوڙ،
جو ڪوڙي جي منهن ۾ سدا آهہ ڌوڙ.

شاعر محمد عارف صاحب 'نوڙت' جي اهميت ٻڌائيندي شعر چيو آهي :

تواضع ڪرين جي تون اختيار،
تہ خلق جڳ جي سندءِ دوستدار.
تواضع وڏائي تنهنجو مرتبو،
تہ جئن سج کان چنڊ کان پرتو.
تواضع آهي سر بلنديءَ جو پاڪ،
تواضع فقير اصل مرڪ ماڪ.

◆ **قنبر علي شاه پاڏائي شريف** صاحب سنہ ۱۷۹۴ع ڌاري ٻاچل شاه جي گهر ۾ تولد ٿيو. ننڍپڻ کان ئي سندس صحبت درويشن فقيرن سان هئي. هي گهڻو وقت عبادت ۽ ايڪانت ۾ گذاريندو هو. هي پنهنجي دور جو اعليٰ شاعر هو. سندس سمورو ڪلام شاه شريف پاڏائيءَ جي رسالي ۾ آهي. کيس سماع جو شوق هو. کيس موسيقيءَ جي بہ ڄاڻ هئي. هي درويش شاعر شاه لطيف جي ڪلام کان متاثر لڳي ٿو. شاعر پنهنجي ڪلام ذريعي سالڪ کي سهڻيون صلاحون ڏنيون آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان روحاني فيض حاصل ٿيندو :

ڪڻ توڪل تار ۾ ساجوجمل سکان،
ساري ڪڻ شريف چئني سفر جو سامان،
تان نہ ڏسين طوفان، سمنڊ سندي سير ۾.

وحدت جي واٽ ۾ سالڪ کي پاڻ وسارڻو آهي، اهوجهہ تي اڳتي وڌڻو آهي.

پورينڊي ان پار ڏي پاڻ نہ ڪٽاڄ ساڻ،
ڇُل وڃائي ڄاڻ، وحدت جي درياهہ ۾.

شاعر سسئيءَ کي صلاح ڏيندي اسان کي تاڪيد ڪري ٿو :

ويهـ ۾ ويرم ٿئي پاءِ وڌندي وک.
توڏا وڃن تِک، پر نہ پهچين سسئي.

◆**سيٺ نهالچند** جو جنم سنہ ١٧٩٨ع ڌاري مانجهو ضلع دادو سن
۾ شري لکمياچند پارواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. پارواڻي پريوار آڪاهتو بٽيائتو
پريوار هو. هوُ ڏنوان بہ هئا تہ پر اُپڪاري ڌارمڪ بہ هئا. سنت گلابداس جي
شش سوامي پرم هنس جي سنگ ۾ پياري نهالچند کي رام جو رنگ لڳو. هوُ
گرهستي هو پر سنتن جي سنگ ۾ سيٺ نهالچند سنت ٿي پيو ۽ سنہ ١٨٦٥ع
ڌاري هي صاحب پرلوڪ پڌاريو. هن سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ٻاٽي چئي آهي. هي
درويش شاعر ساڌڪ کي صلاح ڏئي ٿو :

وٺي گيان گروءَ کان، چشمو چاڙهائي،
چم جو چيرائي، تہ نهال ميوو ماڻ تون.

پرماتما اسانجي اندر ئي وياپڪ آهي. اُن لاءِ ٻاهر ڀٽڪڻ جي ضرورت
ڪين آهي، هو هرهنڌ موجود آهي.

جاني جانب يار، سو ذرو نہ جيءَ جدا،
پنج تتن پاڪ خدا، ويٺو توءِ وجود ۾.

جيو جنهن برهم جي کوج ۾ آهي، سو سويم ساکي روپ آهي. سيٺ
نهالچند فرمايو :

تون جو ڳولين تات سو مولا ملڪن ۾ پيو،
سمجهي ڏس سروپ کي، صاحب سو ساکيات،
نهال پاڪين پاڪ، تن مڙيو ئي تنهنجو.

سنساري سنٻنڌين يا جڳت جي پدارٿن سان پريت رکڻ دکدائي آهي.
سائينءَ سان سڪ جو ناتو ڳنڍڻ سکدائي آهي. پرماتما جو پريم ئي پڪو پريم
آهي. ڪوي نهالعل انڪري سکيا ڏيندي چوي ٿو :

شاهن سان سچي رکاج، راند رهاڻ جي،
ڪڏهين ڪاج تون ڪام ڪا، حب ۾ هاج ڪاڇي،
رک سا پريت پڪي، نهال نوتن نام سان.

◆**پير محمد اشرف شاه قريش** سنہ ١٨٠٢ع ڌاري ٽنڊي الهيار جي
ٻڪير ڳوٺ ۾ شيخ محمد غوث جي گهر ۾ تولد ٿيو. هي اڳتي هلي درويش

و. هن درويش سنڌيءَ ۾ ڪلام چيو آهي. هي صاحب اسانکي بيدار ڪندي
وي ٿو :

تون تان پکي پرڏيهي، هي ڏيهہ نہ ڇاڻج پنهنجو!
حب وطن جي غالب جن کي
نامہ جميعت ڪا تہ تن کي.

شاعر پاکنڊي پيرن تي طنز ڪندي آگاه ڪري ٿو :

نالو پنهنجو پير سڏائين،
مکر ڪيو ٿو مريد ڳڏائين،
اسبابن سان اُٺ لڏائين،
پري درجو پيريءَ جو.

پير کي تہ دنيوي مال اسبابن جو ترڪ ڪرڻ گهرجي.

♦**سائين بچل شاهہ صاحب** سنہ ١٨٠٧ع ڌاري مانجهدن سنڌ ۾ ڄائو.
نيپڻ ۾ هنجي ڌڻيءَ طرف رغبت هوندي هئي، وڏو ٿيو تہ کيس الف شاه درويش
رشد روپ ۾ مليو. جنهن مان هن روحاني فيض حاصل ڪيو. ٦ مئي ١٩٠٦ع ۾
ن خداترس شاعر وڃي واليءَ سان وصال ڪيو. هن جي ڪلام ۾ بہ ڪي
صيحت آميز نُڪتا آهن. دنيا يعني مايا جو ذڪر ڪندي بچل شاه چيو :

دنيا دو رنگي دادلي وئشيا و انگر نچي،
سهسين رنگ تماشا ڪري باز بحري بچي،
بچل ڪنهن سورمي سچي، ڪپي ڇڏيا ڪن ڪميني جا.

بچل شاه سالڪ کي هستي وڃائڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

وڃائي تون وجود کي، پاڻون پاسي ٿيءُ،
مڏهن ڪونهي هيءُ، هو پڻ ڪونهي هن ري.

اڳيانين آلسين تي طنز ڪندي بچل شاهہ بيدار ڪري ٿو :

پاڻ پنهنجو پاڻ ۾ جن ڏٺو نہ پيهي،
بچل هن بناوَ جي ڪل تنهين ڪيهي،
وهامي ويئي، وڃي گهڙيون ڏس گهڙيال جون.

♦**حمل فقير لغاري** صاحب سنہ ١٨٠٩ع ڌاري خيرپور رياست جي
ڳوٺ ميرخان ۾ رحيم خان جي گهر تولد ٿيو. هن سنڌي ۽ فارسيءَ جو ابياس
ڪيو. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ مڪتب کوليو. شاعر حمل صاحب جو ميرن پيرن

۽ درويشن سان ڪافي رسوخ هو. هي حاضر جوابيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو
هن سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ڪلام چيو آهي. شاعر حمل مرشد جي ٿ
ڳائيندي چيو :

سهڻي صحبت مرشد جي، ٻي صحبت سڀ بيڪار،
صحبت مرشد جي حق ڏيکاري، تار لنگهائي پار.

حمل صاحب پنهنجي دؤر جو ممتاز شاعر هو. هوُ زندگيءَ جا حقيق
تاجربا پيش ڪندي اسانکي اشارو ڪري ٿو :

هيءَ هيءَ هيءَ هاءِ محبت ويئي ملڪ مان،
جتي قرب ڪمال هو، اُتي لائُ نہ سائُ،
حمل چوي هن ڳالهہ جو ڪونهي سڌ سمائُ،
ڪو جو وريو وائُ. ماڻهو سڀ متاجي ويا!

يارن جي بي وفائي ۽ خود غرضيءَ جو ذڪر ڪندي آگاهہ ڪري ٿو :

ياراني يارن مان ويئي ڙي ويئي!
ڳڏيل هُئي ڳمان ۾ سا پٽري ٿي پيئي،
ڪوڙي لات لباس جي لائڻ ٿا ليئي،
ڪم لٿي ڪاغذ جيان اُڇلن اڱيئي.

پيش آهي حمل صاحب جو سرائڪي نصيحت اميز شعر جنهن ۾ ه
اسانکي بيدار ڪري ٿو :

ڪر ڪاجهہ ياد خدا ڪون بندا! ڇوڙ دنيا دا ڪوڙا ڌندا،
حرص هوَس دا تاڻ نہ تندا، نيڪ بدي دا سماجهن سنڌا،
ڪيڊ اندر دا دروه دغل، ڪرگهن ڪاجهہ تون نيڪ عمل.
ايها عمر نہ آ سئي ويل

اسان مٽن مائٽن يارن سان نينهن جو ناتو ڳنڍيي واليءَ ڪي وساري ڇڏيو آهي
اُهي يار ۽ مائٽ ڪيڏو نہ خودغرض آهن، جو وقت تي منهن متائي ٿا وڃن
حمل صاحب انڪري آزمودو پيش ڪيو آهي تہ ڏٺي ئي سدائين ساٺي آهي.

جن چيو ٿي جيءُ سي اڄ ٻوڏ نہ چون ٻاجهہ مون
جن ڪارايو خوشيءَ مان سي پاڻي چون نہ پيءُ،
هوڏهن هوڏ حمل چوي. هت حال منهنجو هيءُ،
رحم رب ريءَ، ڪير اڄ ڪنهن تي ڪري!

◆ **محمد قاسم هالائي** سنہ ١٨٠٩ع ۾ هالن سنڌ ۾ آخوند نعمت الله جي اڱڻ کي آباد ڪيو. هن سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ ۾ تعليم ورتي ۽ ٽنهي ٻولين ۾ ماهريت حاصل ڪئي. انگريزن جي حڪومت ۾ هن سرڪاري نوڪري ڪئي پر سرڪاري نوڪريءَ مان سندس دل کٽي ٿي پيئي. پوءِ هُو حيدرآباد سنڌ ۾ اچي رهيو. ميرحسن علي هن جي شاعريءَ کان ڏاڍو متاثر ٿيو. ١٨٨١ع ۾ هن عالم شاعر وفات ڪئي. پيش آهي سندس ناصحاڻہ شعر جو مختصر جائزو.

شاعر هالائي صاحب پنهنجي تجربن جي تاثرات پيش ڪندي صلاح ڏئي ٿو :

دنيا سان ۾ رک يار ياري ڪڏهن،
جو ڪنهن سان اُن پت تہ پاڙي ڪڏهن.

حرص هوس انسان کي پتڪائيندو آهي. انڪري شاعر تاڪيد ڪري ٿو :

چڏ هوَس ۽ خانئہ ۾ خيرجي،
پڙهہ وجي قاسم قناعت جو ڪتاب.

شاعر قاسم علم جي اهميت واضح ڪندي چيو :

علم ڏاران ڪين ڪنهن هنڌ آب ۽ عزت لهن،
توءِ جاهل جوڙجڪ سان ڪن هزارين ٻول ٻپ.

شاعر اندر مان غلاضتون ڪيڻ جي هدايت ڪندي چوي ٿو تہ الله جي حاصلات ۽ سڪون لاءِ اندر اوجر هئڻ گهرجي. سدائين ڏٽيءَ جو خوف رکڻ گهرجي.

من منجهان غفلت، غلاضت غير ڪي،
صاف رک سينو بہ من مان مير ڪي،
جي گهرين منجهہ آخرت آجو رهان،
ڪر خدا جو خوف ۽ تون غير ڪي.

شاعر قاسم صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ بهشت ۾ ميوا ملن تہ بکايلن جو پيٽ ڀر. پنهنجي اندر مان وير وروڌ ڪوڙيون خواهشون ڪيي اندر ٻاهر هڪ جهڙو ٿي رهہ.

جي گهرين عقبيٰ اندر ميوا ملن،
ڪو بڪئي ڪارڻ اتي جو سير ڪيو،
قلب مان قاسم ڪيي ڪوڙي هوَس،
هيڪ ٿي هل ۽ وڃان هي وير ڪيو.

شاعر ڌڻيءَ جي حڪم ۽ ڊپ ۾ رهڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :

امر مڃ الله جو قاسم سندس پڻ خوف رک،
سُڻ ساخن ساچ تو چوان، پيو سڀ ڦتو ڪر ڪار ڪم.

◆ **فقير غلام حيدر تيرهو.** هي صاحب ١٨١٠ع ڌاري ڄاول ٿيو
سنڌي ۽ عربي ٻوليءَ جو چڱو مطالعو ڪيائين. هي سيد قنبر علي شاه جو
مريد ٿيو. جنهن مان روحاني فيض حاصل ڪيائين. هن صاحب سنڌي
سرائڪي، اُردو ۾ ڪلام چيو آهي. هي شاعر شاه لطيف کان متاثر نظر اچي
ٿو. شاعر روحاني راهه ۾ راهگير کي وحدت الوجود جي واٽ ٻڌائيندي
تاڪيد ڪري ٿو :

اوڏو آهي اکين کان، ناهي پاڻ پري.
حاضر هر ڪنهن دم ۾ ڏس دل تي ڌيان ڌري.
جهڙو منجهه ذري، تهڙو سڀ سماءَ ۾.

شاعر پنهنجي ڪلام ذريعي سالڪ کي سهڻيون صلاحون ڏنيون آهن

هلي هوت حبيب جو جيئري ڏس جمال.
ڪم نه ايندءِ ڪانڌ ريءَ ملڪ مڏي ۽ مال.

ڪڻ توڪل تار ۾ سنبر ڪٽاڄ ساڻ.
محبت کي مهراڻ آڏو اچي ڪين ڪي.
ڪتڻ سندي ڪار، ڪر ته ڪاهل نه ٿئين.
سنهو سٽ صراف کي ڏهاٽي ڏيڪار.
ناري منجهه نهار ته تند ساڃيائي صاف.

اسانکي ڏٺيءَ جا احسان وسارڻ نہ گھرجن. شاعر صلاح ڏئي ٿو :

ڀلايون ۾ ڀال، ڀوري وساريڻ ور جا.

ڏٺيءَ جي طالبن کي گھٽي ننڊ ڪرڻ نہ گھرجي. نہ تہ سسئيءَ وانگر سور سھڻا پوندا.

نينھن جني جو ننڊ سان، سيئي سور سھڻ.

◆ **خليف گل محمد هالائي** موزون سنڌي شاعريءَ ۾ خاص اهميت رکندڙ شاعر هو. هي صاحب ١٨١٣ع ڌاري هالن سنڌ ۾ آخوندن جي خاندان ۾ ڄائو. هن پير پاڳاري صاحب حضرت علي گوهر شاهہ کي پنھنجو مرشد ڪري مڃيو. هي صاحب پنھنجي دور جو پڪو پختو شاعر هو. سندس ڪلام ۾ ڪي نصيحت آميز نڪتا ملن ٿا. شاعر روحاني راهہ جي راهگير کي صلاح ڏئي ٿو :

جُي پائنين تہ وحدت ۾ ٿيان محو گل
تہ هڪ ڏس م ڏس بيو م چوءُ هيءَ هوُ.

شاعر گل محمد دنيا جي بي اثباتيءَ جو بيان ڪندي اسانکي بيدار ڪري ٿو :

ويا دنيا جا شاهہ ڪئين دنيا ڇڏي منجھہ هيٺ پوَن
پاڻ مھٽيندا ڪٿي، اي دل ڪيئي آيا ۽ ويا!
گل حقيقت تو پڇين ڪھڙي دنيا جي دور جي،
ڪا خبر ڪنھنجي اٿي، اي دل ڪيئي آيا ۽ ويا!

شاعر گل محمد جا هيٺيان بيت نصيحت آميز آهن، وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ ڪارگر آهن.

ٿي سنگت صحبت ۾ ماڪيءَ ڪان مٺو،
منجھہ ڪاچڻ ڪنھن سان ڪٿوٿي ڪيم ٿڙهہ
اڻ پاڇي ڳالھہ چوڻ ناهي صلاح

اڻ سڏيو ڪنهنجي ڳهر وڃڻ سڙ سڙ.

---- ---- ----

منجهان ديگ پنهنجي بکئي کي ڍئيو

تہ پُر ٿئي جي چکايوس لاس.

عشق جي راھ ۾ غفلت جي ننڊ رڪاوٽ آهي. شاعر تاڪيد ڪري ٿو

آھ ننڊ ندوري ۽ آرس اياڳ،

سمهڻ سور ساڙو اُٿي يار جاڳ.

دنيا جا ڪوڙا ڪم ڇڏي. هڪ هڪ دم عبادت ۾ سڦلو ڪر.

هل هوش رک هلڻ ۾ ڪڻ ڏيان ساڻ دم.

ڪرتات رب جي، ڇڏ سب ڪرت ڪار ڪم.

دم جو اچي وڃي ٿو، اي تنهنجو خرچ آھ.

خرچي م خوش ٿيءُ تون پوءِ ڏس متان ڪرين غم!

♦ **فقير قادر بخش بيدل سائين** سنہ ١٨١٤ع ڌاري روهڙي سنڌ ۾

خليف محمد محسن جي اڱڻ کي آباد ڪيو. سندس والد عالم شخص هو

انڪري بيدل سائين جي پرورش، تعليم تربيت پڻ عالماڻي فضا ۾ ٿي. هن

سنڌي ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ ماهريت حاصل ڪئي. هو صاحب پنهنجي دور

جو اعليٰ صوفي درويش شاعر هو. هن صاحب سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ ڪلام

چيو آهي. روحاني راھ ۾ خوديءَ کي ختم ڪبو تہ محبوب جو مشاهدو

ماڻي سگهبو. انڪري سائين بيدل سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو :

خام خوديءَ جا خطرا، مڙيئي ڪاڇ مات،

قرب پار قدم خوديءَ ريءَ ڪٽاڇ تون.

بيدل سائين جو مذهب عشق هو. هوُ ٻاهرين ڏرم مذهب جي ٻنڌنن کان

دور رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

بيدل مذهب کان رھ نيارو، وحدت رک ويساھ.

پرين جي پانڌيئڙن کي ستون ڪرڻ ۽ سمهڻ ڪين سيبائي.

سمهڻ ۽ ستون ڪرڻ، صوفيءَ ۾ نہ سماءِ.
جوڳين ڪين جُڳاءِ ڏاران جوت جڳت جي.

اسين پنهنجي اصلي وطن کي وساري مايا ۾ محو ٿي ويا آهيون. سائين بيدل بيدار ڪندي چيو :

ديس ڇڏي پرديس تون آٿين، وطن ڪيم وسار.
بيدل اُڏري وڃ اوڏانهن، گوئدر ڪين گذار.

♦**ڇتو فقير صاحب** سنہ ١٨٢٢ع ڌاري محبوب ڀُوٽ لاڙڪاڻي سنڌ ۾ فقير مولا داد جي گهر تولد ٿيو. شاعر سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو :

واحد تو ۾ ويجهڙو ديهيءَ ۾ درس.
ڏيهہ انهيءَ جو ڏس توکي هادي هتيڪو ڏنو.

سندس هڪ ناصحانہ بيت آهي :

رک دوستي دانهہ سان، وير ڪري ويچار
صحبت آہ جنهن سڦري، غازي جو غمثار.
دانهہ دوستي دم تي جو سر ڏئي سردار
اهڙي ساڻ اظهار ڇنجي ڪين ڇتو چوي.

♦**سيد حاجي غلام محمد گدا صاحب** سنہ ١٨٢٦ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ سيد حسن علي شاه جي گهر تولد ٿيو. سائين بچل شاه سندس ڏاڏو هو. هن ابتدائيءَ تعليم ڏاڏي کان پرائي ۽ روحاني فيض بہ حاصل ڪيو. هي سنڌي عربي ۽ فارسيءَ ۾ عالم هو. هي صاحب پنهنجي دور جو اعليٰ غزل گوشاعر هو. ڪيس ميرن وٽان لوازما ملندا هئا. مگر هي درياهہ دل پاڻ وٽ ڪجهہ بہ بچائي نہ رکندو هو ۽ چوندو هو :

ڪاڻ ڪاراءِ دولت دنيا، اڄ تنهنجي ۽ سڀان پرائي ٿي.

جي اسين ڏٽيءَ جا طالبو آهيون تہ مجازي عشق کي ڇڏي حقيقي ع
جي راهہ تي هلڻ گهرجي. شاعر اها صلاح ڏيندي چيو :

جي آهين طالب الموليٰ تہ بيشڪ
حقيقي عشق وٺ، ڇڏ تون مجازي.

الله جي عشق جي اهميت ٻڌائيندي شاعر گدا صاحب سالڪ کي صا
ڏئي ٿو :

عشق رک موليٰ جو دل ۾ دم بہ دم،
عشق ريءَ ٻيو توکي ايندو ڪين ڪم.

ڪيترا ماڻهو ٻي جو نقصان ٿيندو ڏسي ڪڇيون هڻندا آهن. شاعر اه
شاخصن کي تاڪيد ڪندي چوي ٿو :

جي آهين مرد مومن، صاحب فيض
ڪڏهن راضي نہ ٿي، ڪنهن جي زيان تي.

صوفي چاهي سنتن پريات جو اُٿڻ جي تاڪيد ڪئي آهي تہ جا
جاڳي رب کي رياجهايو. شاعر گدا صاحب صلاح ڏيندي چيو :

ڇڏي خواب غفلت کي تون يار جاڳ،
سمهڻ صباح جي وقت آهي نياڳ.

شاهوڪار مايا روپي هڏيءَ لاءِ وڙهن ٿا. غريب مسڪين جو ڪن
کي خيال ناهي. شاعر طنز ڪندي صلاح بہ ڏئي ٿو :

هڏيءَ تي هوڏ آهي، دنيا دارن جي درهرجا،
غريبن جي ٻڌي ڪنهن ڪين ۽ اهل وطن بگڙيا.

◆ **مير حسن علي خان** سنہ ١٨٢٧ع ڌاري حيدرآباد سنڌ ۾ مير نص
خان جي گهر ڄائو. مياڻيءَ جي جنگ وقت انگريز سرڪار مير نصير خ
۽ سندس واله مير حسن عليءَ کي جيل ۾ باند رکيو. مير صاحب پاڻ انگري
جي غلاميءَ ۾ رهيو. ڪيس پنهنجو تجربو هو. تنهنڪري پنهنجو تجر

پيش ڪندي مير حسن علي اسانکي بہ آگاھہ ڪيو :

جيئري کي تہ چڻ موت آهي دنيا ۾ اسيري
آزادگي سان ناهي برابر ڪا اميري
گر فڪر ۽ فاقو هاجي بهتر سا فقيري
آزاديءَ جي مٽ ناهي نہ شاهي نہ وزيري.

اِئسِتيءَ طرح شاعر اسانکي آزاد رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

قرض وڏو مرض آهي. مير حسن علي خان هيٺ ڏنل نصيحت آميز شعر ذريعي قرض کان باز رهڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :

عالم ۾ ڪين ڪر ڪُڏ، پنهنجو شعار قرض،
بک کان مرڻ ڀلو بہ نہ ڪر اختيار قرض،
تون مرض چاڻ قرض کي، ان ۾ نہ ڪر ڪو شڪ،
هي درد سر جو آهي ۽ تن جو بخار قرض.

قسم نہ کڻاجي نہ ڪنهن کان قسم کڻائجي. انڪري مير حسن علي ڪنهن بہ حالت ۾ قسم نہ کڻڻ جي تاڪيد ڪئي آهي :

ڪو ڪري اعتبار يا نہ ڪري، تون ڪرين ڇو ٿو اختيار قسم!

♦ **مصري شاه رضوي** سنہ ١٨٢٨ع ۾ نصرپور شهر ۾ سيد بلند شاهہ جي گهر تولد ٿيو هن سنڌي، فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم ورتي. مصري شاه بہ ناصحاڻہ شعر چيو آهي. شاعر صلاح ڏئي ٿو تہ دنيوي سکن کي ٿورو وقت ڀوڳڻ سان ساري عمر ڀوڳڻو پوي ٿو. انڪري دنيوي مزن عيشن کان دور رهون :

عيش دنيا جا مڙيئي، مان و ارا ۽ ملوڪ !
سُکہ هڪ ئي ساعت جو ۽ ساري عمر جو سوُر ٿيو.

دنيوي مال اسباب روپ رنگ جي بي اثبابي بيان ڪندي شاعر مصري شاه چيو :

هي نہ تنهنجو، تون نہ هن جو، عمر، مايا ڪوڙي چاڻ

مورتون ساڳين مسافر، رات ٿو رڻ ۾ رهين.
نانهن آهين، نانهن تي، نانهن ۾ ناڃهرو اڏي.

شاعر اسانکي بيدار ڪندي چوي ٿو :

جاڳ ڏي جيءَ کي جفا، ڳينوار غفلت کي ڇڏي،
رات ويئي اُپٽڻ اکيون، توکي نياڳا ننڊ نہ ڏي.

دنيوي مزا سک آرام ڪکر جي ڇانوَ وانگر عارضي آهن. مصري شا
اسانکي آگاه ڪندي چيو :

پورا ائين ياءِ، تہ ڪوڙي ڇانو ڪکر جي!

◆ **سائين جيوتسنگھ** سنہ ١٨٣١ع ۾ قنبر شهر لاڙڪاڻي ضلع
سنڌ ۾ شري شيوڪرام سئناٽيءَ جي گهر ڄائو. جوان جيوتسنگھ کي
سائين ولايتراءِ گرو روپ ۾ پراپت ٿيو. جنهن سندس زندگيءَ ۾ تبديل آڻي
ڇڏي. کيس دنيا کان ڪتائي اڇي ويئي. هوُ سارو سميہ سمرڻ ۽ سيوا ۾ سڦلو
ڪندو هو. هن ڀڳتي ڀاونا جي آويش ۾ سنڌيءَ ۾ ڪلام لکيو آهي. هي
صاحب سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

جيوت جاني آهہ هر جائي
اندر ٻاهر آهہ صورت سائي.

---- ---- ----

ڪثرت ڪانهي سڀ آهي وحدت تون پنهنجو پاڻ سڃاڻ.
جت ڪت سهڻو دلبر آهي.

سنت جيوت سنگھ اسانکي سکيا ڏيندي چيو تہ ڪوڙي جڳت وهنوار
کي ڇڏي ستسنگ ۾ سميہ سڦلو ڪريو ۽ گروءَ جي ڏنل منتر جو اڀياس ڪندا
رهو. پنهنجي اصلي وطن کي نہ وساريو، اُن طرف وک وڌايو.

رهہ سدا ستسنگ ۾ تون ڇڏ ڏسڻ ڪوڙي عام کي
ويهہ نہ وساري، ڪر تون سدا، وڌاءِ انهيءَ ڳام کي
ياد رک تون دم بہ دم، مرشد جي اعلام کي.

ديوان صورت سنگهہ صاحب جو جنم ١٨٣٢ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. هن صاحب سنڌي فارسي ۽ هنديءَ جو اڀياس ڪيو. ڪيس شادي ڪرائي ويئي پر هن جو من سنسارڪ پرپنچ مان ڪٽو ٿي پيو. هن درويش دل ڀڳت سنڌي هندي ۽ فارسيءَ ۾ ڪلام چيو آهي. هن صاحب خلق ۾ ئي خالق پسيو، سڀ ۾ هڪ ۽ حق جو ديدار ڪيو. ساڌڪ کي صلاحون ڏيندي چيائين :

خلق ۾ خالق ڏسي، نہ تنهن اڳيان،
ٻولي ٻڌي هلي چلي سڀ پاڻ برهم.

---- ---- ----

ڇاڻ تون هردي وسي ٿو ايش هڙ
ٿو جڳائي تان ادب سڀ ساڻ ڪڙ.

ڪوي صورت سنگهہ سنتن ستپرشن جي شيوا ۽ نام سمرڻ جي تاڪيد ڪندي چيو :

ٽهل سنتن جي ڪرين جي دل وجان،
لوڪ ۾ پرلوڪ ۾ پائين خوب مان.

---- ---- ----

جاڳندي پڻ ننڊ ۾ پڻ نام اُچار،
ڏي ٽپي نام ۾، پريمي پريم اُتار!

ڪوي صورت سنگهہ پنهنجي مشنويءَ ۾ وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ سهٽيون صلاحون ڏيندي سونهپ ڪئي آهي. پيش آهن ڪي مثال :

ٿورڙو گهر چؤ بہ ٿورو کاءُ گهٽ
ڇا ڏسين، ڇا ٻڌين، تون چپ نہ پٽ.

---- ---- ----

ايش جو ڪاڄ ڪري سو خوب ڄاڻ،
ڇا ڪري حڪمت بہ تنهن ۾ ايش پاڻ.

---- ---- ----

ڪر ٻين جي ساک، پنهنجا عيب سار،

پاڻ ڪنبو گل پيا، سا سمجهہ ڌار.
ريس ساڙو شترتا کي خوب ڇڏ!
---- ---- ----

ننڊ غفلت کي ڇڏي ٿي تون سجاڳ
وٺ هوشياري، ڪر نہ سستي کول ڀاڳ
---- ---- ----

سچ سوالي نا دران مو ٿائجي
هوند وارو ٿي بہ ڪر پڻ نا ٿاجي.
ڪوي جون مٿيون صلاحون ڪيڏيون نہ ڪارگر آهن.

◆ **غلام محمد خانوي صاحب** سنہ ١٨٣٤ع ڌاري تولد ٿيو. سندس
ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي نصيحت آميز نڪتا ملن ٿا. شاعر پنهنجي شع
ذريعي سالڪ کي صلاح ڏيندي چيو :

اکيون غير غليفا ڪٽج ڪيم پرين ڏي،
متان غيرت غليظ، اچي عجيبن کي.
---- ---- ----

اکيون پئي رک، جوڙي جاءِ سجود جي
لحظو ڦير م اک، ڪٽي پي ڪنهن پار ڏي.

◆ **شري ايسرلعل** جو جنم سنہ ١٨٣٥ع ڌاري روهڙي سنڌ جي رانوتي
ڳوٺ ۾ شري پرمانند جي گهر ۾ ٿيو. جواني ۾ ئي سندس دل دنيا مان ڪٽي
ٿي پيئي. هن صاحب جي ڪلام ۾ ڪي نصيحت آميز نڪتا آهن. پيش
آهن ڪي مثال :

پولا من ڪر ويچار، پنهنجو پاڻ ۾ پاڻ سڌار،
ساڌ سنگت سان رک سنيهہ، پنهنجو پاڻ ۾ پسج ڏيهہ.
---- ---- ----

ستگر ٻاجهون سانت نہ پائين،
پنهنجو پاڻ ۾، پاڻ وڃائين!
ڪوي پريم جي اهميت ٻڌائيندي چيو :
بنا پيتي پريم جي، اُڃ بک ڪين لهي.

◆ **سيد فاضل شاه**، هي صاحب سنہ ١٨٣٦ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ سيد حيدر شاه جي گهر ۾ ڄائو. سندس والد عالم ۽ فاضل هو. هن زندگيءَ جي پوئين دور ۾ بندگي ڪئي ڪاجهہ ڪلام بہ چيو. هن صاحب جا ڪي شعر نصيحت آميز آهن. چُپ رهڻ جي تاڪيد ڪندي شاعر چيو :

چوان ٿو چتائي چڱي آهہ چُپ،
ڪر م لڙائي، چڱي آهہ چپ
سياڻپ سندو سوجهرو سچ سڪوت
هنئين ۾ هلائي، چڱي آهہ چپ.

توڪل ۽ قناعت جي تاڪيد ڪندي شاعر چيو :

ٻڌُ قناعت جي ڪمر، ڪر تون توڪل ڪي تڪيو
تاتڱهہ رک توفيق جي طالب طلب نو اب تات.

شاعر ڪوڙ کان ڪنارو ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي سچ جي راهہ تي هلڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

سچ چئاج، سچ سان رهاج سڀ ساڻ واعدو ڪاج سچو،
ڪوڙ ڪي ڪيڏ قلب مان، ڪنهن ساڻ ڪوڙي ڪر نہ بات.

◆ **ڀڳت هاسارام** جو جنم ١٨٤١ع ڌاري ڪوٽڙي سنڌ ۾ شري راڇومل جي گهر ۾ ٿيو. هي گهر گرهست ۾ رهندي پرمارٿ جا ڪاريہ ڪندو رهيو. سنت عطرسنگهہ گلابداسي کيس گرو روپ ۾ مليو، جنهن آتياتمڪ مارگ ۾ هناجي سونهپ ڪئي. هن صاحب سامي صاحب جي سلوڪن جي طرز تي سلوڪ سنڌيءَ ۾ چيا آهن. ڪن سلوڪن ۾ هن ساڌڪن کي صلاحون ڏنيون آهن :

جيسين جئين جڳ ۾ تون، پنهنجو پاڻ سڃاڻ،
اکر پڙهي هيڪڙو، عارفن سندو اُهڃاڻ.

---- ---- ----

وٺي گيان گروءَ کان پيهي اندر پسُ،
هاسارام آهي اهو عجب عمر وڃايئہ اڻ هوند ۾.
منش ڪايا مايا تي ڪيڏي نہ غروري ڪري ٿو، مگر اُهي ناسونت
آهن. انڪري ڪوي هاسارام بيدار ڪندي صلاح ڏئي ٿو :

ڪايا هن ڪوڙيءَ تي چو ٿو گرب ڪرين!
ناهي ويساهہ پل جو، سا ڳڻاڄ ڳالهہ ڳري،
مٽي پڇاڙان پوندين چڪيا تي ويندين جلد جري
هاساران اٿيئي ڳالهہ ڳري، جپي وٺ جگديش کي.

◆ **محمد اڪرم خان 'اَڪرم'** سنہ ١٨٤١ع ۾ شڪارپور سنڌ
۾ آدم خان پٺاڻ جي گهر تولد ٿيو. پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪندي سندس
دل دنيا کان ڪٽي ٿي پيئي ۽ من مالڪ ڏانهن مائل ٿيو. هن درويش دل شاعر
جا ڪي ناصحاڻہ شعر ملن ٿا. شاعر بندي کي بيدار ڪندي صلاح ڏئي ٿو :-

اي ادا ڪجهہ پاڙ پنهنجي قول ۾ اقرار رکي
رک ڏيان ۽ دل نہ ڏي ٻي ديهہ جي ديدار کي.

--- --- ---

ملڪ ايندءِ موت جا، رتي نہ رکندءِ ريو
چڙهي اوج ويندين ارمان سان!
تون تڪيون سمجهي توڙ جو، ڪروتين نت ڪيو،
موڳا محض مئيءَ واري مان سان.

◆ **سنت وشنداس** صاحب سنہ ١٨٥٩ع ۾ سيٺ نهالچند ياروائي
جي گهر مانجهو ڳوٺ ۾ جنم ورتو. هن سنڌي ۽ هندي ۾ ٻاٽي لکي آهي

شاعر دنيا جي بي بقائيءَ جو ذڪر ڪندي بيدار ڪري ٿو :

آخر جهان آهي ڇڏڻو، ڪنهنکي پڪو گهر نا هت اڏڻو،
سڀ ڪنهن سر تي بيٺو سڏڻو، ڪي تہ لڏي ويا ڪن ڪي لڏڻو!

◆ **مومن فقير** جو جنم سنہ ١٨٤٦ع ڌاري عاقل ڳوٺ ضلع لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هي پيارو ٻہ درجا پاس ڪري پنهنجي پتا سان گڏ هٽڙيءَ تي ويهندو هو. هڪ دفعي پير نصرالدين سندس ڳوٺ ۾ آيو. مومن لعل اُن جو ديدار ڪري متاثر ٿيو ۽ اُن جو مريد ٿيو. مرشد مهر ڪئي پياري مومنلعل کي روحاني فيض رسيو. بندگي ڪندي هن هرهنڌ محبوب جو مشاهدو ماڻيو.

سڀ ماڙيون محبوب جون، سيني ماڙين محبوب،
هر جا صورت حق جي ڏس خاني خاني خوب،

فقير مومن سالڪ کي کهڙي نہ سهڻي صلاح ڏئي ٿو :

وجهي ٻاجهہ ٻنيءَ ۾ پنهنجي پوک پاڇاءِ،
پاڻي ڏئيس پريت جو سلو ڪين سڪاءِ،
بانڪو ٿي ٻاڇاءِ، متان جمار جهڻي وڃئي.

◆ **مير عبدالحسين سانگي صاحب** سنہ ١٨٥١ع ۾ عياباس علي خان جي گهر ڪلڪتي تولد ٿيو. هي سنڌي، فارسي ۽ انگريزي پڙهيو. هي صاحب پنهنجي دور جو اعليٰ شاعر هو. سانگي صاحب زندگيءَ ۾ ڪيترائي آزمودا پرايا. اُنهن کي پيش ڪندي هن پنهنجي شعر ۾ نصيحت آميز نڪتا پيش ڪيا آهن :

آهي دنيا ۾ جي رهڻ واجب
سور تنهن جا آهن سهڻ واجب.
نيڪ وَ بَدِ جيڪي ڪو چوي سو چوي
تنهن تي هرگز نہ ڪن ڪرڻ واجب.

زماني سازيءَ جي خيال کان شاعر صلاح ڏئي ٿو :

رات کي ڏينهن، ڏينهن کي چؤ رات،
راڄ ۾ جي اٿيئي رهڻ واجب،
صلاح منظور سڀ سان آهي تہ پوءِ،
حق چڏي راءِ تي رهڻ واجب.

◆ **مرزا قليچ بيگ صاحب** پنهنجي اصولڪي تصنيفن ۽ ترجمن
سان سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو هي صاحب عالم ۽ فاضل شخص هو. هي
صاحب پنهنجي دور جو اعليٰ شاعر بہ هو تہ نثر نويس بہ هو. هي صاحب
سنہ ١٨٥٣ع ۾ حيدرآباد سنڌ جي ٽنڊي ٺوڙهي ڳوٺ ۾ مرزا فريدون بيگ جي
گهر ۾ تولد ٿيو. ڪاليج پڙهندي هن ادبي مقبوليت حاصل ڪئي. هي صاحب
ننڍپڻ ۾ سنڌي ۾ شعر لکندو هو ۽ ڪاليج ۾ پڙهندي هن انگريزيءَ ۾ شعر لکڻ
شروع ڪيو. هن شيڪسپيئر جا ناٽڪ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. هن صاحب
پنهنجي اصولڪين تصنيفن ۽ ترجمن ذريعي سنڌي ادب جا گهڙا پريا،
ڪيس سنڌي نثر جو ٿنيو سڏيو وڃي ٿو. هي صاحب پنهنجي قابليت سان
ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي پهتو. سرڪاري عهدو ماڻيندي هي صاحب
خدا ترس شخص، رچ مڙس هو. سندس 'ديوان قليچ' 'رباعيات عمر خيام'
قابل ذڪر آهن. مرزا قليچ بيگ بہ ناصحاڻہ ڪلام چيو آهي. سندس خيالن
موجب سچي عيد ڇا آهي، اُن جو ذڪر ڪندي هن صاحب چيو :

عيد سان آهي جڏهن اندر جو آرام هوئي
هوئي پاڇاڙي چڱي هئي حال هت باچڙو تہ ڇا!
عيد سبا آهي وڙهو جڏهن نفس ۽ شيطان سان،
۽ گناهن کان بچو ۽ ڪم ڪريو سڀ ائين ڀلا!

اسين جيڪڏهن قل اچا رکي پر اُپڪار جا ڪاريہ ڪريون ٿا،
ڪنهن غرض جي خيال کان ڪنهن سان ڀلائي جا پير پريون ٿا تہ اَن جي
ايتري اهميت تہ آهي. انڪري شاعر قليچ بيگ هدايت ڪري ٿو :

عيوض جي طمع تي ڪرڻ بئي سان نيڪي،

قليچ ان کي هرگز نہ چئاجي پلائي.

شاعر خلق جي خذمت ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي چيو :

خلق جي خير ۾ مشغول سدا رهہ تون قليچ،
من ڪڏهن ڪا ٿئي مقبول ڪمائي تنهنجي.

شاعر نشيدار شين کان پري رهڻ جي صلاح ڏيندي چيو آهي :

شراب آهي اَرڙ، آفيم ڪا ڪاريهر، چرش کپر

شاعر عشق جي اهميت ڏيکاريندي چوي ٿو :

عشق ري ماڻهو، جسم وَجان بگر،
پت جو نقش آهي سو يا وڻ ري ٿِز.

پيار کان سوا ءِ زندگي بيسود آهي. پيار جيون شڪتي آهي. ڏٺيءَ جي طالبوءَ کي ائئي پهر ڏٺيءَ جو ذکر ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي. پنهنجي حواسن تي ظابطو رکڻ گهرجي.

طالب چڱو سو، حق جي طلب ۾ نت رهي،
پنهنجي حواس پنهنجا ۽ دل تير جو رکي.

روحاني راهہ ۾ سالڪ کي پهرين پنهنجي نفس کي مارڻ گهرجي ۽ من مارڻ سان ئي محبوب جو مشاهدو ماڻي سگهندو.

روشن دلي گهرين جي نفس پنهنجو مار
مر تون مرڻ کان اڳ تہ وجي ترت پهچين پار.

شاعر دنيا جي بي بقائيءَ جو بيان ڪندي بيدار ڪري ٿو :

جڏهن ڪومائجي ڪرندا سپيئي گل،
تڏهن ڪهڙي ڪاجي هت باغباني!

انسان جي زندگيءَ جو مقصد دنيوي مال اسباب ڪٺ ڪرڻ يا عهدا ماڻڻ ڪين آهي، پر ڏٺيءَ جي حاصلات ئي مقصد هئڻ گهرجي. انڪري شاعر قليچ صاحب آکيو :

دنيا ۾ دل جو مطلب پورو ٿيو تہ ڇا ٿيو؟
آخر ملي تہ رب ملي، ٻيو سڀ مليو تہ ڇا ٿيو؟

♦**سوامي ترمداس صاحب** جنم چيٽ جي ۲ تاريخ سنہ ۱۸۵۴
۾ لاڙڪاڻي جي ٺوڙهي ٻوٽ ۾ شري مٿومل جي گهر ٿيو. شري ترمد
اجان ٻارهن سالن جو هو تہ سندس پتا پرلوڪ پڌاريو. انڪري سندس پرور
ناناڻن ۾ ٿي، هن علم پرايو. دڪانداري بہ سکيو مگر سندس من ڏنڌي ڌاڙ
۾ ڪين لڳندو هو. هوُ پياسي روح هو. سنت نيپوراءِ کيس ستگرو روپ
پراپت ٿيو جنهن سندس روحاني راهہ ۾ رهبري ڪئي. هوُ ايڪانت ۾ وج
نام سمرڻ ڪندو هو. سندن وڏو ڀاءُ اوچتو پرلوڪ پڌاريو. انڪري شر
ترمداس جي من ۾ وئراڳ ورتي وڌي. هن ۱۴ مهنا جهنگل ۾ نام ساڌنا ڪئ
سائين وسڻ شاه پڻ شري ترمداس تي ديا درشٽي ڪندي چيو تہ تون مٽي
وٽ ۾ وڃي سمرڻ ۽ سيوا جي جوت جڳاءِ. سائين وسڻ شاه جي آڳيا موج
هن مٽين ٻوٽ ۾ نام جي جوت جڳائي، پوءِ لاڙڪاڻي ۾ دربار صاحب ب
ڪئي. هوُ پاڻ سنت ٿي پيو. ڪيترائي پريمي وٽس پياس ٻجهائڻ اي
هئا. ۱۴ جون سنہ ۱۹۱۴ع ۾ هن سنت سنساري سفر پورو ڪيو. هن صاح
سنتي ۽ هنديءَ ۾ واڻي چئي آهي.

سوامي ترمداس صاحب پنهنجي ڪاويہ ۾ روحاني راز سليا آهن. ساڻڪ
کي صلاحون ڏنيون آهن. ڪيترن شاعرن مايا کي ڏائڻ ٺوٺي ڪري سڏيو آه
پر سوامي ترمداس مايا جو پيو روپ پيش ڪندي سکيا ڏيئي ٿو :

ڏوٺي ڏوٺي نہ چئو ٿين ڏوٺيءَ سان ترم،
تپ تيرٿ دان پڄ سيئي شپ ڪرم،
مان رکي مردن جو، ڍکي شان شرم،
پيا بہ ڪروڙين ڪاڄن ڪم، ترمون هن ڏوٺيءَ مان.

سوامي ترمداس مانش ديهہ جو قدر ڪرڻ جي تلڪيد ڪندي صلاح ڏئي ٿو :

مانش جنم امول کي ٿو مٽي ساڻ ملائين،
هڪ هڪ سواس لکان ڪروڙان، ويسر منجهہ وڃائين،
منهن مڙهيءَ پائي، ترمون ڏسين ڪين ڪي.

ڪوي پريم سان نام سمرڻ جي صلاح ڏيندي چيو :

مٺو نالو نام جو پريت رکي پيو پڙهہ،
مٽان تنهنجو مڙهہ، ترمون رليئي رک ۾.

گهر ۾ گنگا وهي ٿي پر اسين پياسا رهجي وڃون ٿا. پرماتما اسانج
اندر من مندر ۾ براجمان آهي. ان لاءِ اسين ٻاهر ڀٽڪون ٿا. سوامي ترمدا

سالڪ کي صلاح ڏيندي چيو :

پسڻ ڏاران پر جي آهي سپائي سُڄ
چڙهي ڳنگا در تي پيو پتڪين رُڄ.

سوامي ڏرمداس مهاراج ڏٺيءَ جي بندگي ڪرڻ جي صلاح ڏيندي فرمائين ٿا :

بندا ڪر تون بندگي، چريا ٿيءُ نہ چريو،
بنا ڀاڄن ڀڳوان جي تون آهين ڪوڙو ڪريو!

♦ **سائين حسن بخش** صاحب سنہ ۱۸۵۳ع ڌاري شهداد پور سنڌ جي پير علي شاہ جي گهر تولد ٿيو. پهرين هن کي مجازي عشق جي چپيٽ لڳي. محبوبا جي موت کان پوءِ سندي زندگيءَ ۾ موڙ آيو. هوُ حقيقي عشق جي راهہ جو راهگير ٿيو. هي صاحب پنهنجي من کي سمجهائيندي اٿستيءَ طرح اسانکي بہ بيدار ڪندي نصيحت ڏئي ٿو :

حسن بخش رک تون ڌيان اندر ۾
سوجهي لهہ تون نور نظر ۾.
تہ تي رکو نادان سپ وجن ٿا پساہ اجايا!
شاعر سالڪ کي صلاح ڏيندي آکيو :
ڏورين چو ٿو ڏور، هوُ ورنهہ اٿي ويجهرو.
ساجڻ ساهہ پساهہ ۾، دلبر ناهي دور،
ووڙي ڏس وجود ۾ نرمل سندو نور.
حُسن بخش حضور، مري جيءُ تہ ماڻئين.

وريل فقير صاحب اُڻوهين صديءَ جي وچ ڌاري قنبر تعلقي ۾ حمل ابڙي جي گهر تولد ٿيو. هن درويش گهڻو وقت بندگيءَ ۾ گذاريو. هوُ صاحب صوفين کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

صوفي سڏائين تہ پيون وايون سپ وسار،
هٿي بوڙو ٿي ورندي وات نہ وار،
دين دنيا ايمان ڪفر کان گوشي ٿي گذار
پير مغان جي پڙ ۾ هئہ هئہ هنجون هار
وريل پاڻ وسار، طالب ٿي توحيد جو.

پريڻءَ جي پار جي پانڌيئڙي کي پنهنجي من مان وير وروڌ ڪيي چڙهڻ

ڳھرجي. شاعر وريل پنھنجو آزمودو پيش ڪندي چوي ٿو :

ڪاتين ڪٽا ڪيترا، ڪاتين ڪمي ڪير،
جڏھن وريل ڪيم وير، تہ ڪاتيون سڀ ڪنبي پيون.

♦**صوفي سنت آسورام صاحب** اسو مھني جي ٢١ تاريخ سن
١٨٥٥ع ھالايراڻا ۾ جنم ورتو. ھي صاحب سنڌي عربي فارسيءَ جا عالم ھئ
ھنن حيدرآباد مان ماستريءَ جو امتحان پاس ڪري نصپور ۾ ماستري ڪئي
ھنن ڏارمڪ گرنٿن جو بہ ابياس ڪيو تہ تصوف سان واپستہ ڪتاب پڙھيا
ھن صاحب جھوڪ شريف جي صوفي درويشن ۽ مصري شاھ مان روحاني
فيض پرايو. ھي صاحب روحاني رنگ ۾ رچي راس ٿي ويا. ستگرو سوامي
ٽيئونرام مھاراجن سائين آسورام صاحب کان ئي گرو منتر ورتو. ھوُ کين
ڏاڏا آسورام نالي سنبوڌت ڪندا ھئا. ھنن فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪلام چيو
آھي. ھي صاحب پنھنجي دور جا عالم ۽ فاضل شاعر ھئا. ھن صاحب
پنھنجي ڪلامن ذريعي روحاني راز سليا آھن. ھڪ شعر ۾ ھوُ فرمائين ٿ
تہ اڳياني جيو جڙ کي چيتن ٿاري کي پڪڙي ٿو، مالڪ کي ڇڏي مايا سا
ناتو جوڙي ٿو. ڌڻيءَ کانسواءِ پيون سڀ ڳالھيون اجايون آھن. ڪوي صاحب
فرمائين ٿا :

مول ڇڏي جو پڪڙي ٿاري، تنھن جي ست پد ڳم ٿئي ساري،
ڌڻي نہ سوجھي، پتر پوجي، اندر تنھن جي انڌانڌاري،
الف بنا پيا اکر اجايا، آسوءَ ست سا آھي ساري.

شاعر سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

آسو قلب اُجارج سچ سان پيا ڪر دور خسارا،
”لا“ جو ترھو ڪڻ تون، سنگي پيا ناھن ڪي چارا.

♦**فقير محمد محسن بيڪس صاحب** جي ولادت سنہ ١٨٥٩ع
ڏاري سڳوري سائين بيدل صاحب جي گھر روھڙي سنڌ ۾ ٿي. ھن پنھنجي
والد بيدل سائينءَ مان روحاني فيض حاصل ڪيو. ڌڻيءَ جي شڪتيءَ کا
سواءِ اسين ساھ بہ ڪٽي ڪين ٿا سگھون. ھوُ اسانکي ساھ کان بہ ويجھو
آھي. شاعر سالڪ کي صلاح ڏيندي چيو :

ساھئون ويجھو سپرين، پرين ناھي پري،
جنھن ريءَ ڪيم سري ساعت ھڪڙي ساھ کي.

پاڻ نہ کٿاڄ پاڻ سان پاڻ سڄاڻاڄ پاڻ.
ساجن توهي ساڻ، تون ڳولهين ٻيو طرف.

◆**سوامي گنگارام صاحب** جو جنم ١٨٦٠ع ڌارو سکر ضلع جي
ڪ ڳوٺ ۾ شري ڀاونداس جي گهر ۾ ٿيو. هي هرروز پرڀات جو نام سمرڻ
ڪندو هو. ڀڄن ڳائيندو هو. روز پنهنجي دڪان تي شام جو ستسنگ
ڪندو هو. هن صاحب سامي صاحب جي سلوڪن وانگر سنڌي ۾ سلوڪ
ڪيا آهن. ڪوي گنگارام من کي نرمل رکڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

گنگارام دل صاف ڪر، صافين صاف ملندا،
ڪم نہ آوَن چتراٽيان، پرمين ڪيون پوندا.

ڏٺيءَ وٽ چالاڪيءَ واري چال ڪين هلندي.
پرماتما اسانجي من مندر ۾ وياپڪ آهي، پر اسين اگيان جي انڌاري
سبب ڀٽڪي رهيا آهيون.

انڌا ڏسن ڪين ڪي گهمي پنهنجو گهر،
رڳ رڳ ۾ رمي رهيو آد پرک امر.

سوامي گنگارام هيٺ ڏنل بيت ۾ کهڙي نہ ڪارگر نصيحت ڏئي ٿو :

فهمي فهمي هل، جي سکيو چاهين پاڻ کي،
مايا موهہ پرم جو پٽريو پيو ٿي چل،
هن دنيا جي دور ۾ چال سڌاري هل،
ويندي پويئي نہ ول گنگارام صاحب جي دربار ۾

ڪوي ماٺ ۾ رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :
چُپ ڪر چَپ نہ چور مست رهہ تون موج ۾ سدائي
مست رهہ تون موج ۾ سدائي، چوڻ جي ناهي ڪا بات ٻي ڪائي!
ڪوي بيدار ڪندي صلاح ڏئي ٿو :

اُٿي جاڳ مسافر جيئڙا، ڪاڏي ويو پٽمي ماٿمي
ڏسي ٻن اکين سان تون سمهين پڻ سوڙ پٽ تاڻي

ڪوي ڪنجوس جي عڪاسي ڪندي فراخ دل ٿيڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

جنهنجو چت ڪرپڻ تنهن جو مک مليڇ جان
جيئن ميوي بنا باغ، ڀانگ ٻاڇڙو وڻ

◆ **شاعر هاشم مخلص صاحب** سنہ ١٨٦٠ع حافظ حاجي حاس
صاحب جي گهر تولد ٿيو. سگريٽ بيڙي تندرستيءَ جي خيال کا
هاڃيڪارڪ آهن. پيا ڪن تي طنز ڪندي مخلص صاحب اڻسڌي طرح اسا
کي بہ بيڙي سگريٽ ڇڪڻ کان ڪنارو ڪرڻ جي نصيحت ڏئي ٿو :

ويو ملڪ ۾ وڌي اڄ سگريٽ پان بيڙي
انسانيت جو سمجهن ٿا شان بيڙي!
بيڙيءَ پيئڻ کي ڄاڻن معيار آدميت جو.
ماڻهپيءَ جو آهي گويا نشان بيڙي،
ڏاها چون تہ بيڙي قاطع حيات آهي.
جهٽ پٽ ڪري فنا ٿي مرڪنهن جي ڄاڻ بيڙي

◆ **حاجي امام بخش خادم صاحب** سنہ ١٨٦١ع ۾ محمد بڇل
جي اڱڻ کي آباد ڪيو. هن تعليم جي ڪيتر ۾ رهندي سوَن شاگردن جي
سونهپ ڪئي. شاعر خادم صاحب پريندءَ جي پار جي پانڊيئڙي کي صلاح
ڏيندي چوي ٿو تہ پريتم جي پياس ۾ لڙڪ لاڙيندي پنهنجي اندر کي انهن
لڙڪن سان صاف ڪر.

آب اکڙين ساڻ اندر ڪر صفا،
پل وهن هي نار دل شام و صباح.
ڏٺيءَ جي حاصلات لاءِ باهر پٽڪڻ جي ضرورت ڪين آهي.
وڃ نہ تون وٽڪار ميان پرجهہ پرين سڄ پاڻ ۾،
الف رکاج تون دل جي اندر ڇڏ رلڻ جي ڪار
هيڏانهن هوڏانهن آهہ اهوئي نرتون نيڻ نهار
واحد هڪڙو سمجهہ صحيح ڪر ناهي ڏٺي درڪار
هوريان ڏاڍيان هل 'امام بخش' دور نہ آهہ دلدار.

شاعر خادم صاحب قناعت صداقت شناخت جي نصيحت ڏيندي چيو :

تنبُ ڏاڍي وئي وڌي آ، پڻ فضولي، زيادهہ خرچ،
ڪاجهہ قناعت ڪين آهي، ناهہ اڳ پو جو سماءُ!

شاعر مطلبيءَ خوشامدڙن شخصن کان باز رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

منهن تي ساراهہ ثنا، پرپٺ ڪرڻ غيبت گِلا.

پيا ڪندا تيسين خوشامد، جيسين حاضر آ پلاءُ.

اڄ ڪلهہ جي تعليمدانن تي طنز ڪندي شاعراڻ سنڌي طرح سچي
. سچي سکيا پرائڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :

هي ڪتابن جو رڳو آ ڍير طوطي جيان رٽڻ
ترتيب آ ڪا نہ پر تعليم جاري ٿو ڏسان

◆ **بيدل فقير صاحب** سنہ ١٨٦٥ع ڏاري فقير عبدالوامع جي اڱڻ کي
د ڪيو. سندس مرشد ميان خرب الله شاه سندس راهہ روشن ڪئي. اُن
فيض حاصل ڪري رب جي راهہ ڏانهن وڌيو. بيدل فقير سنڌيءَ ۾ ڪلام
و آهي جو 'رسالو بيدل فقير' ۾ سهيڙيو ويو آهي. شاعر سالڪ کي منصور
يان بڻجڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

پير پڙ ۾ پرجهي پاءِ عشق تي اوکو ادا!
مرد ٿيءُ منصور جيان ڪٽي روح رمزن ۾ رچاءِ،
لاهي سانگا ساهہ جا، سوريءَ تي ڪٽي سر نواءِ.

بيدل فقير هڪ ڪلام ۾ بيدار ڪندي چوي ٿو :

هميشهہ يار جي حب رک چڱي ڏي حرص حيواني،
وڃائج وقت نا ويهي، اُٿي تون جاڳ پر ڏيهي!
هتان هليا ويا ڪيئي، سڪندر شاهہ سلطاني.

◆ **سويا سنگهہ جڙياسنگهاڻي "بيپر" صاحب** جنم سنہ
١٨٦ع ۾ شري رامسنگهہ جڙيا سنگهاڻيءَ جي گهر لاڙڪاڻي ضلع ۾ ٿيو.
درجا سنڌي پڙهڻ بعد هن فارسي سکي. هو حڪمت ڪندو هو. هن صاحب
پنهنجي قلم ذريعي سنڌي نظم جا گهڙا پريا آهن. پر سندس ڪلام جو
مجموعو شايع ڪين ٿيو آهي. سنہ ١٩٥٨ع ۾ هن خدا ترس شاعر اُلهاسنگر
زندگيءَ جو سفر پورو ڪيو. روحاني راهہ ۾ وڌڻ لاءِ شاعر هستيءَ کي
يست ونابود ڪرڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :

سيئي و اتون ساڄڻ ڏي، جا وٺني سا وڄ،
پانڻ پيري پڄ، تہ پيپر پسين پر ڪي.

هيءَ دنيا جهميلو آهي. ڏٺيءَ جي راهہ ۾ سياڻپ ۽ مان شان رڪاوٽون آهن:

سارو جڳت جنجال پيپر هوند هڻ سين،
عقل ۽ اقبال روڪي واٽ وصال جي.

شاعر سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو :

عقل دين ڌرم جا ٽيئي ٽڳا ٽوڙ،
پيپر سڌ سڪڻ جي تہ مور نہ منهن تون موڙ،
اُتي جايون جوڙ، تہ پيپر پسين پر ڪي.

◆ **مهراج ٺاڪرداس شرما** جو جنم ١٨٦٨ع ۾ ليکراج شرما جي
گهر هالا تعلقي جي اجن ڳوٺ ۾ ٿيو. هن صاحب ڀڳتي ڪاويہ جي رچنا
ڪئي. ڪوي منش کي جاڳرت ڪندي چوي ٿو :

مسافر ڪر سگهو تياري، مسافر ڪر سگهو تياري،
هي جهان سڀ مهمان، ڳالهہ پئي ٿئي ساري.
سوڪا سو اس ڪاڄن ٿا جيسين.
نينهن نام ۾ لائج تيسين.

◆ **حاجي عبدالله ڍڪڻ صاحب** سنہ ١٨٧٠ع ڌاري محمد فقير ڍڪڻ جي
گهر لاڙڪاڻي ضلع ۾ تولد ٿيو. شاعر سالڪ کي بيدار ڪندي چوي ٿو :

الف اُٿي تون آڌيءَ رات، ڪر الله جي وائي وات
سيد ٿي پڙهہ تو صلوات، ٿيندءِ نيٺ نصيب نجات.
اهڙي هٿ نہ ايندءِ ڪار،
خوف رکي ڪاڄهہ من کي مار.

◆**سوامي بسنترام مهاراج** ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيہ اُپاسڪ هو. هن جو جنم اجن ڳوٺ حيدرآباد سنہ ١٨٦٩ع ڌاري ٿيو. هن صاحب هندي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪاويہ رچنا ڪئي آهي. هنديءَ ۾ سندس 'ڪرشڻاين' امولہ گرنٿ آهي. هي صاحب ساڌڪ کي سچاڳ ڪندي صلاح ڏئي ٿو :-

رتن رتن آهين ڇو پنهنجو ملهہ ڇپائين؟
شينهن ٻڪرين گڏ ٿيو هو ڀلي ڏڏ،
وساري شينهن سروپ گاهہ چت چريائين،
ديهہ مانش پائي، وڏءِ اندرين راهين،
پاڻ کي ڀلائي، ڇو چوراسي چاهين!

هي جيو! تون مل، وکيپ ۽ آورڻ، انهن ٽنهي پڙدن کي پري ڪري داتار جو درشن ڪر.

مل کي وساري، وکيپ نواري،
آورڻ اندرون ڪيي، ڏس ڏاتار ڏوري،
ڪوي بسنترام هڪ نام سان نينهن لڳائڻ جي صلاح ڏئي ٿو :
سچ ساڃہ هڪ رام نام، ٻيو سڀئي اٿيئي ڪوڙ ڪام،
وشين سندا سي سک، سي ڏين پوءِ ڏاڍا ڏک،
ايشور کان سي ڪن بي مک، ڇڏي بي مکن سندو نام.

◆**ديوان اُڌارام ٺانورداس** هن صاحب جنم اٽڪل ١٨٢٣ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. هي صاحب سچ جي اهميت ظاهر ڪندي سچ جي راهہ تي هلڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :

جي پائين سپتيو ٿيين تہ ڪوڙ ڪيم ڳالهاءِ،
ننڍي وڏي نينگر سان سدا سچ الاءِ،

تت سزا ملندءِ، ٽيندين ٻچڙو لوڪ ۾.
ٻچڙو ٽيندو لوڪ ۾ ڪونہ ڪندءِ اعتبار
جيڏن ۽ سرتن ۾ ٽيندين گهڻو خوار،
اِها ڳالهہ هڪوار، ڪڏي هنداءِ هنئين سان.

◆ **مولوي احمد ملاح** سنہ ١٨٧١ع ۾ بدين سنڌ هڪ مسڪين نانگيو ملاح جي گهر تولد ٿيو. هڪ ڏينهن وور پاريز درسن ڪيائين تہ زندگيءَ ۾ علم جي تمام ضرورت آهي :

ڍور چاريندي اچي ويو اوچتو مونکي خيال
علم ريءَ انسان کي ڪاجهہ ناهي عزت احترام.

◆ **شري يوجراج موٽواڻي 'يوچل'** صاحب جو جنم سنڌ لاڙڪاڻي شهر ۾ چاندومل موٽواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هن صاحب پهرين ٽپال کاتي ۾ ۽ پوءِ انجنئرنگ کاتي ۾ نوڪري ڪئي. قنبر ۾ سائين جيوسنگهہ جو درشن ڪندي هن آنند جو انيو ڪيو. عيال جي پالنا ڪندي سندس ورتي نام سان جڙي هئي. هن سائين جيوسنگهہ کان گرومنتر ورتو. پنهنجي ستگرو سائين جيوسنگهہ جي ٻاڻيءَ کان پرياوت ٿي هن بہ سنتي هنديءَ ۾ شعر لکيو. هي صاحب پنهنجي من کي سمجهائيندي، اسانکي بہ صلاح ڏئي ٿو :

خيال خوديءَ جا سپ چڏي وٺ راهہ وحدت جي وري،
خيال دوئيءَ وارا سپ چڏي ڏس اصل پنهنجي ذات.

جڳت جي نشورتا جو ذڪر ڪندي شاعر اسانکي سچ جي راهہ تي هلڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

هي جڳ سارو سپنو آهي سمجهہ بندا نروار،
جيڪي چاتئہ پنهنجو ناهي اُهو تنهنجو
ڏنڌو دنيا فاني نيبهہ ناهہ نشاني،
سودو سچ جو ڪر تون سهڻا وٺ اهو وکار ١

◆ **حڪيم ميرانند ناٿاڻي صاحب** جو جنم سنہ ١٨٧٤ع ۾ ستوجن ڳوٺ نواب شاهہ سنڌ ۾ شري ڪٽمل ناٿاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هوُ حاذق حڪيم هو. هن ويدانت سنبنڌي سلوڪ لکيا آهن. هوُ سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

سمجهہ پاڻ کي سيٺ. غافل نانهن گماشتو.
ڏيٺو ڏوڪڙ ناهہ ڪو. هيرا ڪنهن جي پيٺ.
چڱيا ويهي چيٺ. تہ مالڪ آهين ملڪ جو.

ڪوي ميرانند من جي شانتيءَ ۽ آتمڪ اُنتيءَ لاءِ صلاح ڏيندي چوي ٿو :

ويهي سمر سيگهہ ۾ هيرا سو هر نام،
اوڏو ايندءِ ڪين ڪي لوڀ ڪرودڌ ۽ ڪام،
دل جي اندر ڏام. ٿاهج ڪو هرنام جو.

---- ---- ----

پڙهيءَ ڪوڙ پنا سمجهن ڪين سخن کي،
هيرا ڪيئہ نہ هڪ گهڙي صدق ساڻ ثنا،
چڙي فڪر فنا عالم ٿيءُ الله جو.

مهاراج جنڪرشنداس صاحب جو جنم سنہ ١٨٧٥ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. هن هنديءَ ۽ سنسڪرت جو ابياس ڪيو. هن ڀڳتيءَ ڀاونا وارا بيت ۽ ڀڄن لکيا. هي صاحب جيو کي بيدار ڪندي سڪيا ڏئي ٿو :

جڪ مارين ڇو من ماني، ساري عمر ولوڙين پاڻي،
رام رتن توهين تن ڀيتر ڏوري ڪوهہ ڏوراني!

---- ---- ----

چت چيتن ۾ رک ڀائي، ڇڏ ڪوڙي پاڇر پرائي،
چنتن ڪر چرڪال هري جو، ڀوجل ڀريو اٿائي،

◆ **مهاراج ڀڳوانداس** جو جنم سنہ ١٨٧٦ع ۾ ٽنڊو الهيار حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. هن صاحب هندي سنسڪرت جو ابياس ڪيو. هن سنڌي هنديءَ ۾ واڻي چئي آهي. هي صاحب پنهنجي شعر ۾ نصيحت ڏيندي چوي ٿو :

واسنا ترشنا کي پٽي نرنتر اڏي ڇڏ پوءِ اهم نواس،
پڳيوان جڏهن رهڻي رهين تون ڇڏي مڪتي پد ۾ ٿين پاس.

◆ **ڀائي رتارام رتناڻي** ۱۲ اپريل سنہ ۱۸۷۷ع ۾ قنبر علي خان ضلع لاڙڪاڻي سنڌ ۾ شري شامنداس رتناڻيءَ جي گھر جنم ورتو. هن صاحب سامي صاحب جي سلوڪن جي طرز تي سلوڪ لکيا آهن. هي صاحب اسانکي اوديا جي ننڊ مان سجاڳ ڪندي سکيا ڏئي ٿو :

وڃئين ٿي وهندي اورجا هن هٽ مان،
ساجهر سار ڏٽيءَ کي باقي رک رهندي،
موٽي ايندءِ ڪينڪي اهڙي موج بندي،
تون ساجهر وٽ ڪنڌي، ڪيول ساڌ سنگت جي.

◆ **سائين قطب شاه صاحب** اُڻويهين صديءَ ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ تولد ٿيو. هن درويش سوَن کي روحاني فيض رسايو. شاعر اُنهن سُواسن کي سڦلو سمجهي ٿو جن سان ستگر جو نام جپيون ٿا.

سو دم سرتيون سھٹو آيو،
جو دم ستگر ساڻ اُٺايو.

طالب کي حق ۽ هڪ جو چنتن ڪرڻ گھرجي. سائين قطب شاهہ سالڪ کي تاڪيد ڪندي چوي ٿو :

رکين ٿو طلب جي دعويٰ، دلين وحدت ساريو تون،
ڦٽا ڪر غير جا خيالا، اُٿ پيءُ شونق جا پيالا.

◆ **ساڌو ٽي. ايل واسواڻي 'نوري'** صاحب مهان سنت، ودوان، سماج سڌارڪ، دارشنڪ، ساهتڪار ڪوي، دکين دريدرن جا دوست هئا. سندن جنم ٢٥ نومبر سن ١٨٧٩ع شري ليلارام واسواڻيءَ جي گهر حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. سندن پتا شري ليلارام ديوي ماتا جو اُپاسڪ هو ته ماتا وران ٻائي شري گرونانڪ صاحب جي ڀڳتياڻي هئي. گهر جي ڌارمڪ واتاورڻ ۾ ٻالڪ ٿانور جي پالنا ٿي. هي ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ ۾ پرويڻ هو. هوُ اڃان چوٿين درجي ۾ پڙهندو هو جو سندس پتا شري ليلارام پرلوڪ پڌاريو. ان گهٽنا سبب ٻالڪ ٿانور جي من ۾ وئراڳ ورتي پئدا ٿي. پريوءَ لاءِ پياس پيدا ٿي. هي صاحب مئٽرڪ امتحان ۾ ساري سنڌ ۾ پهريون نمبر بيٺو، انڪري کيس ميڪيولڊ اسڪالرشپ عطا ٿي. هي صاحب ڪاليج ۾ داخل ٿيو. هن ڪاليج ۾ پڙهندي پنهنجي قابليت ۽ نمرتا سبب نالو ڪڍيو. ڪاليج جا پروفيسر کيس ڏاڍو پائيندا هئا. هن ڪاليجي پڙهائيءَ سان گ ڏ ڌارمڪ گرنٿن جو به ابياس ڪيو. سندن جيون ۾ سادگي، سيوا، سمرڻ، سچائي، سنيهه، ساهنيوتيءَ جا گڻ چمڪيا. هوُ بي. اي. ۾ انگريزي وشيه ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيو، انڪري کيس ايلس اسڪالرشپ عطا ٿي. کيس ڪراچيءَ ۾ ڪاليج ۾ ليڪچرار جي نوڪري ملي. ڪاليج ۾ پاڙهيندي هن ايم. اي. جو امتحان پڻ پاس ڪيو. سندس تقرير ۽ تحرير ۾ تاثير هوندو هو. هي صاحب جدا جدا ڪاليجن ۾ پرنسيپال ٿي رهيو ۽ هزارن وديارٿين جي سونهپ ڪيائين.

٢٩ سالن جي عمر ۾ پروفيسر واسواڻيءَ کي برلن ۾ ٿيندڙ وشو ڌرم سميلن ۾ شرڪت ڪرڻ جي نيند ملي. ساڌو واسواڻيءَ ان سميلن ۾ ودوتا پورڻ ورياکيان ڏيئي ٻڌندڙن کي ڏاڍو متاثر ڪيو. هن صاحب آزاديءَ جي آندولن ۾ به سڪريه ڀاڱ ورتو. هي مهاتما گانڌيءَ جي ويچارڌارا کان پربياوت ٿيو. مهاتما گانڌي به کيس عزت ڏيندو هو. گانڌيجيءَ جڏهن ينگ انڊيا پترڪا جو سمپادن ڪيو ته اُن جي پهرين انڪ جي پهرين صفحي تي ساڌو واسواڻيءَ جو ليک پرڪاشت ڪيو.

ساڌو واسواڻي حيدرآباد سنڌ ۾ ميران هاءِ اسڪول برپا ڪيو. سندن اسڪول جي وديارٿين ۾ شبڀ سنسڪار جا ٻج ڇٽيا ويندا هئا. هن صاحب ستسنگ دوارا پڻ هزارن لوڪن جو مارگ درشن ڪيو. ديش جي ورهاڱي بعد ساڌو واسواڻي پونا ۾ اچي رهيا. سندن آسيس سان پونا ۾ ميران هاءِ اسڪول، سنت ميران ڪاليج فار گرلس شروع ٿيو. ساڌو واسواڻي ستسنگ ۽ سيوا جي جوت جڳائي، دکين دريدرن پکين پسن جي شيوا به شروع ڪئي. هوُ ديا پريم جا اوتار هئا. هن وقت دادا جشن واسواڻي سندن جوت جڳائي رهيو آهي.

ساڌو واسواڻيءَ سنڌي ۽ انگريزي ساهتيہ جو سرجن ڪيو، نثر ۽ نظم ۾ يوگدان ڏنو. سندن سموري، سنڌي ۽ هندي ڀاڱي 'نوري ڪرنٽ' ۾ سنگره ڪري پرڪاشت ڪئي ويئي آهي. ساڌو واسواڻيءَ جو نوري ڪرنٽ امولہ دين آهي، سنڌي سنت ڪاويہ جو خزانو آهي. پريمي اُن کي شاستر ڪري مڃين ٿا. ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي ڪاويہ ۾ نوري تخلص استعمال ڪيو آهي. ساڌو واسواڻي جي ٻاڻيءَ ۾ پڻ ڪيترائي نصيحت آميز نڪتا آهن جن تي عمل ڪرڻ سان اسان پنهنجو پرمارٿ ۽ وهنوار سڌاري سگهون ٿا، آتمڪ آنند به پراپت ڪري سگهون ٿا. ساڌو واسواڻي هيٺ ڏنل گيت ۾ سکيا ڏئي ٿو تہ توهان زندگيءَ روپي ٻنيءَ ۾ نرمل، پوتر ويچارن جا ٻج پوکيو تہ جيون سکيہ ٿي پوندي.

زندگي اٿيئي تہ اِڪ ٻني،
جي تون سنڀالين تہ ٿين ڏني،
ٻج اُن ۾ پوک نرمل ويچار،
اُسري تہ اُن مان شبڀ ڪم ڪار،
سمجهہ سان جيون ٻني تون سنڀال،
نوري نماڻي رک سهڻا خيال.

چوڏاري نفرت ناسازيءَ جو وايو منڊل آهي، انڪري گهرن ۾، ملڪن ۾ اشانتي آهي. صرف پستڪن پڙهڻ مان فيض حاصل ڪين ٿيندو. پيار دوارا ئي شانتي ايندي، پريو به پيار ذريعي پراپت ٿيندو.

چا ٿيو ڪوليا تو ڪٽ شاستر.
پر ڪين ڪولي تو دري دري،
علم قلم بن قرب نہ ڪم جا.
ايندين ڪال چڪر ۾ وري وري.

پريم بنا جيئڻ اجايو،
پريم بنا نہ سفر ساجايو،
بن ڀڳتيءَ ويٺو وقت وڃائين.
پريم بنا سڀ ڪوڙ ڪمائين.

ساڌو واسواڻيءَ دين دکين دريدرن پکين پسن جي شيوا کي ڀڳتيءَ کان وڌيڪ اهميت ڏيندي صلاح ڏني آهي :

ساچي ڀڳتي دکين جي شيوا،
در تنا جي وٺ مهر جا سيوا،
تن چرنن وچي سرجهڪاءِ،
نوري نماڻي دل اندر دونها دکاءِ.

غريبن کي جوئي ٿو ڪاڌو ڪارائي،
ايشور جي آسيس نوري سو پائي.

ساڌو واسواڻي گرديو ٽئگور وانگر شري ڪرشن کي غريبن جي جهوپڙين ۾ پسيو :

ڪري خذمت خدا جي اُٿي ڏيئڙو ٻار،
دين دکين کي پکين پسن کي ڏي تون پيار.
چمڪي نہ محلن ماڙين ۾ موهن ٿو
جهمڪي ڀڳل جهوپڙين ۾ اچي پاڻ.

ساڌو واسواڻي اسانکي دريدرن مسڪينن محتاجن جي خذمت ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

طالب ٿي نہ دنيا جو، مسڪينن اڳيان سرجهڪاءِ،
غريبن ۾ ڏس غائب آهي، خاڪ تنا دي لڳن لڳاءِ.

ساڌو واسواڻي پاڻ حليمائيءَ جي تصوير هئا. انڪري پنهنجو تاخلص 'نوري' نماڻي رکيائون. روحاني راھ ۾ يا وهنوار ۾ مغروري ڪيرائيندي آهي، ايمان، آڪڙ رنڊڪون آهن. نمرتا انسان کي چاڙهيندي آهي. اسان کي بہ نوڙت جي وات وٺڻ گهرجي.

آتمڪ شڪتيءَ جو پر ڪوليو،
ايمان چڙي نئڙت ۾ ٻوليو.

پريوءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ نمرتا ساڌن آهي. ساڌو واسواڻيءَ سالڪ کي صلاح ڏيندي چيو :

جئن سوڙهو آهي اُمر جو داڻو،
جئن سُئيءَ جو پاڪڙو نماڻو،
تئن ننيڙو مڪتيءَ جو دئار،
ٿي نماڻو تہ پئين تون پار.

ساڌڪ کي صلاح ڏيندي ساڌو واسواڻي صبر صدق سچ سيل جا سبق سکڻ جي سکيا ڏيندي چيو :

ستگر جي اسڪول ۾ سبق چار پڙهاج
پڙهي ساچي پريم چاڙهيءَ مٿي چڙهاج
پهريون سبق صدق سچ سونهارو
ٻيو سبق سچ جو سائين کي پيارو
ٽيون سبق صبر جو جيون جو آڌارو
چوٿون سبق سيل جت نوري چمڪي تارو.

سالڪ کي نيڪي بديءَ جو خيال نہ ڪري سچ جي راھ تي هلڻ گهرجي.

ساک نہ نندا جي رک پرواھ
نوري نماڻي هل سچ جي راھ

صبر ڪرڻ بہ هڪ تپسيا آهي. صبر ۾ وڏي شڪتي آهي. ڪسُ ۾ ئي جسُ آهي.

صبر ۾ سهي جو سدائي پائي
صبر جهڙي تپسيا ڀي ناهي.

ساڌو واسواڻي پنهنجي گيت دوران جيوَ ديا جو پيغام ڏيندي چيو ته ديا ڌرم جي جڙ آهي. گگدامن کي ڪمي اسين اُنهن جو ماسُ کائون ٿا ته اسين سکي ڪين ٿي سگهنداسين. انهن معصوم گگدامن تي ڪمل ڪري غير ويشنو کاڌي کان پري رهون.

جيو ديا جي جوت جڳايو
هنسا پيڙا کان ملڪ بچايو
سک سچو اُن کي ڪئن ملندو
گگدامن سان قهر جو ڪندو
ماس اوهين ٿا تن جو کائو
آتم شڪتي پنهنجي گهٽايو.

ساڌو واسواڻيءَ جيو ديا جو ڪيڏو نه پرچار ڪيو. هزارن گگدامن کي کهڻ کان بچايو. سندن وارث پيارو دادا جشن واسواڻي به ديش وديش ۾ جيو ديا جو پرچار ڪري رهيو آهي. انڪري ساڌو واسواڻي مشن طرفان ساڌو واسواڻيءَ جو جنم دن ٢٥ نومبر ساري وشو ۾ ويشنو ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. اسين ڪيڏا نه نردئي ٿي پيا آهيون. مٿين مصرائن دوران ڪوي اسانکي ديا ڪرڻ جي نصيحت ڏئي ٿو.

ساڌو واسواڻيءَ پريوءَ جي پراپتيءَ لاءِ پوڄا پاٺ ورت مالها سان نام جپڻ کان وڌيڪ ترجيح آلين اکرين کي ڏني آهي پريوءَ جي پيار ۾ سڪ جا لڙڪ لاڙيون ته ساجن سيني لڳائيندو.

اسين رات ڏينهن دنيوي رسن پنيان پيا ڀٽڪون. ساڌو واسواڻي آتمڪ رس وٺڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :

دنيا ساري اٿيئي فاني،
وٺ آتم رس نوري نماڻي.

اسين نام کي وساري دنيوي پدارٿن جي حاصلات لاءِ منش ديهه پيا برباد

ڪريون. ساڌو واسواڻي اسانکي سجاڳ ڪندي چيو :

قلعا ڪوٽ هي سڀ تہ ٿي ويندا خاڪ
بنا نام ڪوئي، نہ ڪڏهن ٿيو پاڪ
هي مانک جنم پياري ڪريو سڄايو!
ڪئو پيا ڪريو ڏن اوهين سڀ اجايو.

غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي پنهنجي اندر مان راڳ دويش ڪيي ڇڏيو:

ٿي سچيت ٿي سجاڳ
قلب مان ڪپ سڀ دويش ۽ راڳ.

ساڌڪ کي سانت ۾ رهڻ جي صلاح ڏيندي ساڌو واسواڻيءَ چيو :

سانت جي پردي آهہ پريتم پاڻ
نوري نماڻي اُت ويهي ڪر تون روح رهاڻ.

سنتن جي سنگ ۾ سچي سک جي پراپتي ٿيندي. ساڌو واسواڻي سنتن ستپرشن جي سنگ ۾ گذارڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

سک ساچو جي تون چاهين
سنت جنان کي چرنا ويهہ
نوري گوبند گاءِ مناً
درلڀ اُتم مانک ديهہ.

جڳت جي نشورتا بيان ڪندي ساڌو واسواڻي بيدار ڪندي چوي ٿو :

جڳ سارو جڻن رات جو سپنو،
هت ڏينهن بہ چار اٿي رهڻو.
ملڪ سارو اٿيئي موت مڪان
ڇڏ ويسر ڪرڪو ڌيان.

گروءَ جي ڪرپا سان نصيب کلي ٿو اسانکي بہ ڪنهن ڪامل گروءَ جي شرڻ وٺڻ گهرجي.

بنا گر ڪرپا نہ مارگ ملي
نوري نماڻي قسمت کلي.

ساڌو واسواڻيءَ جو نوري گرنٿ سکيائن جو ساگر آهي. ڪو غواص ٽٻي ڏئي لعل لوڇي اچي.

♦ **سيد هادي بخش شاهه مسڪين** سنه ١٨٧٩ع ۾ ٽنڊو جهانيا. حيدرآباد سنڌ ۾ سائين روشن علي شاهه جي گهر ۾ تولد ٿيو. پنجن سالن جي عمر ۾ اڌ رات جو اُٿي الله الله پڪاريندو هو. چار پنج درجا پاس ڪيائين. پڙهڻ ۾ دلچسپي ڪين هيس. کيس شادي ڪرائي ويئي پر هن جو ڏيان ڌڻيءَ ۾ رهندو هو. سندس جوان فرزند گذر ڪري ويو پوءِ دنيا کان ڪٽائي اچي ويس. هو گهڻو وقت گوشي نشينيءَ ۾ گذاريندو هو. روحاني راهه ۾ اڳتي وڌيو. سندس والد علي شاهه سنه ١٩٢٢ع ۾ وفات ڪئي ته مسڪين صاحب سجاده نشين ٿيو. مسڪين صاحب درويش به هو ته شاعر به هو. سندس سمورو ڪلام 'مسڪين نامو' ۾ شايع ٿيل آهي. سندس ڪلام ۾ روحاني راز سمايل آهن. سندس ڪي ناصحاڻه بيت ملن ٿا :

الله جي راهه ۾ اٽڪلون ڪم نه ڪنديون، سائين سان سياڻپ ڪرڻ نه سُهندي جيڪي ان راهه ۾ پاڻ فنا ڪندا سي ئي محبوب جو مشاهدو ماڻي سگهندا.

اٽڪل واريون اوري رهيون پيون پاڇن پلاءِ،
اوڏو تن الله جن صدقي ڪيو ساهه ڪي.

شاعر سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو ته اندر مان غيرت ڪيي دل صاف ڪري غفلت ڇڏبي ته دلبر جو ديدار ٿيندو.

دل ڌوڻي ديد سان دلدار کي ڏسجي،
غير ۽ غفلت ڪيي غمخوار کي ڏسي
دلبر کي ڏڻي دل ٿي دربان ته در جو
دربان ٿي دل سان ديدار کي ڏسي.

شاعر سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو ته اُسر جو اُٿي ڌڻيءَ جي بندگي ڪر.

اُٿي اسر ويل جو تون لنوَ لطيفي لات
مسڪين ڳولج من سين، آهه محب تنهنجي محلات.

شاهه لطيف وانگر فقير مسڪين صاحب هڪ الف يعني الله جو اڀياس ڪرڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :

اڪر پڙهه الف جو ڇڏ وهيون وساري

ڪُلي ڪتابن جا چڏ اکر اُتاري.

پرينءَ جي پار جي پانديئڙي کي ڳهٽ ڪلڻ ڳهرجي ۽ وڌيڪ وڌيڪ سڪ جا لڙڪ لاڙڻ ڳهرجن تہ رب راضي ٿيندو. شاعر سالڪ کي صلاح ڏيندي چيو :

روئڻ سان راضي ٿئي صاحب رب رحمان
گهٽو روئو تورو کلو، هي فرمايو فرمان.

سالڪ کي اکيون ۽ ڪن بند ڪري ستگر جي شبد سان سُرتي جوڙڻ ڳهرجي. مسڪين صاحب چيو :

وجهي ڪپهہ ڪنن ۾، چَپ هڏ م چور،
اکيون پوري پنهنجون سُر سڀُو سور
رکي پريم پساهہ سين ڏيل اندر تون ڏور.
امر سين اور مسڪين انهيءَ مام کي،
و اليءَ کي وسارڻ نہ ڳهرجي، ائني پهر اُن کي ياد ڪاجي،
ور وساري ويهہ م، ور ري وروسارڻ ناهي روا.

مٿين بيتن ذريعي مسڪين صاحب ڪهڙيون نہ ڪارگر نصيحتون ڏنيون آهن.

♦ ڊاڪٽر روچلداس منشاراماڻيءَ جو جنم ٦ جنوري سنہ ١٨٨٠ع ۾ روهڙي سنڌ ۾ ديو ان سجانسگهہ منشاراماڻيءَ جي گهر ٿيو. سائين قطب شاهہ کيس مرشد روپ ۾ نصيب ٿيو، جنهن سندس روحاني راهہ روشن ڪئي. ڊاڪٽر روچلداس ڊاڪٽري ڪندي روحاني راهہ ۾ وک وڌائي. سندس هٿ ۾ شفا هئي. هي صاحب نمرتا جي ساکيات تصوير هو. هن صاحب ڪيترن ئي پريمين کي پريوءَ جي راهہ ۾ چڪيو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪلام ۾ فرمائي ٿو تہ پريم ۾ فائدا آهن پر پهرين سهٽو آهي. جيڪو سهندو سو لهندو.

سڪ ۾ آهن فائدا، پر ڪس اول ڪائڻ کپي،
نينهن مان ٿيندا نفعا، نقصان سهسائڻ کپي.

ڊاڪٽر صاحب سالڪ کي سهٽون صلاحون ڏيندي چوي ٿو :

ق ۾ آهي قنايت، پڙهه قنايت جو سبق.
قلب ۾ رک قرب قائم، پاڻ ۾ ڏس پوءِ پهي.
ي يقينو ياد رک، ويساهه نت وڌندو رهي.
نہ تہ فقيريءَ جي عمارت، پل اندر پوندي ڍهي.

◆ ديوان صوڀراج نرملداس 'فاني' صاحب جو جنم ٢٧ فيبروري سنہ ١٨٨٢ع حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد سرڪاري نوڪري ڪيائين. هن صاحب ڊپٽي ڪليڪٽر جو عهدو بہ ماڻيو. هن صاحب سنڌيءَ ۾ ڪلام لکيو آهي. هن پنهنجي شعر ذريعي روحاني رمزون بہ سليون آهن. هوُ سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

ٻوٽ اکيون ٻئي ڪن وات، وساري آپو،
اناحدي سير جو پوءِ ماڻ ترانو دل ۾.

شاعر دنيا جي بي اثباتي بيان ڪندي بيدار ڪري ٿو :

دنيا جي خوشي خنڪ سندي نقش ڪچو رنگ،
عارف کي رهي اُن جي حقيقت کان سدا ننگ.
۽ جيڪي پون ڇهتي انهيءَ نقش دغا کي،
ديکين اُهي نيٺ دکن وارو وڃي دنگ.

ٻاجهاري جي ٻاجهہ لاءِ ٻاڏائج. اُن جي رحمت سان ڪاميابي ملندي.

ٻاجهہ ري ٻاجهاري جي ڪا ڪار جس واري نہ ٿي.

فاني صاحب درويشن جي عنايت ۽ سندن درجي دز جي تعريف ڪندي اُنهن جي صحبت ڪرڻ لاءِ اشارو ڪري ٿو :

خوش رهڻ قسمت اُنهن جي جن تي درويشن ديا،
ڪيميا درويش خاڪ آهہ جا ڪري ڪل ڪينو صاف.

شاعر فاني صاحب کي مسڪينن لاءِ ڪيڏي نہ همدردي هئي. هوُ اسان کي پنهنجي شعر ذريعي غريبن کي ڪجهہ ڏيڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :

خوشامديءَ جي خيالون تا ڪيترو خرچون،

رُنا ٿا ڪيترا پيسي پڏاو سان پرچون.
مگر الله جي نالي ڏيڻ ڏکيو پيسو،
غريب سان غريبيءَ سبب نہ ٿا سرچون.

شاعر فاني صاحب هيٺ ڏنل شعر ذريعي ڪهڙيون نہ نيڪ نصيحتون ڏئي ٿو :

نہ چاڻج ڪنهن بہ شيءَ کي ڪم، ڪڏهن تون خود پرستيءَ ۾،
جو جي اُڏري پوي اک ۾ تہ ڪک پڻ آهہ هستيءَ ۾.
ڏڪارين چو پين کي، عيب پنهنجا ڪين ٿو چاٽين.
اِهو انڌ موركا، توکي اچي ٿو وهم مستيءَ ۾.

◆ **شاعر تولارام بالاڻي 'عاجز' صاحب** پنهنجي سماجڪ، ساهتيڪ سياسي سيوائن دوارن سنڌي قوم جا ڪهڙا پريا. سنڌس جنم ۱۸۸۴ع ۾ ڏياريءَ ڏينهن نوشهري فيروز سنڌ ۾ منشي ميگهراج بالاڻيءَ جي گهر ٿيو. هن صاحب ماستري ڪندي پنهنجي جيون ۾ سمرڻ سيوا جي جوت جڳائي. هوُ وديارٿين ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا پيدا ڪندو هو. هن ديش جي آزادي آندولن دوران 'صداءِ سنڌ' سنڌي - انگريزي اخبار شروع ڪئي. جنهن ۾ انگريزن جي اتياچار خلاف ۽ قوميت وارا ليک شايع ڪندو هو. هي صاحب نبر پترڪار هو ۽ سؤمان پسند هو. هن سنڌيءَ ۾ ڪاويہ رچنا بہ ڪئي.

اگياني انسان اهنڪار جي روڳ سبب وڏائيءَ سان هلي ٿو، هوُ پنهنجا عيب نہ ڏسي پين جي عيبن جو ئي ڪري ٿو. اهڙو منش جيون جو آنند ماڻي نہ سگهندو. اٽسٽيءَ طرح شاعر اسان کي صلاح ڏئي ٿو تہ ڪنڌ مان ڪلي ڪيي نمرتا سان هلڻ گهر جي ۽ پنهنجي اوڻاين کي ڏسي دور ڪرڻ گهرجن.

اگيانيءَ کي انڌ هوميءَ جو هردم رهي،
هلي هيٺ نہ هڏهين، ڪري ڪياڙيءَ ڪنڌ،
پنهنجي لئہ پوري اکيون، پسي ڏارين جو دربند.
عاجز پري پنڌ، ان لاءِ آنند ڏام جو.

ڪوي ٻاجھري جي ٻاجھہ جو ذڪر ڪندي اسانکي حقيقت ٻڌائي ٿو اسين سمجھون ٿا تہ اسين ئي سڀ ڪاجھہ ڪري رهيا آهيون، پر اسين ڀليل آهيون. ڌڻيءَ جي مهر سبب اسين هلي رهيا آهيون.

بندا تنهنجو بار تہ آهي اصل الله تي
ڏس ڪيئن پالي پيٽ ۾ ٻاجھارو ٻہ ٻہ ٻا!
ٻار ڇمڻ کان اڳ ئي ڀري کير ٿڻن ۾ نار،
ايءَ ڀسي اسرار اجا تو عاجز ٿئين!

◆ ڪوي ڪشنچند 'بيوس' صاحب پنهنجي دور جو اعليٰ ۽ هردل عزيز شاعر هو. سندس جنم ۲۵ فيبروري سنہ ۱۸۸۵ع ۾ لاڙڪاڻي سنڌ ۾ شري تيرٿداس کتريءَ جي گھر ٿيو. هي صاحب تيز فهم، سادو، نماڻو، ايشور ڀڳت، ديش ڀڳت هو. هن صاحب ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج مان ماستريءَ جو امتحان پاس ڪري اسڪول ۾ ماستريءَ جي نوڪري ڪئي. هي صاحب پنهنجي قابليت سبب پرائمري اسڪول جو هيڊماستر مقرر ٿيو. هي صاحب فيلسوف ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ماهر هو. هي شاعر خدا ترس رڄ مڙس آستڪ ۽ آشاوادي شاعر هو. شعر و شاعري ۾ هن صاحب ئي راشٽريہ ڪوي هوندراج 'دکايل'، پروفيسر رام پنجواڻي، شاعر هري دلگير، شاعر گوبند ڀاٽيا صاحب جي سونهپ ڪئي. هن صاحب سنڌيءَ ۾ مضمون بہ لکيا تہ ايڪانڪي ناٽڪ بہ لکيا. مگر سنڌي شاعريءَ ۾ هن خاص اهميت واري جڳھہ والاري. سائين 'بيوس' پنهنجي دور جي صحيح تصوير پنهنجي شعر ۾ چٽي آهي. شعر 'بيوس' 'شيرين شعر' 'بيوس گيتانجلي' سندس شعرن گيتن غزلن جا مجموعا آهن. سندس جنمشتابديءَ جي موقعي تي دادا هوندراج دکايل بيوس سائينءَ جو سارو ڪلام سميڙي 'بيوس گرنٿ' روپ ۾ شايع ڪيو. ۲۲ سيپٽمبر ۱۹۴۷ع ۾ سائين بيوس پرمڌام پڌاريو. هن صاحب زندگيءَ سان وابستہ موضوعن تي ڪلام لکيو آهي. پيش آهي

سندس ناصحاڻہ شعر جو مختصر جائزو.

ڪوي بيوس اسانکي وسيع دل ٿيڻ جي نصيحت ڏيندي چيو :

ڪر دنيا ۾ دل وڏيري تون بہ رهہ مان يي رهان
آڻ من ورتيءَ ۾ ڦيري تون بہ مان يي رهان.

اسين پريوءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ صرف ڌارمڪ آستانن تي ڀٽڪون ٿا. ڪوي بيوس ڌٽيءَ کي غريبن جي جهوپڙيءَ ۾ پسي ٿو :

اڄ غريبن جون ڪکايون جهوپڙيون مالڪ کمي،
ٿو مڙهيءَ مسجد مندر ديول ٽڪاٽي کان ٿمي.

ڪوي بيوس اسانکي دکين دريدرن جي شيوا ڪرڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. هڪ ٻي شعر ۾ سائين بيوس چوي ٿو :

ويو تاجي مٿرا ۽ گوڪل ناهي جمنا جڳپتي
شهر شيوا ۾ وجي ڀاڄ محب مرليڌر ڪٿي.

سائين بيوس خلق جي خدمت کي بندگيءَ کان وڌيڪ اهميت ڏني آهي :

دنيا ۾ خلق خدمت کان نہ پانيون بندگي بهتر.

امرت ويلي جي اهميت واضح ڪندي ڪوي اسانکي بہ امرت ويلي اُٿڻ جي نصيحت ڏئي ٿو :

گپت گنگا گيان جي ٿي امرتي ويلي وهي
جو ساچو ٿوہو هاجي سو پل اصل موتي لهي.

شراب پيئڻ مان جي نقصان آهن. ڪوي بيوس اُنهن جو بيان ڪندي اسانکي بہ شراب کان ڪنارو ڪرڻ جي نصيحت ڏي ٿو :

سوچ ڪر سياڻا ڇڏي ڏي شوق شيطاني شراب
جو ڪري ڪارو رکي اخلاق جهڙو آفتاب.
مان عزت خانداني کي ملائي خاڪ ۾،
پڻ پياڪن کي ڏياري ٿو شرابيءَ جو خطاب.

جوئا ڪيڏا نہ راڱا ڪري ٿي، اُن جو ذڪر ڪندي ڪوي بيوس اسانکي اُن کان دور رهڻ لاءِ آگاه ڪري ٿو :

جوئا جي جهڙپ ساڙيا جي وري ساوا نہ ٿيا وڻ سي،
ويا ناموس ننگ ميٽي، کٽي ويا خانداني گهر.

هن ڏکر جي زماني ۾ ڪوي اسانکي ڪفايت ڪرڻ جي نصيحت ڏيندي چيو :

ڏکر پيا ڏيهہ ۾ ڪامي بکن ڊنگو وڌو ڊاهي،
ڪفايت جو سمو آهي، اُڏائڻ لئہ نہ آهي زر.

ڪوي بيوس سچائيءَ جي اهميت ٻڌائيندي اسانکي سچ جي راهہ تي هلڻ جي سکيا ڏئي ٿو :

وڏائي شان انسانيت اندر کي ٿي رکي اُجرو،
رهي مالڪ سدا موهت سچائيءَ جي صفائيءَ تي.

ڪوي بيوس جي من ۾ پکين پسن لاءِ همدردي هئي. جيڪي سنگدل انهن کي گدامن کي مارائي لقمو بڻائي کائن ٿا. تن لاءِ ڪوي پرماتما کي پرارٿنا ڪري ٿو تہ انهن کي موم دل بڻاءِ جئن گگدامن لاءِ سندن من ۾ ديا ڀاونا پيدا ٿئي.

ستمگر سخت دل ٿي جي ستائن ساهہ وارن کي
سڪل دل ٽوٽ تنهنجي تون پرت سان پاڻ ڪر آلي.

انسان جي ذات کائڻ تي هريل آهي. ونڊڻ لاءِ هو هڪيو حاضر آهي پر ڏيڻ لاءِ ڏينهن جو ڏيئو ٻاريندو آهي. ڪوي اهڙن شخصن کي صلاح ڏيندي چيو :

جو چاٽي وٺڻ پر ڏيڻ ڏانءَ ناهہ،
اُنهيءَ جو تہ انسان ئي نانءَ ناهہ،
دنيا خود گذاري سندو ڳانءَ ناهہ،
منجهس تون بہ آهين رکو آنءُ ناهہ.

پرماتما اسانکي جيڪي تن دولت ڏني آهي سا سندس ئي امانت اسانکي

گهرجائن ۽ ورهائڻ گهرجي. سائين بيوس ڏيڻ جي پريرڻا ڏيندي چيو :

ولهن ۽ ٻہ ونڊ، جي اٿيئي مال ڌن
نہ ڌن آهي ڪافي تہ ڀيٽا ڏي من
نہ من آهہ موافق تہ ارپي ڏي تن
نہ تن جي توانو تہ مٺڙو وچن
مگر ڪي نہ ڪي توکي ڏيڻو ضرور
فدا پر ڀلي لاءِ ٿيڻو ضرور.

ڪوي بيوس مٿين مصرائن ذريعي نصيحت ڏني آهي تن من ڌن ۽ مٺڙن وچنن سان ٻين جا ڏک درد دور ڪريو. ڪو نہ ڪو پر اُپڪار جو ڪم ڪريو.

موهہ ممتا دکدائي آهي پر پريم سکدائي آهي. انڪري اسين پريم جي ساگر ۾ ٽٻيون ڏيون تہ اسانجا کوٽا خيال ختم ٿي ويندا. سائين بيوس فرمايو آ :

پريم ساگر ۾ پوڻ سان ممتا مٽجي وئي،
هن پوتر جل اندر جڙ پاپ جي ڪٽجي وئي.

مايا ۽ سنساري پدارٿن لاءِ اسين رات ڏينهن پاڻ پتوڙيون ٿا پر سڪندر بادشاهہ وانگر ڪوڏي بہ ساڻ ڪٽي ڪين ويندا سين.

ڪيي هٿ ڪفن مان سڪندر سليو
هتان ڪو نہ ڪوڏي ڪٽي ڪو هليو.

اسانکي پرماتما جيڪي ڏنو آهي سو پر اُپڪار جي ڪارين ۾ ڏئي سڦل ڪريو.

ڪوي بيوس اسانکي صحت لاءِ، وهنوار ۽ پرمارٿ لاءِ کهڙيون نہ ڪارگر صلاحون ڏنيون آهن.

♦سوامي ٽيئونرام مهاراج، پريم پرڪاش منڊل آچاريہ ستگرو

سوامي ٽيئونرام مهاراج مهان سنت ڪوي، برهم گياني، برهم ڌياني، برهم شروتري، برهم نشٺي سنت هئا. سندن جنم حيدرآباد سنڌ جي ڪنڊو ڳوٺ ۾ آکاڙ مهني ۾ سنہ ١٨٨٧ع ۾ شري چيلارام آسنداس کٽريءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندن ماتا ڪين ننڍپڻ ۾ 'شووهر' جي لولي ڏيندي هئي. گهر ۾ ڀڳتيمیہ واتاورڻ ۾ ٻالڪ ٽيئونرام جي پالنا ٿي. ١٤ سالن جي عمر ۾ هنن مشهور شاعر صوفي سائين آسورام صاحب کان گرومنتر ورتو. پوجيہ پتاجن جي پرلوڪ پڌارجڻ سبب هو پتاجن جو ڌنڌو سنڀاليندا هئا. مگر سندن ورتي نام سان جڙيل هوندي هئي. هو وهنوار سان گڏ نت نيم ستسنگ جي جوت جڳائيندا رهيا. سندن من ۾ وئراڳ ورتي وڌي ويئي. هو صاحب ٽيهن ورهين جي عمر ۾ ڌنڌي وهنوار ۽ ڪنڊو ڳوٺ جو تياڳ ڪري ٽنڊي آدم شهر جي ٻاهران واريءَ جي دڙي تي ويهي تپسيا ڪرڻ لڳا. سندن ڀڳتي ساڌنا سبب سُڄ ۾ وسنوَ ٿي ويئي. اُهو آستان امراپور آستان جي نالي سان پرسڌ ٿيو ۽ تيرٿ آستان بڻجي پيو. سوامي جن نت نيم اُتي ستسنگ ڪندا هئا. سندن سنگ ۾ ڪيترن پيارن کي رام جو رنگ لڳو. سوامي جن ڪين 'ست نام ساکي' منتر ڏئي ست مارگ بتائيندا هئا. سوين صدقي اچي سرجهڪائيندا هئا. شرڌالو ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ٻين سنتن جو درشن ڪري پرسن ٿيندا هئا.

سوامي ٽيئونرام مهاراجن پريم پرڪاش منڊل برپا ڪيو. هوُ سنت منڊليءَ سهت سنڌ جي جدا جدا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وڃي پنهنجي ستسنگ دواران ستلن کي سجاڳ ڪندا هئا. ڪين نام جو امرت پيئاريندا هئا. سوامي جن سناتن هندو ڌرم جي سڌانتن جو پرچار ڪيو. هوُ مهاتما گانڌيءَ جي ويچار ڌاران کان بہ پرڀاوت ٿيا. سوامي جن سماجڪ ڪُرسمن خلاف بہ سماج کي سجاڳ ڪري سنئين راهہ تي آڻڻ جو يتن ڪندا هئا. سندن منهن ۾ مٺيا ۽ پيشانيءَ ۾ آتمڪ تيج هوندو هو. سندن واڻيءَ ۾ سرسوتيءَ جو واسو هو. سندن سنگ ۾ ڪيترائي ساڌڪ آيا جي امراپور آستان جي سيوا

ڪندي سوامي جن جي آدرشن ۽ سکيائن انوسار هلندي سنت ٿي پيا. سوامي جن اُنهن کي بيک ڏئي سنت بڻايو. هن وقت ديش وديش ۾ سندن سوين آستان آهن.

سوامي ٽيئونرام مهاراج مهان سنت ڪوي به هئا ته گايڪ به هئا. هوُ يڪتاري تي پاڻ ڳائي سنگت کي منتر مگڌ ڪري ڇڏيندا هئا. سوامي جن جي سموري سنڌي ۽ هندي باڻي ”پريم پرڪاش گرنٿ“ ۾ سنگرهيت ٿيل آهي. هي گرنٿ وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ مارگ درشن ڪري ٿو. سوامي جن پنهنجي ڀڳتي ڪاويه ۾ ڪيتريون نصيحتون به ڏنيون آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان اسانجو جيون سارٿڪ ٿي سگهي ٿو. سوامي جن جڳت جي نشورتا بيان ڪندي اسانکي بيدار ڪن ٿا :

چاڙ مسافر خانو دنيا هتڙي تنهنجو ڇاهي؟

جڳت نظارو جو به ڏسين ٿو چار ڏينهن سو آهي!

---- ---- ----

ڪهي ٽيئون جڳ جوٺو ڇاٽي ڇڏ تون موهه متائي،

جوٺي جڳ کان ڪري ڪنارو ستگرو سنتن جو وٺ لاڙو.

سنسار جا ڀوڳ پدارٿ، رس، مايا جا روپ ڪيئن نه پنيلائن ٿا. سوامي جن اسانکي بيدار ڪندي سکيا ڏين ٿا :

جڳت جا ڀوڳ ڀڳونت کان بندا توکي ڀلائن ٿا.

ڏسڻ ۾ ٿي مٺي ماکي، دکي ٽيندين چکي چاکي،

سماجهه رک تون بٺي ساکي جگر کي سي جلائن ٿا.

موهه جي اوندهه کي دور ڪرڻ لاءِ گيان جي روشني جي ضرورت آهي.

گيان بنا نا ٿي روشنائي،

موهه سندي نا مٽي اونداهي.

وويڪ وڏو جاچ آهي، هوُ اسانکي ڪڪرم ڪرڻ کان روڪي ٿو. انڪري سوامي جن صلاح ڏيندي فرمائين ٿا :

سنتن ويدن ساک سڻائي وٺ وويڪ جي جيءَ ۾ جلاءِ.

جوت جڳاءِ جوت جڳاءِ، هردي ۾ گيان جي جوت جڳاءِ.

سوامي جن ساڌڪ کي صلاح ڏيندي چون ٿا :

گُر منتر ۾ سُرت سمائج، گُر منتر ۾ نرت ملائج،
سمتا جي وٽ سمجھہ ڳرن کان پوءِ سندي وٽ پوڄھہ ڳرن کان.
گُر چرنن جي ڪر تون سيوا، پائج پورن آتم ميوا،
گُر درشن سان تاپ مٽن ٿا، جنم جنم جا پاپ گھٽن ٿا.

سوامي جن مانش ديھہ جو مهتوَ ٻڌائيندي بيدار ڪن ٿا :

مانش تن چندن سم ڄاڻج، تنهن ۾ سڳندي آنند ماڻج،
غفلت ۾ نہ گنوائ،
مانش تن هيرن جي ڪاڻي، تنهن جو پورو قدر سڃاڻي،
ليکي هرجي لاءِ!

وهنوار جي واڌاري ۽ پرمارٿ جي پرگتيءَ لاءِ پريم جي پرڌانتا آهي. سوامي جن پريم جي اهميت ٻڌائيندي فرمائين ٿا :

پريم سان پريو ملي ٿو پريم هي پرڌان آ،
پريم وارن تي هميشہ ٿيو پرسن ڀڳوان آ.
پريم بن پرماتما جي هي سڄو سنسار ٿي،
پريم ئي ساري جڳت جو اوٽ ۽ آڌار ٿي.
پري پيءُ پريم جو پيالو، رهي سنسار کان نرالو،
هريءَ سان هيت لاهي وٺ، بڻي تون مست موالو.

سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي من ۾ دکين مسڪينن لاءِ همدردي ۽ پيار هو. هو پاڻ اُنهن جي شيوا ڪندا هئا. هو اسانکي بہ اُنهن جي خدمت ڪرڻ جي سکيا ڏيندي فرمائين ٿا :

دنيا وارا دنيا ۾ ڌرم ۽ ڪجھ دان ڪريو!
دينن غريبن ۽ اناٿن جو ڪجھ ڌيان ڪريو.
دين غريبن بي وامن جي سک سان شيوا ڪمائج تون،
تن من ڌن سان سڀ جيون کي سک پهچائج تون.

سوامي جن ڌنوانن کي مخاطب ٿيندي چون ٿا :

مسڪينن کي پيڙي جي تون مايا جوڙيندين،
آهہ غريبن جي سان، آخر دک تون لوڙيندين.

سوامي ٽيئونرام مهاراج پنهنجي ڪاويہ دواران جيو ديا جو سنديش ڏيندي اسانکي هنسا جي ڪاتي ڪان دور رهڻ جي سکيا ڏين ٿا :

منش ڪي ڪڏهن بہ ماس ڪائڻ نہ گهرجي،
اشٽ ڪاڄ ۾ دل لڳائڻ نہ گهرجي.
ڪرڻ جيوَ هنسا وڏو پاپ آهي،
گلي ڪنهن جي ڪاتي وهائڻ نہ گهرجي.
بکي ماس جوئي نرڪ ۾ وڃي سو،
وڃي نرڪ ۾ جيءَ جلائڻ نہ گهرجي.

سوامي ٽيئونرام مهاراج وهنوار ۽ پرمارٿ لاءِ سندر سکيائون ڏيندي فرمائين ٿا :

ڪم انساني ڪر تون پيارا، ڪين بڻاڄ حيوان،
شان شرم ۽ مان مرم سان، هلڄ رکي تون ڌيان.
چوري زوري جوئا نہ ڪر تون ماس نہ کاءُ اجان!
ڪپٽ ايرشا ڪيي اندر مان پريم رکاڄ پرڌان،
ستگر اُڳيان سيس نوائڄ، حاجت ڇڏي ايمان،
رسنا سان سچ پولڄ مٺڙو ڪوڙ نہ پول سڄان.
ٿهل مٿن سان ڪري هميشه ڌن جو ڏي تون دان،
کهي ٽيئون ٿر ڌيان گرن جو سمر شري ڀڳوان.

سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو 'پريم پرڪاش گرنٿ' سکيائن جو ساگر آهي. ڪو غواص ئي لعل لوچي ايندو. سوامي جن سچ جي راهہ تي هلڻ جي صلاح ڏيندي فرمائين ٿا :

ڪوڙ ڪاغذ جي ٻيڙي چاڙهڄ،
سچ ڪاٺ جي ٻيڙي چاڙهڄ.

سوامي جن رويڪن دواران ساڌڪ کي گيان گريت سکيا ڏين ٿا :

من گهوڙيءَ کي لغام سنجم، چابڪ شبد جڳائي،
محبت جي ميدان ۾ هل تون، وويڪ سان ورائي.

◆ **شري لعلچند پمناڻي** جو جنم سنڌ جي اُپاوڙي شهر ۾ سنہ ١٨٩٠ع ۾ شري ٽانورداس جي گهر ۾ ٿيو. هن صاحب پهرين اسڪول ۾ ماستري ڪئي. ڪجهہ سالن بعد وري ڌنڌو ڌاڙي ڪري عيال جو گذران ڪندو هو. هن صاحب سامي صاحب جي سلوڪن جي طرز تي سلوڪ لکيا آهن. هي صاحب هيٺ ڏنل سلوڪ ۾ ماڻ ۾ رهڻ جي صلاح ڏيندي ۽ ڏک سک ۾ اڏول رهڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :

ماڻ جهڙو ٽول پيو ڪونهي جڳ ۾،
هلي ڏسائج هڪ دفعو پوءِ تورج تول،
سک دک مان اپمان ۾ رکاج چت اڏول
لعلو اهو عمدو ٽول قائم رکاج قلوب ۾.

ڪوي ساڌڪ کي غريبي يعني حليمائيءَ جي راهہ تي هلڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :

وٺ غريبي واٽ، تان سهاجي ماڻي سپرين.

ڪوي ڏٺيءَ جي ڌيان ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي چوي ٿو :

تر ڌيان دل ۾ سدا تون اُنهيءَ ڪرتار جو،
جو والي آهي وِسَ جو ۽ وِس سندي وستار جو.

◆**نواز علي نياز صاحب** ١٨ آڪٽوبر سنہ ١٨٩٢ع ۾ لاڙڪاڻي سنڌ ۾ محمد آچار خان سومري جي گهر تولد ٿيو. هي صاحب پڪو پختو شاعر هو. شاعر نياز صاحب هري دلگير جي بہ رهنمائي ڪئي. شاعر تاڪيد ڪري ٿو تہ بي قصور تي هرو پرو غضو ڪرڻ، ظلم ڪرڻ جائز ناهي. اسين اها غلطي ڪري ٿا وجهون.

ڇو ڪاجي ڪاوڙ ڪنهن سان ظلم ڪنهن سان ڇو ڪاجي!
بي سبب بي فائدو بي قاعدو بي انتها.

اڄ اسين پنهنجي ماتر ڀاشا سنڌيءَ کي وساري ڌاري ٻوليءَ جا مڃو ٿي پيا آهيو. هڪ سو سال اڳ لکيل نياز صاحب جون مصرائون اڄ بہ عمل

ڪرڻ جي تاڪيد ڪن ٿيون شاعر پنهنجي وطن ۽ مادري زبان جي سلامتي لاءِ ڏاڍيءَ ڪان دعا پني ٿو :

نياز آزي ڪري درگاهہ رب ۾ گهري دعا هردم.
وطن سان گڏ سلامت شل رهي سنڌي، زبان پنهنجي.

◆ **محمد بخش واصف صاحب** سنہ ١٨٩٢ع ۾ ڳوٺ راڻي چنوتي محمد عثمان جي گهر تولد ٿيو. انسان رات ڏينهن يورن جيان پيٽ گذران لاءِ گهمي ٿو. شاعر طنز ڪندي، اسانکي بيدار ڪري ٿو تہ هن حياتي جو قدر ڪري ڪجهہ سُڪرت جا ڪم ڪريون، ڏاڍيءَ ڪي ياد ڪريون :

ٿو پيٽ پنيان پئين جي سويرو ٿو اُٿين،
ٿئي رات جڏهن ٿي تہ سمهين خوب رهين،
يورن جيان سارجي عمر گذر تنهنجو ٿيو،
پوءِ ڪهڙي طرح پاڻ ڪي انسان ٿو سڏين!

◆ **ڪوي راما سوامي** سنہ ١٨٩٢ع ۾ دادو ضلع جي زندن ڳوٺ ۾ شري ٿهليارام جي گهر ڄائو. سندس ڪاويہ جا چار پستڪ رام شلوڪا ولي 'رام درشناولي'، 'رام شبداولي'، 'رام جپو'، پرڪاشت ٿيا. ڪوي صاحب گيان جي اهميت ٻڌائيندي اسانکي بہ گيان پراپت ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

گيان جو سورج گهٽ ۾ جڏهن گهر اُجلائي
وڃن وهم وجود مان سُرت سمت آئي.

ڪوي مسڪينن جي جهوپڙين ۾ مالڪ ڪي پسي ٿو. اٿسنديءَ طرح ڪوي مسڪينن جي سار سنڀال لهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

غريبن جي جهوپڙين ۾ پرين پاڻ پسائي.
مايا جي مد يون ۾ پٽ پير هٿائي.

◆ **حڪيم فتح محمد سيوهاڻي صاحب** سنہ ١٨٩٣ع ۾ سيوهڻ ۾ غلام محي الدين جي گهر تولد ٿيو. هي صاحب عيال جي پرورش لاءِ حڪمت جو ڪم ڪندو هو. هي پڪو پختو شاعر هو. علم عروض جي

كيس خاص ڄاڻ هئي. شاعر اتاحاد ۾ سازيءَ جو سنديش سڻائيندي اسانکي سکيا ڏئي ٿو :

نہ هرگز رکون ڪا جدائي ڀيائي،
ٿيون هڪ ٻئي تي سدائي فدائي.
اِها ئي وطن جي محبت ٿي سڏجي،
انهيءَ طرح ٿو پاڻ ۾ ملڪ ڳڏجي.

دنيا جي اثباتي ۽ بي اثباتي کان حقيقت شناس ٿيڻ لاءِ شاعر صلاح ڏئي ٿو :

بقاجي ۽ فنا جي سِڀ حقيقت،
اي غافل! گل و گلزار کان پڇ.
دنيا جي گهر کي ڄاڻ سياڻا تون هڪ حباب
اُڀري بہ جلد جلد فنا ٿي بہ ٿو وڃي.

اسين بي بقا دنيا ۽ پدارٿن پٺيان پنهنجي حياتي برباد ڪري رهيا آهيون. زندگيءَ جو زيب آهي بندگيءَ ۾.

◆ **سوامي گوالانند مهاراج** صاحب جو جنم سنہ ١٨٩٧ع ۾ آڪاڙ مهني ۾ کنبو حيدرآباد ضلع ۾ شري چيلارام کتريءَ جي گهر ٿيو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج سندس وڏا ڀاڳ هئا. سوامي گوالانند مهاراج سوامي ٽيئونرام مهاراجن کان ئي گرومنتر وٺي نام ساڌنا ڪئي ۽ پاڻ بہ سنت ٿي پيو. هن سنڌيءَ هنديءَ ۾ ٻاڻي لکي آهي. سندس سمورو ڪاويہ ”گوالانند گ رنت“ ۾ سنگره ٿيل آهي. سوامي گوالانند مهاراج بيدار ڪندي چوي ٿو :-

سمجهہ سياڻا سچ، دنيا سات نہ چلڻي،
جئن سرشٽي سپني جي، تئن ڪوڙو ڄاڻج ڪچ.

---- ---- ----

اک پٽ اُکيڙ ڄاڳي جپ هرنام
بنا ڀڄن ڀڳوان جي ڄاڻ جوٺو ڪام
ڌن، ترتي ڪٽنب سڀ ڄاڻج جوٺو ڌام.

سوامي گوالانند مهاراج اسانکي بيدار کندي وقت جو سدا اُپيوگ ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

وقت جو ويو موٽي ملي ڪين ڪي
غافل غفلت کي ڇڏي پاءِ لعلڻ لاءِ ليئو.

ڪوي سانت ۾ رهڻ جي نصيحت ڏئي ٿو :-

جيئري مري جڳ ۾، ڪنهن سان ڏٽي نہ ڏند

سوامي گوالانند مهاراج ستگروءَ جي اهميت پڌائيندي صلاح ڏئي ٿو :-

وٺي گيان گروءَ کان ٿئي پردا کول.

◆**سوامي ٻوڌراج صاحب** جو جنم ٦ فيبروري سنہ ١٨٩٧ع ۾ ڪوئٽيا بلوچستان ۾ ديوان لوڪومل واتوڻيءَ جي گهر ٿيو. سوامي ٻوڌراج جو اصلي نالو شري يوڇراج هو. سندس ستگرو سوامي پرمانند چد آڪاشي هنجو گيان ۽ ودوتا ڏسي، مٿس پرسن ٿي کيس 'ٻوڌراج' نالي سان سڏيو. هي هڪ آدارشي اڌياپڪ ٿي سوَن وديارٿين جي سونهپ ڪندو رهيو. هي صاحب سادگيءَ جي صورت هو نماڻائيءَ جي مورت هو. هي پراُپڪاري آڌياتمڪ راهہ جو پانڌيئڙو هو. هن صاحب جي ڪاويہ ۾ روحانيءَ رمزون بہ آهن تہ وهنوار لاءِ بہ سونهپ ڪيل آهي. سوامي ٻوڌراج نصيحت آميز شعر بہ چيو آهي. هي صاحب جڳياسن کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

ڪر آتم تيرٿ ۾ اشنان
ميٽ مڙيئي من جو مان.

سوامي ٻوڌراج پرمارٿ چاهي وهنوار جي واڌاري لاءِ ڪهڙيوُن ڪارگر صلاحون ڏنيون آهن. ڪوي پريم جي پنٿ ۾ هلڻ جي تاڪيد ڪري ٿو

پريم جو هڪ پنٿ آهي، پنٿ سيڪنهن کان جيدا،
ريس ساڙي حسد، ٻيائي کان سدا آهي صفا.

---- ---- ----

اچ ادا پڙهہ پريم پستڪ، پريم ۾ ٿي رهہ فدا.

ڀوڙ ڀيائيءَ کي وجهي ڀن آءُ اندر ايڪتا
پريم ئي پرماتما جو پنٿ آهي بي خطا.

سوامي ڀوڏراج صاحب پاڻ ديالو منش هو. اسانکي پڻ ديا جو مهتو ٻڌائيندي ديا جو گڻ اپنائڻ لاءِ فرمائي ٿو :

دل ديا سان نت ڀري ڪر دين دلين کي بهار،
دل جي ڪوملتا تي آهي گڻن مڙني جو مدار
دل ديا سان نت ڀري ڪر جيو جنتوءَ جي رکيا
'ڀوڏ' وشنو ٿئي سو، جو لهي دکين جي سار.

جيون جي سارٿڪتا شيوا ۾ آهي. شيوا بہ پريم سان ڪرڻ گهرجي. سين کي پريم جو پيالو پيئارجي. سينئي جيون کي پيار ڪرڻ گهرجي.

پريم امبرت جو پيالو پُر ڪري سڀ کي پيئار،
پريم سان شيوا ڪرڻ سان ئي اچي ٿي دل ۾ بهار.

نؤڙت انسان جو ڳهڻو آهي، سوامي ڀوڏراج بہ فرمائي ٿو :

'ڀوڏ' ڀريل ٽاريءَ مثل رک نئڙت ادب.

پنهنجي دل کي گل جيان ڪومل نرمل رکڻ گهرجي.

مثل گل دل کي رک ڪومل سدائين شڌ نرمل

هڪ هڪ جي اندر حسد جي باهہ ٻري ٿي. ڪوي ان باهہ کي صبر جي جل سان وسائڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

حسد ۾ ساڙ جي اگ صبر جل سان وسائيندس.

ڪوي ڀوڏراج صاحب من کي موُن روپي ميٽ سان صاف ڪري اندر جو ايمان دور ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

ميٽ موُن جو مهتي من کي دور اندر جو ڪر ايمان

ڪوي هنس وارنگر هلڻ جي صلاح ڏيندي لکيو :-

'هنس ٿي هر حال ۾، هت ڪانوَ چڌ ڪار دوست.'

جئن شمع پاڻ جلي ٻين کي روشن ڪري ٿي تئن انسان کي بہ پاڻ قربان

ڪري پين جو پلو ڪرڻ گھرجي :-

شمع جا سڙندي ڏني روشنائي
عجب ان مونکي ٻوڌ ٻولي ٻڌائي.
سڙي پاڻ روشن ڪيو جنھن ٻين کي
اُنھيءَ امر جوتي جڳت ۾ جڳائي.

باغ سونھين ٿو سرھاڻ وارن گلن سان تيئن گھر سونھين ٿو گيانوان
وير ڏير ڀڳت سان. ماتا پتا اھڙي سنتان پيدا ڪن جن سان ڪُل جو نالو
روشن ٿئي.

سڳنڌي گلن سان سونھين باغ بھتر
وسي ميگھہ جڏھن ٿئي پُر تڏھن تر.
ڌرم وير گياني رشي تياڳسوي ڪي
چمن 'ٻوڌ' جڏھن تڏھن ٿو سونھين گھر.

سوامي ٻوڌراج صاحب وھنوار چاھي پرمارٿ جي راھہ تي ھلڻ لاءِ
ڪھڙيون نہ ڪارگر صلاحون ڏنيون آھن.

◆ شاعر ليکراج عزيز صاجب جو جنم سنہ ١٨٩٧ع ۾ حيدرآباد سنڌ
۾ شري ڪشنچند ميرچنداڻيءَ جي گھر ٿيو. ھي صاحب سنڌي، عربي ۽
فارسيءَ جو عالم اُستاد ھو. زندگيءَ جا پويان ڪيترا سال ھي صاحب
ڪي.سي. ڪاليج ممبئيءَ ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ٿي وديارٿين جي
رھنمائي ڪندو رھيو. ھن صاحب کي شعروَشاعري لکڻ جو شونق سنڌ کان
ئي ھو. کيس سنڌ ۾ ڪن تصيفن انعام پڻ عطا ٿيا. ھي ڪامياب مضمون
نويس ناٽڪ نويس ۽ اعليٰ درجي جو شاعر ھو. کيس علم عروض جي خاصي
ڄاڻ ھئي، انڪري سندس شعر پڪو پختو آھي. ھن سگھڙ شاعر شعرو
شاعري لکڻ ۾ ڪيترن جي سونھپ ڪئي. ھي خدا ترس رچ مڙس ھو.
سنڌ سرڪار سندس قدرشناسي ڪندي شاعراڻي شمع 'پاڇتاءَ جا لڙڪ'

ادبي آئينو' تي انعام عطا ڪيا. پارت ۾ ڪين صراحي شاعري تضيف تي
ساهتيہ اڪادميءَ ۵ هزار روپيا انعام عطا ڪيو.

سنڌ ۾ هن صاحب جو 'ڪليات عزيز' پڻ شايع ٿيو.

عزيز صاحب ناصحاڻہ شعر چيو آهي. شاعر عزيز صاحب خلق جي
خدمت ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

جي بلندي ٿو گهرين تا خلق جو ڪر پيو پلو،
خلق جي خدمت کان غافل رهہ ڪڏهن هڪ دم نہ ڪو.

عزيز صاحب پيار ۽ همدردي ڏيڻ جي صلاح ڏين ٿا :-

ڪنهنجي بہ دل وٽن ۾ سهڻا ثواب آهي،
هي تيرٿن ۾ تيرٿ لاجواب آهي.

شاعر بيدار ڪندي چوي ٿو :-

اُٿ يار پٽ اکيون، چو اجا توکي خواب آهي،
روشن ٿي لاٿو رات جو سورج نقاب آهي.

♦ **سيد ميران محمد شاه 'مير' شاه صاحب** سنہ ١٨٩٨ع ۾ ٺٽڙ
سنڌ ۾ تولد ٿيو. هن بي. اي. ايل. ايل. بي امتحان پاس ڪيا. هن سياست ۾
بهرو ورتو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر ٿي رهيو. پاڪستان سرڪار
طرفان اسپين جو سفير ٿي رهيو. مير صاحب دنيا جي خود مطلبيءَ جي
عڪاسي ڪندي بيدار ڪري ٿو تہ اسين خود غرض کان خبردار رهون.

دنيا هي آهہ مطلب جي جنهن ۾ خيرخواه ڪونهي،
گهڻائي دوست چاهن ٿا مگر ڪو باوفا ڪونهي!
ملن مشڪل گلي لائن، عزيز خويش ٿا چائن،
اندر ۾ پر رکن ڪينو، منجهن ڪو دل صفا ڪونهي!

مير صاحب علمدان هو، انڪري علم جي اهميت ٻڌائيندي اسانکي علم
جي حاصلات لاءِ صلاح ڏئي ٿو :-

جئن ڏيو روشن ڪري علم تئن دل جو چراغ،

جنهن جي دل اونداه تنهن کي ڪيئن سڏيون انسان!
علم واري کي ٿين حاصل ٻئي دنيا ۽ دين،
تو ٿئي بي علم کان برخود خُدا خالق خفا!

◆ ڪوي سوامي پهلاجرام صاحب جو ناصحاڻو شعر

لوڪ پريہ سنڌي ڪوي ۽ ڳايڪ سوامي پهلاجرام صاحب جو جنم سنہ ١٩٠٠ع ۾ ڪاهي ڳوٺ سکر ضلع سنڌ ۾ مکي مدنداس جي گهر ۾ ٿيو. هوُ اڃا ٻالڪ هو جو سندس ماتا پتا پرلوڪ پڌاريا. کيس سنڌي اسڪول ۾ داخلا ڪيو ويو ۽ ساڻ ساڻ ٽڪاڻي ۾ هن گرمکي اکر بہ سکيا. مائٽن کيس شادي ڪرائڻ جو ويچار ڪيو پر پياري پهلاجرام جي من جو لاڙو ڌارمڪ وديا پراپت ڪرڻ ڏانهن هو. هوُ سوامي شيامانند ڀارتيءَ وٽ ڪنکل هردوار ۾ هندي، سنسڪرت پڙهڻ ۽ ڌارمڪ وديا پراپت ڪرڻ لاءِ ويو. سوامي شيامانند ڀارتيءَ جي سونهپ ۾ هن هندي سنسڪرت سکي ۽ ڌارمڪ گرنٿن جو ابياس ڪيو. هو ڪجهہ وقت رشيڪيش ۾ رهيو ۽ ساڌنا ڪئي. سندس شيوا ڀاونا ڏسي سنہ ١٩٢٢ع ۾ سوامي شيامانند ڀارتيءَ کيس گيڙو سروپا ڏني. هوُ سنڌ ۾ واپس وريو. هن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي چرڻن ۾ ويهي پڻ سکيا گرهڻ ڪئي. هن سنہ ١٩٣٠ع ۾ حيدرآباد ۾ 'پهلاج پوري' آشرم برپا ڪيو. هن ڪاويہ رچنا بہ شروع ڪئي. هوُ پنهنجون رچنائون پاڻ ڳائي منتر مگڌ ڪندو هو. سندس ئي زماني ۾ سنڌ ۾ ڪيترائي سنت، ڳايڪ، شرڌالو سندس ڀڄن ڳائيندا هئا. هوُ سنت ڪوي بہ هو تہ سماج سڌارڪ بہ هو، ايشور ڀڳت بہ هو تہ ديش ڀڳت بہ هو. هن ڇند شاستر جي آڌار تي بہ ٻاٽي لکي آهي تہ علم عروض موجب بہ رچنائون ڪيون ۽ فلمي طرز تي پڻ سوين ڀڄن رچيا. ورهاڱي بعد ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ هن سنت ڪويءَ پنهنجي واڻيءَ دواران سنديش سڻايو. ٢٧ مئيءَ سنہ ١٩٦٥ع ۾ سنساري سفر پورو ڪيو. سندس سموري سنڌي هندي واڻي "پهلاج پريم واڻي" ۾ پرڪاشت ڪئي ويئي آهي. هن صاحب پنهنجي ڪاويہ ۾

ڪيتريون نصيحتون ڏنيون آهن. جيڪي وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ اسانجي سونهپ ڪن ٿيون.

اڄ ڪلهه گهرن ۾ ڪل ڪل ڪلفت آهي. نه ته ته اسانجا گهر سرڳ ٿي پون.

جي ڪلفت کان گهر گهر ۾ اُلفت هجي ها،
ته گهر بهشت گهر گهر ۾ برڪت هجي ها!

ڪوي پهلاجرام نشيدار شين جي واهپي خلاف تاڪيد ڪندي اُنهن جي نتيجن جو ذڪر ڪيو آهي.

وِڪَ کان به سماجه ويتر ويري شراب ڪي،
وياجهو نه ويري آٺج خاني خراب ڪي.
ڪو نتر ڪُتا ڪروڙين، ان ڀنگ جي پنيان،
دارونءَ ۾ ڏُف نه ڪر تون چهري گلاب ڪي.

ديا بنا انسان پسون سمان آهي. ڪوي صاحب ديا جي اهميت ٻڌائيندي چون ٿا :-

تو يار ڪيا، ڏينهن رات ويهي وهنوار ڪيا،
تو ٻار ڪيا پريوار ڪيا، تپ تيرٿ ٻي ته هزار ڪيا،
پر دل ۾ ديا جي ڪانه ڏري،
تو ڪاجهه نه ڪيو! تو ڪاجهه نه ڪيو!

مانش ديهه جو مهتوَ ٻڌائيندي ڪوي صاحب اسانکي سجاڳ ڪن ٿا :-

ملي درلڀ مانش ديهي اٿئي،
جنهن ۾ سهاڄ سُکن جا سيئي اٿي.
هيءَ هيرن موتين جو اهرن کان،
اٿي مهانگي سڄ چنڊ تارن کان،
پاڇ قدر وجي قدروارن کان،
بي قدرن کي ڪل کهڙي اٿئي!

سنڌيءَ ۾ هڪ شاعر چيو آهي ته 'نيڪي نندين پاڻ سان پيو سيپ رهندو هت.' ڪوي پهلاجرام آگاه ڪندي پڻ ساڳي نصيحت ڏيندي فرمائن ٿا :-

نڪو هلندي عمارت هيءَ نڪو ڪٽبو خزاني ڪي
پنيان نيڪيءَ بديءَ جي هڪ عمارت ڪي اڏي هليو!
منش پريم جو چشمو پائي ڏسي ته ڪيس هرڪنهن ۾ هرهنڌ هڪ پرماتما ڏسڻ ۾ ايندو :-

عشق جي عينڪ اکين تي چاڙهج،
نور سان سڀ گهٽ نور نهارج،
هرهنڌ هوت نهار!

ڪوي پهلاجرام صاحب وهنوار چاهي پرمارٿ جي پرگتيءَ لاءِ نصيحتون ڏيندي فرمائين ٿا :-

اُها ڪا پوک پوکج، اچي ڪم جا وقت توکي،
مرڻ جي مهل سڀ توکي مڏيون ۽ مال ڏک ڏيندءِ!
صداقت سک سناخت سک لياقت سک شرافت سک،
عنايت، سک، ڪفايت سک، لالچ بيا لعل ڏک ڏيندءِ!

ڪنهنڪي به رنجائڻ نه گهرجي، جيڪڏهن اسين سڪي ٿيڻ چاهيون ته ٻين کي به سکي ڪريون. ڪوي صاحب سهڻي صلاح ڏيندي چون ٿا :-

ڏئي آرام جو سڀ کي اُهو آرام پائي ٿو،
رنجائي ڪين ڪي ڪک کي، اُهوئي رام پائي ٿو.

سکمیہ جيون رهڻ لاءِ ڪوي صاحب صلاح ڏئي ٿو :-

گروءَ جي گود ۾ گرمک گذاريندين ته خوش هوندين
ديا ڌيرج ڌرم دل ۾ جي ڌاريندين ته خوش هوندين
بنا پهلاج ستگر جي انڌارو ڪين ڪي ويندو
گروءَ جي گيان جو ديپڪ جي ٻاريندين ته خوش هوندين

ڪوي صاحب مٿين مصرائن ۾ گروءَ جي اهميت به بيان ڪئي آهي.
ڪوي پهلاجرام ڪهڙيون نه ڪارگر نصيحتون ڏئي ٿو :-

وِسائڻ ڪان ڪنهنکي وَسائڻ چڱو آ.
هيسائڻ ڪان ڪنهنکي هَسائڻ چڱو آ.

کاڄائڻ کان ڪنهنکي ڪلائڻ چڱو آ،
رُسائڻ کان ڪنهنکي رَسائڻ چڱو آ.

انسان کي ماڻو مغروري نہ ڪرڻ گھرجي ۽ جيڪي ست ڪرم ڪرڻو آهي هڪدم ڪري :-

ڪر نہ ماڻو ٿي سياڻو، اڄ سياڻو يا نصيب!
جيڪي ڪرين ڪر اڄ مٺا! پوءِ ٿي پڇاڙو يا نصيب!

سنتن ست پرشن جو سنگ سنسار جي ساگر مان تاريندو. انڪري اسان کي سنتن جو سنگ ڪرڻ گھرجي :-

سنگ سنتن جو توکي تاريندو، ڏکيو ڏينهن تہ مور ڏيکاريندو،
پهلاج ڪريل جي سڌاريندو، ميٺي ورڌاتا جو انگ ادا.

دک وڌي وڃي اُن کان اڳ ئي اُنجو علاج ڪرڻ گھرجي. وير وروڌ ڪروڌ ڪيتريون بيماريون پيدا ڪن ٿا. اُنهن کي پنهنجي اندر مان پاڙون پٽڻ گھرجي. ڪوي پهلاجرام پنهنجي شعر ذريعي نصيحت ڏئي ٿو :-

اڳ ۾ ڪر علاج اوکي گھڙي نا اچي،
وير وروڌ ڪروڌ کي پاڙون پٽ پهلاج.
سيتل ڪاڄ سياوَ کي من ۾ رک مهاراج،
مايا جو موتاج مرندي پِي بَڻُ ڪينڪي.

ڏٺي حرفت سان ڪين ملندو، باادب هئڻ سان اسانجو نصيب کلندو. ڏٺيءَ درخاڪساري اختيار ڪرڻي آهہ. جئن شرير جي صحت لاءِ پرهيز ضروري آهي تئن من جي شانتيءَ لاءِ پرهيز ڪرڻ گھرجي، جيسين اسان پرهيز نٿا ڪيون تہ نصيب ڇا ڪندو!

ادب ساڻ نصيب جڙندو آهي جيوَ جو،
پرچي نا پهلاج ڇِئي حرفت ساڻ حبيب.
ڪِري جنهنکي ڪانہ ڪا، تنهنجو ڪونہ طبيب
گندو پيو غريب ڏکيا ڏسندو ڏينهڙا.

English School LIBRARY

سنسار ۾ سست ٿي نہ رهجي. پرشارٿ ئي ديو آهي. ڪوي پهلاجرام آلسي ماڻهو جو چٽر چٽيندي اَسانکي چست، پرشارٿي ٿي رهڻ جي تاڪيد ڪن ٿا :-

آلسي اڏ مئا جيئرا سمجهہ جهان ۾،
ڪم ڪرڻ جو ڪوس سي ڪائڻ جا ڪوها
ڪائي پي پهلاج چئي سهن ڏنپ ڏوها.
چٽ جا چور چوها. وات رڳو تن ويڪرو.

اُدم وارو انسان اُنتي ڪري سگهندو آهي. نصيب بہ اُن کي نقصان پهچائي نہ سگهندو آهي. انڪري ڪوي صاحب صلاح ڏئي ٿو تہ سدائين اُدم ڪندا رهو.

اُدم جو اُستاد ساڻ ڪنيو جنهن سورمي،
ڀاويءَ جو تنهنکي نٿو ڀوت ڪري برباد.
پرشارٿ پهلاج جا اڱڻ ڪري آباد.
ٿيندا ڪئن آزاد جن ڪرمن پاتيون ڪڙيون!

منش پنهنجي ڪيل ڪرمن تي فخر وٺي نہ پنهنجي وڏڙن جي واڪاڻ تي ناز ڪري، ڪوي محنت ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي چيو :-

پنهنجي ڪرٽيءَ ڪُڏ. ڪُڏ نہ ابن آسري،
وڏڙن جي واڪاڻ تي لوڏ رکي نا لُڏ.
محنت ڪر جان مرد ٿي، مورک ٻٽاج نہ مُڏ.
متان رکين رُڏ. نانءِ پٽيان پهلاج چئي.

ڪوي صاحب ڀڳتيءَ کان وڌيڪ سيوا جي اهميت ڏيکاريندي چيو :-

سيوا ڀڳتيءَ کان مٿي، سالڪن سيوا چئي،
وڏي جپ تپ جوڳ کان ڪامل ديا ڪئي،
پريت رکي پهلاج جا ڪرتون سيو سئي.

ڪوي ڀلاجرام صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ ڪميا روپي ڪنڊ ڪائي منهن منو رڪائج، يعني منهن سان منو ڳالهائج. ٻاڙو نہ ٻول. وهنوار لاءِ چاهي پرمارٿ لاءِ مٺر ڳالهائڻ ۽ ڪميا جو گڻ تمام ضروري آهن.

منهن ڪي ڪر منو، ڪائي ڪنڊ ڪميا سندي،
ڪوٺي ڪيڊ خيال مان ڪارو اکر ڪٿو.

منهن تي جيڪڏهن ڪارائڻ لڳي وڃي ٿي تہ منهن ڪي ڌوئڻ سان منهن صاف ٿي ويندو پر جيڪڏهن من ڪارو آهي، من ۾ مئل آهي، وڪارن جي ڪارنهن آهي تہ اُن ڪي پريم روپي پاڻيءَ سان صاف ڪري اندر ۾ پرڪاش ڪر. من ڪاري ڪان منهن ڪارو ڀلو.

منهن ڪر ڪارو من ڪارو ڪين ڪي،
منهن ڌوئي ٿو منٺ ۾ من ڪارو ئي ڪارو.
پريم سان ڀلاج چئي ڪر اندر تہ اُجالو،
پريوءَ جو پيارو اُهو اٿي آدمي.

هٺيلو ماڻهو اوڙاهہ ۾ اٽڪي تہ بہ پنهنجي هوڏ تي قائم هوندو آهي. هوڏي انسان موتين ڪي ڇڏي ڪوڏ چونبي ٿو، پندو پر پنهنجي آڪڙ نہ ڇڏيندو. ڪوي صاحب صلاح ڏيندي چيو تہ اسانکي هوڏ، هٺ نہ ڪرڻ گ هرجي، ٻاهريون آڊمبر ڪرڻ نہ گهرجي.

هوڏي ڇڏي نہ هوڏ توڙي رساتل رسي،
محبت جامو ڇڏي، ڪانئر ميڙي ڪوڏ.
پني تہ بہ ڀلاج چئي لوٺيءَ ساٽي لوڏ،
گهر ۾ ليي نہ گوڏ، تہ بہ ڌوڏيندو ڌرتي هلي!

پرماتما جي پانڌيئڙن ڪي صبر سونهين ٿو. ڪميا سندن هٿيار آهي. ڪروڌ تہ هرڪنهن لاءِ زهر مثل آهي. جيڪو ڪروڌ ڪري ٿو سو گنهگار آهي. ڪوي صاحب نصيحت ڏيندي چيو :-

صبر سالڪن ڪي سينگار آهي،

كميا جي برابر نہ هشيار آهي.
زهر جي مثل آهہ ڪاوڙ ڪروڌ،
ڪروڌي منش خود گنهگار آهي.

ڪوي ڀلاجرام صاحب جي گرنٿ ۾ انيڪ نصيحتن روپي هيرالعل آهن، ڪو غواص ٿيي ڏئي لعل لوڇي اڇي.

◆ شري ليلارام پريمچند سڪندر جي وصيعت جو ذڪر ڪندي اسانکي بہ بيدار ۽ آگاهہ ڪري ٿو :-

مرڻ بعد لاشي ڪان ٻاهر ڪاڄو،
ٻئي هٿ خالي سي ظاهر ڪاڄو.
ڏسن مر ننڍا ۽ وڏا شهر جا،
تہ ڪنئين پاڻ سان شاهہ ڪوڏي نہ ڪا!
ڇڏي سڀ اتيئي خزانا ويو!
مڙئي معل ماڙيون اٽالو پيو!

◆ **حيدر بخش جتوئي صاحب** سنہ ١٩٠١ع ۾ لاڙڪاڻي جي بگوديري ڳوٺ ۾ الله داد خان جي گهر تولد ٿيو. بي.اي. پاس ڪري هي مختيارڪار ۽ ان بعد ڊپٽي ڪليڪٽر بہ ٿيو. سرڪاري عهدو ڇڏي هوُ هارين جي حقن جي حاصلات لاءِ لڙيو. ديش جي آزادي آندولن ۾ هن جناب آزاديءَ سان وابستہ غزل شعر لکيا. هي صاحب باغي ۽ ترقي پسند شاعر هو. سندس رڳ رڳ ۾ قوميت جي ڀاونا هئي. هي وطن دوست شاعر هو، خوددار شاخص هو. سندس ڪلام ۾ ڪي نصيحت آميز نڪتا آهن.

ٻئي جي محلات ڪان آ. پنهنجو ڪاچو گهر خوشتر،
ڌارين جي زربخته ڪان پانهجي کدر خوشتر.

شاعر اسانکي بہ پنهنجي ديش ۾ ٺهيل شين و اپرائڻ جي صلاح ڏيندي

خودداريءَ جي شناس ڏئي ٿو.

جتوئي صاحب پنهنجي هڪ ٻي شعر ۾ خودداريءَ جو احساس ڪرائيندي بيدار ڪري ٿو :-

زرپرستي ڇڏي انسان جا پوڄاري ٿيو،

محل ۽ موهه ڇڏي مان جا واپاري ٿيو.

جتوئي صاحب جو نظريو وسيع هو ۽ سندس من ۾ انسان ذات لاءِ محبت هئي. اهڙيءَ طرح شاعر اسانکي به ساڳي نصيحت ڏئي ٿو.

جو به مذهب آ انساني محبت جي خلاف

آ خلق جي خلاف آهه سو قدرت جي خلاف

ڪينو فتنو ٿئي برباد قرب محبت زنده آباد!

◆ **مراد علي قاظم** سنه ١٩٠١ع ۾ روهڙي سنڌ ۾ تولد ٿيو. هن صاحب اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ سرڪاري ملازم به ٿي رهيو. دنيا جي خود مطلبي جي عڪاسي ڪندي شاعر اسانکي به آگاهه ڪري ٿو :-

ڪنهنجو نه ڪنهن سان مطلب، مطلب سان آهه مطلب،

مطلب جي آهه دنيا مطلب جا يار آهن.

◆ **عبدالرحمان هالائي صاحب** ١٥ آگسٽ سنه ١٩٠٢ع ۾ هالا نوان سنڌ ۾ جناب علي محمد جي گهر تولد ٿيو. هن صاحب ماستري ڪندي سوَن شاگردن جي رهنمائي ڪئي. هن صاحب پنهنجي شعر ذريعي ڪي ڪارگر نصيحتون ڏنيون آهن :-

حلم ۽ پاڪيزگيءَ جو صاف صابڻ تون هڻي،

آب عبديت سان ڌوئي جسم جو سڀ ميرڪڻ.

نيڪ عملن ڪان سواءِ ڪٽنڌين نه پيو ڪاڄهه پاڻ سان،

ڪونہ هلندو قبر ڏي، مٺ يا قريب و يار هڪ.
ابتدا ۾ چا هٽين اچ انتها تي غور ڪر،
وقت نعمت چاڻ ڪر ڪاڄهہ پوءِ هلندءِ ڪين وس.
حسن پنهنجي تي متا مغرور هرگز ڪيم ٿي،

◆ ڪوي تلسيداس تلريجا صاحب جو جنم ۱۹۰۴ع ۾ ٿيو. هي صاحب ساڄي زندگي اُستاد ٿي هزارن وديارٿين جي سونهپ بڪندو رهيو. هي سادگي سنيهہ جو سوروپ هو. هن صاحب سنت 'تلسيداس جو رامچرت مانس' سنڌي ڪاويہ ۾ دوها - چوپائي ڇند ۾ ترجمو ڪري سنڌي سماج سان وڏو وڙ ڪيو ۽ سنڌي ڌارمڪ ڪاويہ جا گهڙا پڻ پريا. هن صاحب سنڌيءَ ۾ شعر چيو آهي. سندس شعر ۾ ڪي نصيحت آميز نڪتا بہ آهن.

ماچ ساڄڻ منهنجي صلاح ڇڏ هٺ، صبر اختيار ڪر،
جن کي تولئہ آهہ نفرت تون اُنهن کي پيار ڪر.
تو ڪري جهونو حسد جو کهر اُجڙ گلشن خزان،
مشڪ پيو ۽ مرڪ دم دم زندگي گلزار ڪر.

◆ شاعر فتحچند 'پروس' صاحب جو جنم ۱۹۰۴ع ۾ ڀلاٽي نواب شاهہ ضلع ۾ برهمڻ پريوار ۾ ٿيو. هن صاحب سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ڪاويہ رچنا ڪئي. 'پروس جي پڪار' رهاڻيون راحت پريون سندس ڪاويہ سنگره آهن. اسين ڪيڏا نہ ورق وارايون ٿا، پر ڏٺيءَ جي چاڻ وارو پستڪ ڪين ٿا پڙهون. ڪوي پنهنجي من کي سمجهائيندي اسانکي بہ سکيا ڏئي ٿو :-

ڪيڏا پڙهيئہ ڪتاب، هڪ هڪ ڪري حب مان،
پروس پڙهيئہ نہ باب، راز پريو رازق جو.

سنساري سک دائمي ڪين آهن، اُهي عارضي آهن ڪوي صاحب بيدار

ڪندي سکيا ڏئي ٿو :-

پروس پيڙيءَ پور، سک سيئي سنسار جا
غربت، مان غرور مور نہ رهي من ۾.
ناهي هيءَ تنهنجو ڏيهہ پروس تون پرديس ۾
ستگر ساڻ سنيهہ ڪري مڪتي ماڻ تون

اسانکي اناٿن مسڪينن لاءِ همدردي ۽ پيار هئڻ گهرجي. ڪوي ڏنو انن کي مخاطب ٿيندي اسانکي اٹسڌي طرح سکيا ڏئي ٿو :-

پروس اوڏي پٽ تون، محلين ڪرين قرار،
پر عجب اسرار، اجهو ڏين نہ اناٿ کي.

◆**سوامي بسنترام مهاراج** پريم پرڪاش منڊل جا ودوان بزرگ سنت هئا. هن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن کان گرومنتر وٺي ساڌنا ڪئي. سندن جنم سنہ ١٩٠۴ع ۾ ڪاهي ڳوٺ ۾ شري ليکراج ڦڳٽمل جي گهر ۾ ٿيو. هي سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا پرم شش هئا. هن صاحب پرمپرا انوسار سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ڪاويہ رچنا ڪئي آهي. هي صاحب ڪايا ڪنچن ڪامنيءَ جو ذڪر ڪندي انهن کان دور رهڻ لاءِ آگاه ڪن ٿا :-

مايا ڪايا بادل ڇايا ڪنهن سان نيبهہ ناهہ
ناري ڪاري نانگڻ سمجهي تنهن سان من نہ لاءِ.

سوامي بسنترام مهاراج ساڌڪ کي صلاح ڏيندي چيو :-

بسنت جي مڪتي چاهين، گڻ گوبند جا ڳاءِ،
موهہ متائي گيان برهم جو هردي سان هنڊاءِ.

سوامي بسنترام مهاراج وهنوار ۽ پرمارٿ لاءِ سکيا ڏيندي چيو :-

ڇڏي موهہ ممتا، ڪپٽ ڪوڙ ڪاوڙ،
رکي پريم سڀ سان مٺي ٻولي ٻاٽي.
بسنت ڪر ڀلائي ڀلن ۽ ٻُرن سان،
هتي نام نيڪي ڇڏي وڃ نشاني.

ڪوي صاحب پريم ۽ شرڌا سان دان ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چيو :-

ڌن مان ڪر دان جيئري شرڌا ۽ پريم سان
جيڪي تون پاڻ ڪندين سوئي ساڻ ڪٽندين
ڪللندو تون سرڳ ۾ ويندين ديون جي اُڌار سان
پوڪي جيئن ان وڌي ٿو. ڏيندي تيئن ڌن وڌي ٿو
پريو پرسن ٿئي ٿو دينن جي سار سان.

مسڪينن گهرجائن کي دان ڏيڻ سان پرماتما بہ پرسن ٿئي ٿو. ڪوي بسنترام مهاراج پاپ ڪرم ۽ مانس شراب کان ڪنارو ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چيو :-

ري من مورک! پاپ ڪري ڇو هردم. پنهنجو پيٽ پرين ٿو!
مانس ماڇي کائي ٿو خوش ٿين. دارون پي دل ۾ تہ ٺرين ٿو!

ڪوي صاحب بين اوگڻن کان بہ دور رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

وياج. ٺڳي چوريءَ رشوت سان. ڪپٽ ڪري ڇو دين ڦرين!
لوڀ موهہ ۽ ٻوهہ ڪري ٿو ڪوڙن قسمن کان نہ ڊرين.
بسنت سي ئي ساٿ نہ ڏيندءِ. جن لاءِ ڳٽتين منجهہ ٻرين!
ساڌ سنگت هر ڀڳت ڪري تون. ڀو ساگر مان ڇو نہ ترين!

اسان مان ڪيترا رسن ۾ رڌجهي پنهنجو پاڻ کي بيمار ڪريون ٿا. پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙي هڻون ٿا. ڪوي صاحب اسان کي بيدار ڪري ٿو تہ اُنهن رسن چسڪن مسڪن کان دوُر رهون.

پاڻ ڪهاڙي هٿي پير تي. پاڳل پيو پڇتائي.
ڀوڳ ڀوڳي ڪي روڳ پرائي. ويٺو دوا ڪرائي!
مايا خرچي دارون وٺي ٿو. در در چوٽان کائي.
جوئا ڪري جوئاري جڳ ۾. دربدر ٿي دک پائي.
ڪام اندھ ۾ ڪامي ٿي ٿو. ڪرم ڪڪرم ڪمائي.
ايرشا ڪروڌ اگنيءَ ۾ ڪروڌي پنهنجو جيءُ جلائي.

ڪوي بسنترام مهاراج پريم جو پيغام ڏيندي لکيو :-

پريم بنا ڪو ڪنهنجو ناهي. سڪ سان سيڪو پنهنجو آهي.

سڀ کي پريم پيئار، پريم جو پيالو من کي ماري.
تپت نو اري دل کي ٺاري، ميٺي سنسو سيءُ نو ار.
سو امي بسنترام محبت ۽ ميلاپ جو پيغام ڏيندي اسانکي صلاح ڏئي ٿو :

ملي پاڻ ۾ پريم وڌايو دلڙيون ملايو،
سڀ وير وروڌ ڀلايو دلڙيون ملايو.
پريم ڪرڻ سان ايڪتا ٿئي ٿي،
تنهن مان طاقت پيدا ٿئي ٿي.
ڪري همٿ دشمن کي ڊيايو، دلڙيون ملايو!

◆ سوامي پرمانند صاحب جو جنم شڪارپور سنڌ ۾ شري چوڪسرام جيٺمل جي گهر ٿيو. هي صاحب گهر گرهستي هوندي نام ساڌنا ڪري سنت ٿي پيو. آڌياتمڪ مارگ ۾ اُنتي ڪري سوَن پريمين جي سونهپ ڪيائين. هن صاحب سنڌيءَ ۾ سامي صاحب جي سلوڪن جي طرز تي سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ٻاڻي چئي آهي. اسين سنساري پدارٿن جي پراپتيءَ لاءِ هرڻ وانگر سڪي سڪي ساهه ڏيون ٿا. سوامي پرمانند سجاڳ ڪندي چوي ٿو :-

جڳ ميءُ ساچو رُچ جو پاٽي،
نکي هو هوندو نکي ڏس هاٽي
سو امي جن روپڪن ذريعي سکيائون ڏين ٿا :-
مفت محبت جي مٺائي آ، ڪا سماجهي دل سياڻي
ڪنهن سان مٺو ڳالهائڻ، ڪنهنکي پيار ڏيڻ ۾ ڪو خرچ ڪونهي پر تڏهن به پيار ڏيڻ ۾ ڪنجوسائي ڪريون ٿا :-
لاهي لٿا لوڀ جا موهه کي موڪل ڏي
سو امي پرمانند ساڌڪ کي لوڀ ۽ موهه جو تياڳ ڪرڻ جي سکيا ڏئي ٿو :-
ويساهه وٺ وشو اس ڪر ويرَ ورهين جا نلس ڪر
پنج وڪار انسان جا دشمن آهن.ڪوي اُنهن کي نلس ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

♦ **درويش گوپالداس 'طالب'** سنت بابا نيپراج صاحب جو مريد هو.
هن درويش دهليءَ 'مجنو ڪاٽيلا' آستان پرپا ڪيو. اُتي هن روحاني رنگ
لڳايو. هن صاحب به سنڌيءَ ۾ ڪلام چيو آهي. طالب صاحب سڀ ۾ سائين
کي پسي، اسانکي به ساڳي صلاح ڏئي ٿو :-

طالب سڀ ۾ ساکي چاٽج،
صورت مورت سوئي سڃاڻج.

طالب صاحب سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو :-

خودي ڇڏي کوريءَ ۾ سُن جو مڪان ٺاھ تون
دُئيءَ جو دروازو پڃي، اندر گھارين گھاءِ تون.

شاعر ٻيائيءَ جي پاونا اندر مان ڪيي بسڀ ۾ هڪ ڏٺيءَ جو ديدار ڪرڻ
جي صلاح ڏئي ٿو:-

دُئيءَ جا ڪيڍ تون دل مان داغ،
سڀ ۾ سمجھ هڪ الله.

اسان کي پنهنجي ڪرمن جو حساب ڏٺيءَ در ڏيڻو آهي. هڪ هڪ
سواس جو ليکو ڏيڻو آهي. شاعر بيدار ڪندي صلاح ڏئي ٿو :-

منزل ڪين وسار مسافر اڳتي هل،
مرشد آهي توسان پل پل.
١) گھڙي پلڪ جا رنگ تماشا،
من کي نہ ڏي ڪوڙا دلاسا،
من پنهنجي کي مار - منزل ڪين وسار!
٢) هٿ بہ توکان پڇاڻو ٿيندءِ
دم دم جو ليکو ڏيڻو پوندءِ
وحدت اندر نهار - منزل ڪين وسار!

مرشد ۾ پورو پورو اعتقاد هئڻ گھرجي. هو اسانجا ڏک درد دور ڪندو.

هو رهبر ڪم ڪندو سڀ سؤلا. ڪم ڪندو سڀ سؤلا.
ڏکن جا ڪين ڏينهڙا ايندا. سڀ ٿي لهندا رولا.

♦ **سوامي ڪيولرام صاحب** جو جنم سنہ ١٩٠٦ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ شري پرمانند گوپالداس ڏاسواڻيءَ جي گهر ٿيو. هن سوامي ڪيشوداس مهاراجن جي چرڻن ۾ ويهي آتمڪ گيان پراپت ڪيو. سوامي ڪيولرام جيو کي جاڳرت ڪندي صلاح ڏئي ٿو :-

موج ماڻج تون من ۾، جڳ سپنو ڪوڙو ڄاڻ،
مايا کيل تماشو اٿئي، متان ڦاسين پاڻ.

♦ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو نصيحتائو شعر

پريم پرڪاش منڊل جا برپا ڪندڙ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج مهان گيانوان ودوان ۽ اوچ ڪوٽيءَ جا سنت ڪوي هئا. سندن گادي نشين ستگرو سروانند مهاراج بہ ڪوي هرديہ هئا. هنن پنهنجي ڪاويہ ۾ پنهنجو نالو استعمال نہ ڪري پنهنجي ستگرن سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو نالو استعمال ڪيو آهي. سندن ڪانپورءِ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج گادي نشين ٿيا. پرمپرا کان پرياوت ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج آڌياتمڪ مارگدرشڪ سماج سڌارڪ ڀڳت ڪوي هئا. هنن بہ پنهنجي رچنائن ۾ پنهنجي نالي بدران پنهنجن ستگرن جو نالو ورتو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو جنم رکشا بنڌن جي پوتر ڏينهن ١٥ آگسٽ ١٩٠٧ع ۾ سکر سنڌ جي چڪ ڀوٽ ۾ شري آسودومل ڀوڄا جي گهر ۾ ٿيو. سندن ماتا جو نالو جڳل ٻائي هو. سوامي جن ٻارهن سالن جا هئا تہ کين وڏي ماتا نڪتي، انڪري سندن اکين جي روشني غائب ٿي ويئي. سنت سائين هرچورام صاحب ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ڪرپا سان سندن اندر جون اکيون کليون. ننڍپڻ ۾ ئي کين مهان ويوتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهان گرو روپ ۾ پراپت ٿيا. ٻالڪ سوامي جن آجيون سندن شرڻ ۾ رهيا. اُنهن جي اسيم آسيس ۽ نام ساڌنا سبب هوُ پاڻ سچا سنت ٿي پيا ۽ هزارن لوڪن جي راهہ روشن ڪيائون. سوامي جن سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ڀڳتي ڪاويہ جو سرجن ڪيو. سندن ڪاويہ 'پنجن بهار' ٻن ڀاڱن ۾

سنگرهيت آهي. سوامي جن جي ڀڳتي ڪاويہ ۾ ڪيترائي نصيحت آميز نڪتا ملن ٿا، جي اسانجي وهنوار ۽ پرمارٿ لاءِ راهہ روشن ڪن ٿا.

اهنڪار ۽ هٺ انسان کي ڪرائيندو آهي. خدا جو خوف رکڻ سان اسين پاپ ڪرم کان پري رهنداسين. سوامي جن فرمائين ٿا :-

هل وات هيٺائين واري، جا پرينءَ کي آ پياري
ڊپ سائين جو ڏار، هٺ هئڻ جو هار
ڪر غريبي گذار، جي پسڻ پرينءَ جو چاهين.

ٻي هڪ ٻاچن ۾ سوامي جن صلاح ڏين ٿا :-

ڪنبي ڪنبي ڪڻ پير، من تون ڪنبي ڪڻ پير،
پير پير جو ڪنڊءِ ٻاڃاٽو، مالڪ مهاسمير.
ڪک جي هيٺان لک تہ پيو ٿي، عقلمندن چوڻ اهو ٿي،
هيٺ نهاري هلج سنياري، جئن دکي نا ڪير - من ...

سٺي صحت لاءِ ڪم ڪانا گهٽ کائڻ گهرجي ۽ من جي شانتيءَ لاءِ غم کائڻ گهرجي. ڌڻيءَ جي رضا تي راضي رهڻ سان سک جي پراپتي ٿيندي. سوامي جن بہ اِها صلاح ڏيندي فرمائين ٿا :-

غم کائيندين سک پائيندين، ساجن هن سنسار ۾
غم کائڻ مردانگي، چت چاهيندين سک پائيندين
ٻاٽو ماڃين ڀڳوان جو، جس ڳائيندين سک پائيندين.

ستگرو اگيان جي اوندهہ دور ڪري گيان جو پرڪاش ڏئي ٿو. انڪري گروءَ جي سخت ضرورت آهي. وهنوار لاءِ چاهي پرمارٿ جي پرڪتيءَ لاءِ گرو ضروري آهي.

گر بن ڪنهنکي گيان نہ ٿيندو
گيان بنا اگيان نہ ويندو
اٿي دک جو ٻاڃ اگيان ري....

سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي 'نيت بد روٽي رد، نيت صاف تہ نفعا ئي نفعا.'
سوامي جن پنهنجي رچنا ۾ اها نصيحت ڏين ٿا :-

نيت جن جي آ صفا، هتِ هُتِ ٿين تن کي نفعا
ڪهي ٿيئون درمت چڏي گرمت جو پرڪاش ڪر.

، پياري پرپوءَ کي پرسن ڪرڻ لاءِ سيوا هڪ ساڌن آهي. سيوا بنا مغروري ۽ مٺو ڳوليندي ڪرڻ گهرجي. پين جا عيب کولڻ نہ گهرجن. سوامي جن اها سکيا ڏيندي فرمائن ٿا :-

تڪبر تياڳي سيوا ڪن جي، لوڪ ڳنهي ۾ ڏن ڏن سي،
سيوا ڪندي مٺڙو ڳولن، پلجي ڪنهنجو عيب نہ کولن،
چاهي تن نر ناري ري، مئن واري جاوان....

ٻئي هڪ پاڇن ۾ سوامي جن فرمائن ٿا :-

صاحب کي سرچائڻ خاطر سيوا ساڌن آهي
سيوڪ ٻڻجي سيوا ڪر تون، ڇڏي سوارٿ سارا
سيوا ڪريو سيوا وارا

سوامي جن کي دين دکين پکين پسن لاءِ دل ۾ همدردي هوندي هئي. هوُ اُنهن جي شيوا ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪندا هئا ۽ پاڻ بہ سدائين سڪرت - سيوا جي ڪارين ۾ سڪريہ هوندا هئا. هوُ آئي وئي کي سنمان ڏيندا هئا. هوُ اسانکي اها سکيا ڏيندي چون ٿا :-

مايا وارا مايا مان ڪڇ ديا ڌرم پاچ دان ڪريو
ڀوچن بکين کي کارايو، پاڻي پيئاريو پياسن کي
انگ ڍڪڻ لئہ ڪپڙا ڏيو، آئي جو سنمان ڪيو
چوڻو پکين کي گاهہ پسن کي، کنڊ ماڪوڙين ڪولين کي
ڀوڻن برڇن کي جل ڏيئي ٻن کي سوپياوان ڪيو

سوامي جن دکين جي شيوا ڪرڻ کي اهميت ڏين ٿا :-

ڪر ڪروڙين ڇڏي سيوا جي ڪر ڪار تون،
دين دکين ۽ پسُن پکين ڏياچ هلي آرام.

سوامي جن پاڻ سخاوت جا صاحب هئا. دان پاچ ڪرڻ ۾ درياهہ دل هئا. انکري اسانکي پريرت ڪندي فرمائين ٿا :-

دان بنا ڏن اٿوَ اجايو، ديد بنا جئن نئن ٻئي،
موڏي ٻڻجي لوڪ ڳنهي ۾، پنهنجو نا ايمان ڪيو.

اسين مايا جي چڪر ۾ مالڪ کي وساري ويٺا آهيون. پرماتما اسانکي امولڪ مانش ديهي ڏني آهي، سوين سک ڏنا آهن. اُن سان نينهن جو ناتو ڳنڍڻ گهرجي.

جنهن آ توکي پيدا ڪيڙو تنهنکي تون نہ ڀلاءِ بندا!
چوراسي لک جوڻين اندر مانش جوڻي اُتم اٿي،
سائي جوڻي جنهن تہ ڏني ٿي تنهن سان لنوڙي لاءِ بندا.

سوامي جن ڏينهن جو سنساري وهنوار ڪرڻ ۽ رات جو ڪاجهہ وقت پريوءَ جو چنتن ڪرڻ جي سکيا ڏيندي چون ٿا :-

رات رام سان ڏينهن ڏيهہ سان ائين وقت گذار بندا!
لوڪن سان پل ملاح ڏينهن جو، رات پرينءَ سان گهار بندا!

سوامي جن من کي سمجهائيندي اسانکي اشارو ڪن ٿا :-

چوري چغلي نندي ڪر نا، اوگڻ ڪنهنجو دل تي ڌرنا،
سڀ سان منٺڙي ٻولي ٻولج، پڙدو ڪنهنجو نا تون کولج،
پريوءَ وٽ مان پهچايان، منٺڙا توکي آنءُ سمجهايان.

منش ڪوڙ ڪپٽ جي وهنوار ۾ واليءَ کي وساري ڇڏيو آهي. سوامي جن ساچيت ڪندي صلاح ڏين ٿا :-

من گهڙيءَ گهڙيءَ جپ رام تون، ڇڏ ڪوڙ ڪپٽ جا ڪام تون!
هلي روئيندين انت تمام تون ڇڏ ڪوڙ ڪپٽ جا ڪام تون.

سوامي جن کوٽ ڪندڙن کي آگاهہ ڪندي چون ٿا :-

من کوٽ نہ ڪر تون کوٽا، جم جا سهندين سوٽا،
کوٽ ڪري خوراڪون کائي، پيٽ پرين ٿو ڏوٽا،
ڌرمراءِ هٿ ليکو پڇندو، گهاٽي ۾ ڏئي گهوٽا.

اڄ جو واتاورڻ ڏسي سوامي جن ڪمڙي نہ سهٽي صلاح ڏين ٿا :-

پنهنجو پاڻ پلج، پوءِ ٻئي کي جهلج اي پيارا!
اڄ چوڻ جو وقت ڪنهن ناهي، جو چوندو سو وير پرائي،
تنهن کان ماٺ ڀلي، اِها نيڪ ڳلي عقل وارا.

دنيا ۾ رهندي ڪم ڪريون پر پريوءَ کي نہ وساريون. هٿ هاج ۾ من
لڪ ڏانهن مائل هجي. سوامي جن اها سکيا ڏيندي فرمائين ٿا :-

يلي دنيا جي ڪر ڪار تون پر سائينءَ کي نہ وسار تون،
گهرجي ڪر ڪاڄ، ڪر تون پر جي،
هٿ جي ڪر ڪاڄ، ڪرتون هرجي،
ڪهي ٿيئون جنم سڌار تون.

ست ڪرم ڪرڻ ۾ وير نہ وجهجي
جو ڪاڄ ڪرڻو ٿي هاٿي، رک نہ سڀاڻي تائين
مهل حال جي اٿي امولڪ، وئرٿ متان وڃائين!

جيڪي بنا سوارٿ پين جو يلو ڪن ٿا اُنهن جو ٿنهي لوڪن ۾ جس
ئي ٿو.

پرهت ڪارڻ جيئڻ جنهنجو
لوڪ ۾ جس آ تنهنجو
جنهن ۾ ترنا پر اُپڪار آ، تنهن جو جيئڻ ئي بيڪار آ

جيڪي صبوح جو سويل سجاڳ ٿين ٿا تن جو نصيب کلي ٿو،
نڪري سوامي جن صلاح ڏين ٿا :-

امرت ويلي جاڳ جاڳ پيارا!
جاڳڻ سان ئي کلندو ڀاڳ پيارا!

---- ---- ----

امرت ويلي امرت جهڙي ٻاٽي ٻول تون،
امرت ٻاٽي ٻولي پنهنجي قسمت کول تون.

سنتن جي سنگ ۾ تن من سڌري ٿو ۽ ڪسنگ ۾ من اُڏري ٿو. سوامي
جن انڪري صلاح ڏين ٿا :-

ساڌ سنگت ۾ تن من سُڌري، ڪاري ٿو ڪسنگ منهنجا من.

ڪيترائي شاخص نہ سو اسن جو قدر ڪن ٿا نہ مايا جو سداُپيوگ ڪن
ٿا. اهڙن شاخصن کي آگاهہ ڪندي سوامي جن فرمائين ٿا :-

من سوچ تون ڪاجهہ لوچ تون، ويٺي ويندءِ ڪوهہ ڪٽي!
ڪهي ٽيئون چڏ آرس پائي، همٿ رکي ڪر نيڪ ڪمائي.
پاڻ بہ توسان ڪري ڀلائي، پوندين سورن ڪان بہ ڇٽي.

هر پراڻيءَ ۾ پرماتما وياپڪ آهي انڪري اندر مان ڪروڌ، ايرکا ڪيي
سين سان منٺو ٻوليو :-

گهٽ گهٽ اندر گوبند چاٽي، ٻولي منٺي ٻول تون،
ڪي منهن مان اڪر نہ خام، تنهن ۾ تنهنجو آ ڀلو.

سائينءَ سوين سک ڏنا آهن، پر جيڪڏهن ڪو دک ملي ٿو تہ دانهون
نہ ڪيون.

شڪر شڪر ڪر ڏاٽيءَ جي دئاري
شڪر سان صبر ڪي رکاج هردي ڏاري.

ڪرم انوسار ڦل جي پراپتي ٿئي ٿي. ست ڪرم ڪرڻ سان سک
جي ۽ ڪڪرم ڪرڻ سان اُنجو نتيجو دک ڀوڳڻو پوي ٿو. ڏاٽيءَ جي در
حساب ڏيڻو آهي.

ڪندين ڪرم جهڙو، ملي ڦل بہ تهڙو،
ليکو پاپ پڃ جو، اُتي تون پرينديں.

اسين پاڻ ڪي دائمي سماجهي ڪيڏو نہ وستار ۽ اهنڪار ڪيون ٿا.
سوامي جن ساچيت ڪندي آگاه ڪن ٿا :-

ڏينهن چار تون، هت يار تون ايڏو ڇو اهنڪار ڪرين!
ڪال وڏي مڪ آهي هستي، سڀ جي لاهي ڪنهن ڏينهن مستي،
تنهنجي پي ٿي اڳتي بستي، وئرٿ ڇو وستار ڪرين!

دان پڃ ۽ ڌارمڪ ڪرم ڪرڻ ۾ ويرم نہ وجهجي، سوامي جن سکيا
ڏيندي چون ٿا :-

ڌرم ڪرڻ ۾ ڪر نا دير، جي چاهين ڪلياڻ تون پنهنجو
هڪڙو پل پي دير نہ لائج، ڦرني سان گڏ پٽيہ ڪمائج
ترت دان مها پڃ، جي چاهين ڪلياڻ تون پنهنجو.

اچ ڪلمہ ڪنهنکي بہ سچ چوڻ نٿو وڻي، مرچ لڳن ٿا. انکري سوامي جن ماٺ ۾ رهڻ جي سکيا ڏين ٿا :-

ماٺ ڪري هت وقت گذار، ڳُجهہ ڳُجهہ ڪنهن سان ڪين پياري،
جي ٿو سچ چوان مان ڪنهنکي، لڳي باهہ ٿي تن ۾ تنهنکي،
بيحد جڳت ڪري بيزار، ماٺ ڪر هت وقت گذار.

سوامي جن هڪ ٻئي سلوڪ ۾ پنهنجي سکيائون ڏين ٿا :-

منڙا منهنجا جاڳ تون، ڪر تون سچ جي ڪار،
سيل صبر سنتوش کي، دل جي اندر ڌار،
گرمنتر جي مام سان، من مورک کي مار،
تہ تنهنجي ٿئي جئڪار، ٽيئون لوڪ ٽنهي ۾.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ڪاويہ ۾ ڪيترائي نصيحت روپي گوهر آهن.

◆ **شاعر محمد بخش 'ڪوجهي' صاحب** سنہ ١٨٩١ع ۾ شڪارپور سنڌ ۾ شيخ الاهي بخش جي اڱڻ کي آباد ڪيو. هي ننڍپڻ کان ئي تيز فهم پڙهڻ ۾ هوشيار هو. هن ايل.ايل.بي. پاس ڪري لا ڪاليج ۾ داخلا ورتي. هوُ لا ڪاليج ۾ ٻيو سال پڙهي رهيو هو جو سندس والد وفات ڪئي. ڪٽنب جي پرورش لاءِ هن پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي وڃي سرڪاري نوڪري ڪئي. هي صاحب پنهنجي قابليت ۽ علميت سبب پهرين مئجسٽريٽ ۽ پوءِ ڪليڪٽر ٿيو. هي درويش دل خدا ترس شخص هو. هن سچل سائين جي سجاده نشين سخي قبول محمد مان روحاني فيض حاصل ڪيو. هي صاحب سچل سائين جي درگاهہ جو عقيدتمند مريد هو. هن مرشد سچل سرمست جي نالي 'سچل لا ڪاليج' برپا ڪيو. هن صاحب سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ڪلام چيو آهي. هي صاحب روحاني رنگ ۾ رنگيل هو. هن صاحب پنهنجي ڪلام ذريعي ڪي نصيحتون ڏنيون آهن. جن کي دلبر جي ديدار جي چاهنا آهي تن کي اڌ رات جو اُٿي رب کي ريجهائڻ گ

هرجي. پنهنجي اندر مان ٻيائي ۽ ٻين غلط خيالن جو ڪچرو ڪيي اندر صاف ڪرڻ گهرجي. اندر صاف ٿيندو ته دل ۾ دلبر جو واس ٿيندو.

اُٿي جاڳ عاشق سڄڻ ٿو سنياري،
سمهڻ تو نه لائق پرين ٿو پڪاري.
نه ڪر دير دم ٻيي اول گهر صفا ڪر،
سڄو غير ٻوهر ڪيي چڏ ٻوهاري.
اُٿي تون آڌيءَ جو سهٽل ڪاڻ ڪوجهي،
انهيءَ پر اوجاڳو سدائين سنواري.

◆ شري ٿارومل ٻجاج صاحب جو جنم ١٩٠٨ع آٻاوڙي سنڌ ۾ شري تلسيداس ٻجاج جي گهر ۾ ٿيو. سنڌ ۾ هن ماستري ڪئي. پونا ۾ رهندي هن ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ دادا جشن واسواڻيءَ مان روحاني فيض حاصل ڪيو. هي صاحب سامي صاحب جي سلوڪن جي طرز تي سنڌيءَ ۾ سلوڪ لکيا. هي صاحب بيدار ڪندي ستسنگ جي صلاح ڏئي ٿو :-

بندا جلد ٿي سڄاڳ، جو اڻڌو ٿيو آهين انڌ ۾
انهيءَ مايا موهڻي جي وس ڦاٿو آهين وشين گند ۾
رستو پريوءَ جو ڀلجي ڦاٿو آهين تون ڦند ۾
داس ٿارو لاڙو رکه ستسنگ ۾، جتان ملئي سوجهرو

◆ ماسٽر چندر صاحب جو جنم سنه ١٩٠٩ع گيتا جينتيءَ ڏينهن ٿاروشاه سنڌ ۾ شري آسنداس دانيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هن گاين وديا جي ساڌنا ڪئي. سندس ڪنٺ ۾ سرسوتيءَ جو واسو هو. سائين ڪين متر آواز ڏنو. گرو گلراج صاحب کان گرمنتر ورتائين. هي صاحب ٻين درويشن جي به صحبت ۾ رهيو. سندس سوز ڀري سُر تي هزارين ماڻهو اڪن چڪن هئا. هي صاحب نه صرف سٺو گاڀڪ هو پر ڪيس شاعراڻي دل به هئي. سندس ڪلام ۾ موسيقي ۽ ميٺاج آهي. سندس عاشقاڻه ڪلام اڄ به هزارن جي لبن

ني آهي. سندس سپتر گوپ چندر ۽ مهيش چندر اڄ بہ ديش وديش ۾ ماستر
چندر صاحب جي يادگيري تازي رکي ويٺا آهن. ماستر چندر دنيا جي بي
اثباتيءَ جو ذڪر ڪندي بيدار ڪري ٿو :-

دل ڪنهن سان نہ جڳ ۾ اٽڪايو،
متان پيار ڪري پوءِ پڇتايو.
گل لاٿي صبح گلزاي آ،
ٿيندي شام تہ گل جي تياري آ.
ڏينهن چار چمن ۾ بهاري آ، جڏن آئي خزان گل مرجهايو!

دنيا جي بي اثباتي بيان ڪندي شاعر بيدار ڪري ٿو :-

باغن ۾ بهاري ۽ خوشبوءَ آ صفا
بنگلن ۾ نهاريان ٿو تہ بنگلا بہ بي بقا!
ماڻهو بہ سڀ ٿا ڏسجن سر ڪان اصل خفا،
هر چيز بي بقا تہ پوءِ ايندي ڪٿان وفا!

--- ---- ----

دل ئي نئي لڳي هن ڪوڙي جهان ۾،
ڪوڙو وکر رکيل آهي ڪوڙي دڪان ۾.
بنگلا وسايا جن اُهي بنگلا بہ ويا ڇڏي!
ڪهڙو مزو پوءِ ايندو اعليٰ مڪان ۾.

شاعر چندر صاحب مٿين مصرائن ۾ سکيا ڏني آهي تہ اسين دنيا ۽ دنيوي
بيدارٿن ۾ موهہ نہ رکون، اُنهن جي حاصلات لاءِ ڪُڪرم نہ ڪيون.

ماستر چندر جي دل ۾ مسڪينن لاءِ محبت ۽ همدردي هئي. هن حاڪمن
۽ زردارن کي للڪاريندي سکيا ڏني :-

غريبن جي گهر کي نہ ديوار در آ،
زمين فرش ۽ ڇت عرش نيلو امبر آ.
جهنگلن جهوپڙين ۾ جنين جو گذر آ،
تڏهن بي زبان تي شڪر ئي شڪر آ.
لڙي ڪا ڪهڙي وڃ وٽن ملڪ والي،
او! زردار تن سان ٿيءُ حالي موالي!

اسين سنسار ۾ نام جو واپار ڪرڻ، ست ڪرمن جو سودو ڪرڻ آيا آهيون، دنيا جي پرپنچ ۾ اسين ڪچ جوواپار ڪريون ٿا، پرماتما جي سودي جو ڪو ورلي واپاري آهي. ماسٽر چندر صاحب بيدار ڪندي چوي ٿو :-

ڪوڙي شان جي خاطر ڪيئي ڪوڙ ڪمائن ٿا،
بازي جيتڻ لاءِ بهانا هنر هلائن ٿا.
'چندر' تنهن جيتي بازي، جنهن جيتي ئي هاري،
سائينءَ جي سودي جو آ ڪو ورلو واپاري.

شاعر متين مصرائن ۾ بندگي ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

ماسٽر چندر شاستر پڙهڻ کان وڌيڪ مهتوَ شرڌا ۽ وشواس کي ڏنو آهي. ٻاهرين علمن کان وڌيڪ ملهائتو آهي آتما جو گيان.

وشواس ۽ شرڌا رکڻ شاستر پڙهڻ کان قيمتي
هڪ آتما جو گيان آ، علمن سکڻ کان قيمتي

شاعر ڪامني ڪنچن جي آسڪتي ڇڏڻ جي صلاح ڏيندي چيو :-

ڪاجهه خبر ناهي تہ سڏ ٿيندو سرڪار جو،
موهہ ڇو مورک رکين ٿو مال ۽ زال ۾!

انسان ڪيڏا قلعا اڏي ٿو، شاعر بيدار ڪندي لکيو :-

ڇا سمجهي ٿو تہ تون نئي دنيا ڪا اڏيندين!
آخر تہ ادا تون بہ زماني مان لڏيندين!

◆ **ڪوي هوندراج 'دکايل' صاحب** سنڌين جو راشٽريہ ڪوي هو. سندس جنم لاڙڪاڻي سنڌ ۾ ١٦ جنوري سنہ ١٩١٠ع ۾ شري ليلارام ماڻڪ جي گهر ۾ ٿيو. ١٣ سالن جي عمر ۾ سندس رچيل گيت 'ڪرشن ٻاجناولي' سنہ ١٩٢٣ع ۾ پرڪاشت ٿيو. اُن بعد سنہ ١٩٢٦ع ۾ سندس آريہ ٻاجناولي ڇپجي ظاهر ٿيو. سائين ڪشنچند بيوس شري دکايل جي شعروشاعريءَ ۾ سونهپ ڪئي. هن جوانيءَ ۾ ئي ديش جي آزادي آندولن

۾ ڀاڱ وٺڻ شروع ڪيو. هي صاحب مهاتما گانڌيءَ جي ويچار ڌارا کان
پرڀاوت ٿيو. هي صاحب سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهر ۾ پنهنجي قومي گيتن
ذريعي عوام ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا جو سنچار ڪندو هو. سندس انقلابي
۽ قومي ويچار ڌارا سبب ڪيس جيل جي ياترا ڪرڻي پئي. هي نشڪام
نشٺاوان نبر ديش ڀڳت هو ته ايشور ڀڳت به هو. سندس ڪنٺ ۾ سرسوتيءَ
جو واسو هو. هوءُ پاڻ گيتڪار به هو ته بلند آواز وارو گايڪ به هو. ديش
جي ورهاڱي سبب هي ڀارت ۾ آيو. گانڌيڌام آدي پور اڏڻ ۾ به سندس يوڳ
دان رهيو. هوُ ڪيترا سال سنت ونوبا ڀاوي سان گڏ ڀودان آندولن ۾ سڪريه
رهيو. هي صاحب سادگي سيوا ستيه سنيهه سهانيوتيءَ جي ساکيات صورت
هو. 'سنگيتانجلي' ۾ سندس گهڻو ڪلام سنگره ٿيل آهي. ان بعد پيا ڪاويه
پستڪ به شايع ٿيا.

'وڻ ڪهاڙو' دادا دکايل صاحب جو شاهڪار نظم آهي، جنهن ۾ هن
ديش جي آزاديءَ لاءِ ايڪتا ۾ رهڻ جي نصيحت ڏني آهي. نظم جو پويون
مصرائون پيش آهن :-

وڻ مٺي هن ملڪ جي آزادگي چاٽي سدا،
ٻن غلاميءَ جي ڪهاڙي جو ته ٿيو ٻاحري خدا.
هيءَ نصيحت ناهه ليڪن دل دکايل جي پڪار،
جا ڪندي غافل وطن وارن کي جاڳائي هوشيار.

راشٽريه ڪوي دکايل صاحب 'ليلا مجنون' نظم ذريعي به ملڪي محبت جي
نصيحت ڏني آهي. ان نظم جون پويون مصرائون پيش
آهن :-

ڪُتيءَ جي ڪٽوري جا مجنون گهڻا،
مگر رت ڏيڻ وارا ڪي ڪي ڪٺا.
فدا سر جي آزادي لعليٰ تان ڪن،
وعن کان مٿي نه ڪاجهه به وانجهي رکن.
دکايل اُهي ديش جا گهڻگهرا،

پرن جي گهڙا ملڪ ۽ قوم جا.

ڪوي جڳت جي نشورتا بيان ڪندي اناسڪت ٿي رهڻ جي صلاح
ڏئي ٿو :-

هي سڀ ڪوڙو ناٽ ادمبر ڪوڙو ڪُل ايمان،
ڪوڙو راجا پرجا ڪوڙي، ڪوڙو ستا جو مان.
ايڪو سچ رکو پرماتما، ساکي ساک ڀري،
هڪ پرماتما ئي ست آهي، اُن سان نينهن لڳائڻ گهرجي.

روحاني راهه جي راهگير کي ٻاهر ڀٽڪڻ جي ضرورت ڪين آهي.
ڪوي دڪايل صاحب کيس صلاح ڏئي ٿو :-

اندر کوج ڪري لهه لعلڻ، اندر کوج ڪري،
دل جي درپن ۾ ڪر درسن، ساڌڪ ڌيان ڌري.

مڪتيءَ جي پراپتيءَ لاءِ ڪوي ساڌڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

مڪت جي چاهين ته ڇڏ وک سم وشيءَ ۽ واسنا،
سانت، ڌيرج ۽ کميا جي ساڌ پوري ساڌنا.
اي دڪايل پنهنجي سوروپ جو هڪ ڌيان ڌر،

هڪ انسان پاڻ کي ٻي انسان کان الڳ سمجهي رهيو آهي. انڪري
اشانتي آهي. خالق ئي مخلوق خلقي آهي. اسان اجايو جدائي پيدا ڪري
رهيا آهيون :-

خالق هڪڙو خلق جو جنهن خلقي خُدائي
تنهنجي منهنجي پاڻ ۾ آ عبث جُدائي.

ڪوي دڪايل شرابيءَ کي شراب کان دور رهڻ جي صلاح ڏيندي چئو :-

ڪر پري اهڙو دڪايل، شوق شيطاني شراب،
هر ڌرم مذهب وجهي لعنت ٿو، جنهن تي بي حساب!

پورهئي سان پيار ڪرڻ گهرجي، محنت ڪرڻ کان ڪيٻائڻ نه گ
هرجي. محنت ڪرڻ سان ئي سک جي پراپتي ٿيندي. ڪوي دڪايل صاحب
صلاح ڏئي ٿو :-

ڪر نہ ڪنهن پورهئيءَ کان هرگز عار تون،

سماجهہ محنت کي سکن جو سار تون.

اسين ماضيءَ کي ياد ڪري اجايو وقت وڃايون ٿا. زمان حال ۾ هوشيار ٿي اُجڙ دل کي آباد ڪريون :-

جا گهڙي گذري نہ تنهنکي ياد ڪر،

حال لوچي دل اُجڙ آباد ڪر.

پريم کان سواءِ زندگي بوجهہ آهي. انڪري ڪوي دکايل پيار جو پيغام ڏيندي چيو :-

پيار ڌاران زندگي جنڻ بار آهہ!

خوش حياتي آهہ پر جي پيار آهہ.

ملڪ ۾ ڪيڏي نہ مفلسي آهي! ڪيترائي پيٽ بکايل سمهي پون ٿا. ڪوي زميندارن، ڌنوانن کي للڪاريندي صلاح ڏئي ٿو تہ ان ڌن ورهايو، دکين جي سار لهو.

اڄ غريبن کي 'دکايل' آهہ چنتا پيٽ جي،

ڪين ڪوٺين ۾ ڪري ڪو ان جا انبار باند!

علم جي اهميت ٻڌائيندي ڪوي علم جي حاصلات جي تاڪيد ڪندي چيو :-

شوق جي ڏاڪڻ تي چڙهي ٻار علم جو شمعدان!

تہ وري تنهنجو شان اڳي کان اڳرو ٿئي.

ٻين جي ڀلائي ڪندي زندگي قربان ڪر، جيڪي سنگدل شخص آهن اُنهن ۾ ديا جو سنچار ڪيو.

دنيا جي ڀلي لئہ حياتي فنا ڪر،

هنئين ۾ پٿر جي تون پيدا ديا ڪر.

ڪوي دکايل ڀارتيہ سنسڪرتي سيتا کي سُرڪشت رکڻ ۽ اخلاق سڌارڻ جي صلاح ڏيندي چيو :-

ڀارت جي پراچين سيتا نہ وساريو! اخلاق سڌاريو!

بگڙيل جا صدين کان سا وري ڪار سنواريو! اخلاق سڌاريو!

اسين هن سنسار ۾ ستڪرمن جو وکر خريد ڪرڻ آيا آهيون. اسين پنهنجو امولهہ وقت ۽ پئسو عيشن ۾ اُڏايون ٿا. رات ننبون ڪرڻ ۾ ۽ ڏينهن جو دنيوي رونشا ڏسڻ ۾ پورا آهيون. ڪوي بيدار ڪندي صلاح ڏئي ٿو :-

وقت وڃائين ٿو عيشن ۾
رات سمهڻ ۾ ڏينهن رونشن ۾
ڪڏهن دکايل سوچ من ۾
ڪاڄهہ اُت وڻاجارا وکر وهاءِ!

دنيا جي بي اثباتي بيان ڪندي ڪوي دکايل اسانکي بيدار ڪري ٿو :-

کهنبو چٽڪو جوين جو اني
دنيا فاني ڇڏ ناداني!
غافل غرق ڪندءِ غلطاني،
نت نہ باغ، بهار مسافر!

---- ---- ----

ڪهڙي ڪل ڇا ٿيندو هاٺي!
ويهہ نہ غافل چادر تاڻي،
ڇا لئہ ٿئين ديوانو؟
هي سنسار مسافر خانو!

ڪوي دکايل ڏنو انن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو :-

هزارين لوڪ بکايل رهن ٿا. اوهان اُنهن مسڪينن محتاجن لاءِ ڌن دولت دان ڪريو. اوهان جي پين جو يلو ڪندا تہ پرماتما اوهانجو يلو ڪندو.

ڪاڄهہ ڏيو! ڪاڄهہ ڏيو! ڏيندڙ جو يلو ٿيندو.
۱) او شاهي محلن وارا، ڌن دولت جا متوارا!
ٿا واجهہ وجهن وياچارا! همدرد ۽ همدم ٿيو،
ڪاڄهہ ڏيو! ڪاڄهہ ڏيو!

ٻي هڪ گيت ۾ ڪوي هوندوارن کي صلاح ڏيندي اسانکي بيدار ڪندي چوي ٿو :-

ڪاڄ هوند مان بندا ڪر،
ڪنهن خالي هٿ ڪي پر!
۱) تون جن لئه ٿو مايا ميڙين،
سنگ نه هلندءِ سيئي،
مُئي پڇاڻان ساڙي ايندءِ.
ڏک پڇاڙيءَ جو ڏيئي!
ڪاڄ هوند مان بندا ڪر.

ٻي هڪ گيت ۾ ڪوي دڪايل صاحب خوغرضيءَ ڇڏي پرمارٿ واري زندگيءَ گذارڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

پرمارٿ جو جيون گهاري،
ڇڏ سوارٿ جي ريت وساري.
خودغرضيءَ خواهشن جي گولي!
دل حيران نه ڪر،
جوٺو گمان نه ڪر.

◆ **پروفيسر رام پنجواڻي صاحب** جو جنم لاڙڪاڻي سنڌ ۾ ۲۰ نومبر سنه ۱۹۱۱ع ۾ شري پرتاب راءِ پنجواڻيءَ جي گهر ٿيو. هي صاحب سنڌين جو سانسڪرتڪ ايلچي هو. هن ديش وديش جي جدا جدا شهرن ۾ سنڌيت جو پرچار ڪندي سنڌ جي اوتار امر اُڏيرولعل جهوليعل جو جهنڊو جهولايو. سنڌ ۾ پوءِ هت هند ۾ جئه هند ڪاليج ممبئيءَ ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ٿي سوَن شاگردن جي سونهپ ڪئي. هي صاحب فصيح زبان پنهنجي مٺڙ آواز دواران متاثر ڪندو هو. هن صاحب سنڌي ساهتيه جا گ هڙا پريا. ممبئيءَ ۾ برپا ٿيل سيتا سنڌو ڀون سندس امر يادگار ٿي رهندو. هن سرسوتي سپتر ڪي ڪيتري سنڌيءَ اُردو شاعري ڪنٺ هئي. هي صاحب ڳائيندو هو ته ٻڌندڙ منترمگڌ ٿي ويندا هئا. 'انوکا آزمودا' ڪهاڻي سنگره تي ساهتيه اڪادمي ڪيس پنج هزار روپيا انعام عطا ڪيو. سنڌ ۾

سائين ڪشنچند بيوس شاعريءَ ۾ سندس سونهپ ڪئي. هي صاحب محفل جو مور هو. هن سنڌيءَ ۾ ڪجهہ گيت شعر لکيا آهن.

ڌرم ۽ مذهب جي نالي ڪيڏا راڳا ٿين ٿا! جڏهن سڀ هڪ ۽ حق آهي تہ جهڳڙا جنگيون ڇا لاءِ! اٽسٽيءَ طرح شاعر امن قائم ڪرڻ جي نصيحت ڏئي ٿو.

وجن ٿا مختلف مذهب، حقيقت ۾ ملي هڪ ٿي
جڏهن هڪ رام رحمان ٿيو، تہ پوءِ تڪرار سان مطلب!

پروفيسر رام پنجواڻي آستڪ هو. ڌڻيءَ ۾ سندس پورو اعتقاد هو. هي صاحب هيٺ ڏنل مصرائن ذريعي نصيحت ڏئي ٿو تہ جيڪي کپي اُن ڌڻيءَ کان گهرون. سنساري ماڻهن کان گهرڻ واجب نہ آهي.

پنن خود جي نہ پڻ تن کان، صدا داور جي در تي ڪر
ڇڏي ڏي بندگي بندن جي، رک داتار سان مطلب.

◆ **محمد جمن صاحب** ٢٢ فيبروري سنہ ١٩١١ع ۾ ٺٽي سنڌ ۾ احمد هالو جي اکڻ کي آباد ڪيو. هن صاحب سنڌيءَ ۾ ڪلام چيو آهي. هي صاحب سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

دل جو دلبر دل ۾ آهي ڏور وڃين ڇو ڏورين ٿو،
سوين ڏين ٿو سجدا ليڪن ميل نہ من جو سورين ٿو.

هي صاحب اميرن تي چوهہ چنبڻيندي کين صلاح ڏئي ٿو تہ دکين مسڪينن جي سار لهو. سندن خذمت ۾ تن سڦلو ڪريو تہ توهان کي برڪت پوندي.

نہ ويهي ٿي نانگ ناڻي تي نہ وٺ تون ڪم ڪنجوسيءَ کان،
لهو ساروِن سيالن جون، پوي برڪت ڪمائيءَ ۾.

جُمن صاحب جي دل ۾ مسڪينن لاءِ ڪيڏي نہ محبت ۽ همدردي هئي. اُن جو اظهار ڪندي شاعر اسانکي صلاح ڏئي ٿو :-

اميرن جي در جو نہ ٿي تون سلامي،

غريبن سان ڪا غم گساري ڪري وٺ.

وطن دوستيءَ جي صلاح ڏيندي جُمن صاحب چيو :-

مر وطن لئہ جيءُ وطن لئہ تون وطن جو شان رک،

مادر وطن مٿان لٽائي زر و مال ڇڏ!

شاعر اديبن کي قوميت جو پيغام ڏيندي صلاح ڏئي ٿو :-

دوستو! افسانا هاڻي گل ۽ بلبل جا ڇڏي،

قوم کي قومي ادب سان ئي سجائيندا هلو.

جُمن صاحب پنهنجي آزمودي مان صلاح ڏئي ٿو تہ ڪنهن سان بہ دل جو حال نہ اوريو. ڪڏهن دوست بہ دشمن ٿيو وڃن.

دشمني دوستيءَ مان ٿئي پيدا،

تون ڪنهن سان دل جو حال نہ ڪر!

♦ شاعر پرسرام 'ضيا' صاحب جو جنم سنہ ١٩١١ع ۾ ٺٽي دم سنڌ ۾ شري ميرانند سچانندانيءَ جي گهر ٿيو. سنڌ ۾ هن ڪمپازيٽري ڪندي شعروَشاعري ڪئي. سندس 'تصوير احساس' ڪاويہ سنگره تي سنڌ سرڪار انعام عطا ڪيو. سائين ضيا صاحب هڪ پڪو پختو شاعر هو. يش جي ورهاڱي بعد هوُ صاحب ڪلياڻ ڪئمپ - ٣ ۾ اچي رهيو. هن عتي 'سو ٽائي جا سوئا' ۽ 'سپاهيءَ جا سخن' سري سان ڪيترائي طنزي گ يت لکيا. هي خدا ترس هردل عزيز شاعر هو. سائين ڊاڪٽر روچلداس جي سنگ ۾ ڪيس روحاني رنگ لڳو. هن صاحب جي شعر ۾ سلاست ۽ فصاحت ۽ جدت هئي. هن صاحب شري سکمني صاحب، شريمد ڀڳوت گيتا، نائين محلين جي سلوڪن جو سنڌي ڪاويہ ۾ ترجمو ڪيو ۽ ساڳي وقت زندگيءَ سان و ابستہ وشين تي قلم هلايو. پڇاڙيءَ جو ڪي سال هن صاحب ماستري ڪندي وديارٿين جي سونهپ ڪئي. هن شاعر ڪيترن نئين ٿهيءَ جو شاعرن جي فراخ دليءَ سان سونهپ ڪئي. ضيا صاحب جا بہ ڪي نصيحت آميز شعر ملن ٿا. شاعر پر اُپڪار جي نصيحت ڏيندي چيو :-

جي جيئڻ چاهين جڳت ۾ جيءُ ٻين جي واسطي،
باغ ۾ جيئن ٿي رهي بلبل چمن جي واسطي.

شاعر ضيا صاحب 'خلق جي خذمت' نظم ۾ نيڪ ڪمن ڪرڻ ۽ ٻين جي خذمت ڪرڻ جي نصيحت ڏني آهي. شاعر اٽل ارادي ۽ همت رکڻ جي تاڪيد ڪندي چيو :-

ارادو اٽل ۽ عمل جنهنجو اٽر،
اُهي مقدر جا مالڪ ٿين ٿا.
رکيو آهه جن پنهنجي همت تي وشواس،
اُنهن جا 'ضيا' پار ٻيڙا لڳن ٿا.

محڪم ارادي ۽ همت سان انسان پنهنجو بخت بالا ڪري سگهي ٿو.
ڪنهن به ڪيتر ۾ سڦلتا حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ گهرجي، پنهنجو پرشارٿ پريشرم ڪرڻ گهرجي، ٻين تي ياڙڻ نه گهرجي.

نه هرگز آسرو دنيا ۾ دنيا تي رکڻ گهرجي،
زماني ۾ هميشه پنهنجي پيرن تي بيهڻ گهرجي.
نه هرگز ياڙ قسمت تي عمل ڪر پاڻ سان شامل،
اُدم جي زور سان تقدير جو صاحب ٿيڻ گهرجي.
تون خود شهباز آهين، پاڻ کي شهباز ثابت ڪر،
پکيڙي کنڀ همت جا متائين تي اڏڻ گهرجي.

شاعر ضيا صاحب سودخورن کي مخاطب ٿيندي نصيحت ڏئي ٿو ته ڏٽيءَ جي در حساب ڏيڻو پوندو.

چوسي خون غريبن جو تون ٿلهو متارو ٿين ٿو،
مور به پنهنجو ڪرين ٿو پورو ته به تون وياج وٺين ٿو،
رقم ڏهوڻي ڏيڻي پوندءِ مهل تي او متوارا!

شاعر ضيا صاحب واپارين تي چوٽ هڻندي آگاهه ڪري ٿو ته ڪوڙ

ڪپٽ حرص کان ڪنارو ڪريو :-

ڪوڙ ڪپٽ ۽ حرص حوص جا وينو هٿ هلائين!
ڪوڙا قسم کڻي ٿو هر هر ماڻهن کي پنيلائين،
چار ڏهاڙا هي پنيلائڻ، پوءِ اٿي ڪک ڪارا
او وڻجارا! او واپاري!

موت جو ڊپ پاپ ڪرم ڪرڻ کان بچائي ٿو ۽ ست ڪرم ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪري ٿو. شاعر ضيا صاحب انڪري موت جو خوف رکڻ لاءِ خبردار ڪري ٿو :-

نيڪ سيرت نيڪ خصلت ٿو بڻائي خوف موت.
آدميءَ کي ٿو براين کان بچائي خوف موت.
ماڻهپي جو انگ ماڻهوءَ ۾ وڌائي خوف موت.

ضيا صاحب 'ساجن سجني' خط ۾ نراس نااُميد ساجن کي سجنيءَ جي زبانيءَ ۾ نئون اُتساهه اُمنگ پري ٿو ۽ اٽسڌي طرح اسان کي نصيحت ملي ٿي ته زندگيءَ جي شاهه راهه تي هلندي مختلف حالتون ڏسي نراس ٿيڻ نه گهرجي.

جو همٿ ٿو هاري سو بازي ٿو هاري،
جو روئي ٿو اُن کي ٿي دنيا روئاري.
ڊڄڻ واري کي ئي مصيبت ٿي ماري،
سيئي سور اُن جي پون ٿا بناري.
ٿئي ٿو جيئڻ اُن جو دشوار ساجن!
نه گهبراءِ ساجن! نه دل هار ساجن!

روحاني راهه جي راهگير کي جڳت ۾ اناسڪت ڀاوَ سان رهڻ گهرجي. اسين سڀ ياتري آهيون. ياتري ٿي مسافرخاني يا مسافرخاني جي مال اسباب ۾ موهه رکڻ واجب ڪين آهي. شاعر 'تون سيلاني مان سيلاني' گيت ۾ اناسڪت رهڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :-

تون سيلاني مان سيلاني

اگر ديس کان آيا آهيون.

سير ڪرڻ سبحاني!

١) پنهنجو ۽ نہ پرائو ڪوئي،

چڱو لڱو يا لائو ڪوئي،

اسين مسافر فرق رکون ڇو - ڪريون ڇو ناحق ناداني.

اڄ ڪلهہ نوڪري يا ڪنهن مجبوريءَ سبب ماتائون پنهنجي معصوم ٻارن کي آيائن بلي ڪن ٿيون. ٻار پنهنجي ماءُ جي لوليءَ کان وانجهي وڃن ٿا. ماءُ جي لوليءَ جو ٻار تي وڏو اثر ٿئي ٿو.

ڪيترا ڪن ٻار آيائن بلي

ماءُ جي لولي نہ تن کي ٿي ملي.

ماءُ جي لوليءَ دوران ٻار کي سٺا سنسڪار ملن ٿا. ماتائن جو فرض آ تہ پنهنجي ٻار کي لولي ڏين.

◆ **پروفيسر ڪلياڻ اڏواڻي صاحب** جوجنم سنہ ١٩١١ع ۾ حيدآباد سنڌ ۾ شري بولچند آڏواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هي صاحب سنڌي فارسي ۽ انگريزيءَ جو عالم هو. هي خداترس رڇ مڙس عاقل عالم هو. هي صاحب جئہ هند ڪاليج ممبئيءَ ۾ پروفيسر ٿي رهيو ۽ سوَن شاگردن جي رهنمائي ڪئي. 'شاهہ جي رسالي' تي کيس ساهتيہ اڪادمي انعام عطا ڪيو. هي صاحب پڪو پختو نثرنويس هو. هن ڪوي ڪاليداس جو جڳ پرسڌ ناٽڪ 'شڪنتلا' سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

رازو نياز سندس شاعريءَ جي تخليق آهي. رازو و نياز ۾ پروفيسر آڏواڻي صاحب جي فيلسوفاڻہ خيال بہ ظاهر ڪيا آهن تہ ڪي نصيحت آميز شعر بہ آهن. شاعر دنيا جي بي اثباتيءَ جو بيان ۽ پڇتاءُ ڪندي اٽسڌي طرح صلاح ڏني آهي.

درخت جي ڇايا، ڇون ٿا سنسار کي،

اسان اڄايا، ڇو سٺا عذاب اُس جا!

جيوت جو شباب هاٿي مون پروڙيو،

تہ آهي هڪ حباب، جڻ ڪنهن عارضي موج تي.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي عبادت کان وڌيڪ اهميت صداقت کي ڏني آهي :-

اوڏو عبادت اسين وجون ڪين ڪي،
البت صداقت تا ڳوليون عابدن ۾

حياتي گذرندي پئي وجي پر اجان تائين اسانجي من جو لاڙو رڄ ۽ سڄ طرف آهي. شاعر بيدار ڪندي چيو آهي :-

زندگيءَ جو ڪاروان وجي پيو ڪاهي،
اسانکي آهي اجا رغبت رُڃ سان.

◆ **شري ڏيونداس ڪشناڻي 'آزاد' صاحب جو جنم ١٠** فيبروري سنہ ١٩١٣ع ۾ سکر سنڌ ۾ شري ڪوڏومل ڪشناڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. شري ڏيونداس بي. اي. ايل. ايل. بي پاس ڪري وڪالت شروع ڪئي. ديش جي ورهاڱي بعد هي صاحب اسسٽنٽ سيٽامينٽ ڪمشنر تي رهيو. وديارٿي جيون ۾ ئي هن سنڌيءَ ۾ شعر لکڻ شروع ڪيو. ڪاليج ۾ پروفيسر ايل. ايڇ اجواڻي صاحب هن جي همٿ افزائي ڪئي. هن صاحب ڀڳوان گوتم جي جيون ڪهاڻي سنڌي ۾ 'پورب جوتي' نالي ترجمو ڪئي. ان ڪاويہ ترجمي مان اصليت بکي رهي آهي. ان تسنيف تي سنڌ سرڪار کيس انعام عطا ڪيو. آزاد صاحب ڀڳوان گوتم ٻڌ جي مک مان دنيا جي بي اثباتي بيان ڪرائيندي اسانکي بہ بيدار ڪري ٿو. گوتم ٻڌ پنهنجي پياري پتنيءَ يشودا کي چوي ٿو :-

اي يشودا! ڪين رهندو پريم گلشن چمن.
ڪين ٽوندڙ مشڪندڙ دائم رهن سوسن سمن.
جهور ٿيندو تنهنجو ۽ منهنجو ٻيابي ۾ بدن.
هن نفيسائيءَ تي پوندو موت جو قهري ڪفن!
ڪين هت هوندا ٻڌن جي بات تنهنجي پريم جي،
بند ٿيندي اوچتي هيءَ لات تنهنجي پريم جي!

ٻي هڪ شعر ۾ آزاد صاحب نصيحت ڏيندي چوي ٿو :-

وهڪرو جيوت سندو وهندڙ، نديءَ جي آ مثال،

جو هلي تنهن کي هلڻ ڏي، اُن کي روڪڻ آ محال.

دنيا ۾ هڪ ٻئي جي جدائي جو درد ٿيندو آهي. شاعر آزاد آتت ڏيندي آکيو :-

جاءِ جهوني ٿي ٻهي آخر نهڻ جي و اسطي،
هڪ ٿئي ٻئي کان جدا آخر ملڻ جي و اسطي.

◆ ڊاڪٽر هرومل سدرنگاڻي "خادم" صاحب جو جنم سنه ١٩١٣ع ۾ شهداد پور سنڌ ۾ شري ايسرداس سدارنگاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هي صاحب سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جو عالم هو. 'سنڌ جا فارسي شاعر' ٿيسز تي کيس ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري عطا ڪئي ويئي. هي صاحب ڊي.جي. ڪاليج ۾ پرشن جو پروفيسر ٿي رهيو. هي صاحب ساهتيه اڪاڊميءَ جي سنڌيءَ لاءِ ڪنوينئر ٿي رهيو. کيس ساهتيه اڪاڊميءَ جو انعام عطا ٿيو. هن صاحب سنڌيءَ ۾ مضمون به لکيا ته شعروَشاعريءَ ۾ به پاڻ موکيو. 'رنگس رباعيون' سندس شاهڪار آهي. هي صاحب معياري مضمون نويس به هو. هي صاحب خداترس ۽ رڇ مڙس هو.

خادم صاحب جي شعر ۾ کي نصيحت آميز نکته ملن ٿا. هي صاحب اهنڪار کي ختم ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

خادم جي مڃين ته دوست! اهنڪار کي مار،
انسان جي هن دشمن خونخوار کي مار.

اسان مان کيترن کي خدا جو خوف کين آهي. قدرت هڪ هڪ کان ڳ ڏيل وياج سوڌو حساب وٺندي آهي. انکري اسين ڏاڍيءَ جو ڊپ رکي کم ڪريون. شاعر صلاح ڏئي ٿو :-

قدرت ٿي وٺي سڀ کان اڳ پوءِ جو حساب
چو ٻئي کي تپائڻ لاءِ مان خود به تپان!

شاعر سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

سالڪ ٿي تماشي ۾ نه هئن جيون کوهه!
مقصدلهه. اُن کان اڳ جو پانبو پُري.

ڪو تن دولت ۾ وڏو ھجي يا عمر ۾ وڏو ھجي اُھو مھان ڪين آھي پر جنھنجي دل وڏي آھي اھو ئي وڏو آھي. وڏيءَ دل وارو انسان سڀ ڪجھہ پريوءَ جي امانت سمجھي سڪرت جي ڪمن ۾ سڦلي ڪري ٿو. سڀن کي پيار ڏئي ٿو. سڀن جي سيوا ڪري ٿو. شاعر خادم صاحب جي رباعي آھي :-

ڪميا وڏو گڻ آھي. اسان سان ڪو برو ھلي ٿو تہ اسين اُن کان بدلو وٺڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. اسانجو شان ان ۾ آھي تہ اُن کي معاف ڪري ڇڏيون. شاعر کھڙي نہ ڪارگر صلاح ڏئي ٿو :-

جنھن وقت چڪائين ٿو ڪنھن کان بدلو،
ثابت ٿو ڪرين پاڻ کي اڳلي جيئو.
بھتر تہ ڪرين معاف دشمن جي خطا،
سڀ کان ٿوَ وڏو شان ئي بخشيندڙ جو.

ڪيترا ماڻھو پنھنجي عيبن کي نہ ڏسي ٻين جي اوگھڙ ڪندا رھن ٿا. شاعر انھن کي تاڪيد ڪندي چيو :-

غافل! نہ ڪري پنھنجي براين ڏي نظر،
ڏينھن رات ڪرين ٻين جي عيبن جي پٽر.
جھوليءَ ۾ اٿئي چڻنگ ۽ چوگرد ھوا،
جو ڪيسين سلامت رھي سگھندين ان پر.

انسان دانھہ آھي. ڪيس اھا ڄاڻ آھي تہ ھڪ ڏينھن ھيءَ دنيا ڇڏڻي ٻہ آھي. تڏھن ٻہ ھوُ پنھنجا سو اس ويرٿ وڃائي ٿو. شاعر ست ڪرم ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

ڄاڻين ٻہ ٿو ھر جيوَ کي مرڻو آھي،
دم دم جو حساب نيٺ ڀرڻو آھي.
ٿي عمر وڃيئي خواب غفلت ڪيسين؟
اُٿ ڪر اُٿي جيڪي توکي ڪرڻو آھي.

دنيا جي بي اثباتيءَ جو ذڪر ڪندي شاعر حياتي سڦلي ڪرڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :-

دنيا ۾ چائو نيٺ سو ويندو مري،
ننگو ٿي آيو، نه ڪٺي ويندو ذري.
بهتر ته جلي عمر، ڪرين جڳ روشن،
روشن ٿي ڪري شمع جئين رات پري.

خادم صاحب دل جي درسني صاف ڪرڻ جي صلاح ڏيندي لکيو :-

دل جو درپڻ اُجار، ڏس آهين ڪير،
چاڪاڻ ۽ ڪنهن ساڻ پيو پاڙين وير.
جو پنهنجي ئي صورت کي دشمن سمجهين،
نادان! پرين تو پاڻ سان اُبتا پير.

شاعر سانت جي ثنا ڳائيندي لکيو :-

سازن ۾ سڪوت جهڙو ڪو ناهي ساز،
گونجائي ڪن ۾ جو غيبي آواز.

پرماتما اسانکي پنج ڪرم اندريون پنج گيان اندريون ڏنيون آهن. اسان اُنهن جو سداُپيوگ نٿا ڪريون. اُن لاءِ سائينءَ جا شڪرانا ڪين ٿا مڃيون. شاعر خادم صاحب اسانکي ڪهڙي نه سهٽي صلاح ڏئي ٿو :-

داتا ته ڪري پنهنجو ڪرم، پنهنجي سخا،
هٿ پير اکيون مغز ڪيا توکي عطا.
پر حيف! جو ڪو فائدو تن جو نه وٺي،
ڳٽاچور! ڪرين شڪر جي بدلي ٿو گِلا!

◆ شري ڪيئلداس بيگواڻي 'فاني' صاحب جو جنم سنه ١٩١٤ع ۾ ميان طعب ڳوٺ شڪارپور سنڌ ۾ شري وليرام بيگواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هي صاحب عالم اُستاد هو. هن آدرشي اُستاد ڪيترن ئي وديارٿين جي رهنمائي ڪئي. ورهاڱي بعد هي صاحب ڀوپال ۾ هاءِ اسڪول جو پرنسيپال ٿي رهيو. سنڌ ۾ هن صاحب شاعر شيخ اياز ۽ شاعر سڳن آهوجا جي شاعريءَ ۾ سونهپ ڪئي. هن صاحب ڪيترن ئي مشاعرن جي صدارت ڪئي. هي

خدا ترس ۽ رج مڙس هو. وزن بحر جي خيال کان سندس شعر پڪو پختو آهي. ’ساموندي لهرون‘ ۽ ’سک سوز ۽ ساز‘ سندس شاعري جا مجموعا آهن. هن صاحب جي ڪلام ۾ به ڪي نصيحت آميز نڪتا ملن ٿا.

فاني صاحب زندگيءَ جي بي اثباتيءَ جو ذڪر ڪندي آگاهه ڪري ٿو :-

حياتي آهه شيشي ئا ڪئين جيان،

جو پرز! ٿي به ڀڳيبو ڪانچ نه هوندو.

فاني صاحب سنيم سان رهڻ لاءِ تاڪيد ڪندي چوي ٿو :-

جي سنجم سان رهڻ چاهين ٿو جڳ ۾

فقط شبنم جي قطره مان گذر ڪر.

فاني صاحب ’آئينو‘ ڪوتا ۾ سچ ڳالهائڻ جي صلاح ڏيندي چيو :-

پر تون ترون ترون ٿي پنهنجو رخ نه ڪڏهن بدلائين،

ننبري مک سان، وات وڏي سان ساڳيو سچ ڳالهائين.

شاعر نااُميد نراس شخص کي آٿت ڏيندي آشاوادي ٿي رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

ڪهڙي اونده پٺيان اُجالو ناهه!

هر خزان پوئتان بهار آهه.

◆ **پروفيسر سترمداس ”سائل“ صاحب** جو جنم ۱۴ فيبروري سنه ۱۹۱۴ع ۾ ڪوٽ مصر تنڊ ضلع لاڙڪاڻي ۾ شري سويا سنگهه جڙيا سنگهاڻيءَ جي گهر ٿيو. ننڍپڻ کان هي ڏاڍو تيزفهم آهي. هن صاحب هڪ آدرشي اڌياپڪ ٿي هزارن شاگردن جي رهنمائي ڪئي. هي صاحب سنڌيءَ جو گوهر آهي. سنڌي وياڪرڻ جي ڇاڻ جيڪا هن صاحب ڪي آهي اُها ڪن ٿورن کي هوندي. هن صاحب سنڌي نثر چاهي نظم جا گهڻا پريا. ’سائل شبد ڪوش‘ سندس لاثاني دين آهي. گجرات سنڌي اڪادمي طرفان کيس ’گجرات گورو‘ انعام عطا ڪيو ويو. راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاش پريشد کيس آجيون يوگدان لاءِ هڪ لک روپيا انعام عطا ڪري سمانت ڪيو. هن پريو شري رام جي جيون ’رام ڪٿا‘ مثنوي روپ ۾ لکي آهي. هن اٽڪل ۱۶ ڪتاب لکيا آهن. رام ڪٿا ۾ ڪي نصيحت آميز نڪتا آهن.

پتا مات شيوا وڏي آهه وٽ،
خوشي تنهن ساڻ ٻالڪ پرائي اڪٿ.
گروءَ لاءِ انيه شرڌا ڀاونا هئڻ گهرجي. سندن گڻن جو چنتن ڪاجي.
گروءَ کان نه ڪاجهه ٻيي رکي وارجي،
سندس سدگڻن کي سدا سارجي.
پتنيءَ کي پتيءَ سان گڏ گهارڻ ۾ ئي سک جو انيو تئي ٿو.
جڏهن ڀڳوان شري رام بنواس وڃڻ جي تياري ڪري ٿو ته ماتا سيتا
ڪيس ونيه ڪري ٿي. هر استريءَ کي سيتا مان پرائڻ گهرجي :-
جهلي پانڌ پت جو چيو اي پتي،
اوهان کي جي ڪين راحت رتي.
مُئي آنءُ ڪيئن ڪٿ تي رهان،
توهان کي وري ڪئن پتن تي سمهان.
جتي ساهه جو ٿو سهارو رهي،
اُتي آتما سک نيارو لهي.

◆ **ڊاڪٽر راڌا ڪرشن آهوجا** جو جنم سنه ١٩١٤ع ۾ جيٽل ڊنيد پير ڳوٺ ۾ حڪيم اٺومل، آهوجا جي گهر ٿيو. حڪمت ڪندي هن جي محبت درويشن فقيرن سان ٿي. هي صاحب ڪلام ٿاهنيدو به هو ته ڳائيندو به هو. سندس ڪلام جو مجموعو راڌا ڪرشن پاڇن مالها شايع ٿيو. هي خدا ترس درويش دل شاخص هو. سندس ڪلام ۾ ڪي نصيحت آميز نڪتا ملن ٿا. شاعر سائين جي دپ ۾ رهڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-
متان پنهنجي تون هلائين الائي ڇا ٿي ٿي!
الائي ڇا بڻي ٿي، رب ڏاڍو ڏٺي ٿي.
رب جي رضا تي راضي رهڻ جي صلاح ڏيندي شاعر چيو :-
نينهن توکي آ نماٽو بڻايو، رهه راضي رضا تي،
جيڪا ور کي وڻي ٿي، رب ڏاڍو ڏٺي ٿي!

◆ **شاعر پريو "وفا"** صاحب سنه ١٩١٥ع ڏاري پنهنجو ديري

لاڙڪاڻي ۾ شري جوتومل چڳاڻيءَ جي گهر ٿيو. هي صاحب ڪوي بيوس جي پرمپرا جو شاعر هو. هي هردل عزيز شاعر هو. محبت جي مورت هو. ’جهنڪار‘ ’پرواز‘ ’سُرخ گلاب سرها خواب‘ سندس شاعريءَ جون مجموعا آهن. کيس ساهتيه اڪادمي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن ساهتڪ يوڳدان لاءِ انعام عطا ڪندي سنمانت ڪيو. هن صاحب جا به ڪي نصيحت آميز شعر ملن ٿا. هي شاعر سچ ۽ پريم کي پرماتما ڪري مڃي ٿو ۽ اسانکي به اهڙي صلاح ڏئي ٿو :-

پيار ۽ سچ جو ناءُ الله،
پيار جا اوکا آهن پنڌ.
ڪٿائي ڪيئي پنهنجا ڪنڌا،
ڪري ويا سچ تان صدقي ساهه.

شاعر وفا صاحب بيدار ڪندي صلاح ڏئي ٿو ته اسين دنيوي پدارٿن روپي رانديڪن ۾ کوهجي ڏٺيءَ کي وساري ويٺا آهيون. اسانکي حقيقت شناس ٿي ڀڳوان کي ياد ڪرڻ گهرجي.

ڏن جي ڏُن ۾ مورک ويٺين ڀلجي تون ڀڳوان!
رانديڪن سان دل ريجهائين پار ٻٽين نادان!

وفا صاحب ڪٽنب جي بدليل سرشتي کي ڪهڙي نه فنائتي نموني طنز ڪندي اڄ سڌي طرح اڱه جيان گڏ رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

ڪٽرم هڪ دونهين دانگي هڪ
دلين تي پنهنجائيءَ جي پل.
۽ هاٺي سڀ کي پنهنجي چلهه،
نه ساڳي ڀائن ۾ سڪ.

◆ **پروفيسر هاسانند جادوگر ’هاسل‘** صاحب ديش ڀڳت ۽ سماج سڌارڪ هو. هن صاحب جادوءَ ذريعي سماج کي ساڄاڳ ڪيو. هُو جادو ڏيکاريندي ڏيکاريندي ديش ڀڳتي ۽ ٻين گڻن جو سنچار ڪندو هو. سندس زبان ۾ رواني هئي. هن صاحب ’هاسل‘ جي تخلص سان شعر لکيو آهي. سندس گهڻو شعر نصيحت آميز آهي. هي صاحب نشڪام نبر شاخص هو. طنز ڪندي سچ چئي ڏيندو هو. ٻيڙي سگريٽ پيئڻ مان ڪهڙا

نقصان آهن اُنهن جو ذڪر ڪندي تماڪ وارين شين نہ واپرائڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :-

ٻيڙيءَ ٻڏي ٻيڙي ٻڏي ٻل ٻيرج ٿيئي ڪيا آهن ناس،
جن ورتو تماڪ جو واس، تن گندو ڪيو وات ماس ڪي.

شاعر هاسل رشوت تي طنز ڪندي اُن کان باز رهڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :-

رشوت چون ٿا گپت دان، گپت دان جو مهاتم آ وڏو،
ڪمڙو بہ ڪٿي اچو تڪرار ڦڏو، مڪت ڪرائيندو منٽن ۾.

پروفيسر هاسنند سچ جي اهميت ٻڌائيندي صلاح ڏئي ٿو ۽ گڻن ڪي اپنائڻ سان آنند جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ منش اوچي منزل تي پهچي ٿو.

سچ جي چنتن ڪرڻ سان آنند جي ٿئي پراپتي،
نيڪ گڻ گيان سان پائي منش اوچي گتي.

زبان تي ظابطو رکڻ جي صلاح ڏيندي شاعر چيو :-

زبان تي رک ظابطو، اندرين تي رک ڏيان،
اهو گلن جهڙو گيان 'هاسل' پوئي پاءِ ٻڇيءَ ۾.
جنهنجو زبان تي ضابطو ڪونهي
تنهنجو ڪنهن بہ اندرين تي ڪونهي وس
دنيا ۾ اُنهن جو آهي جر جس
جن ظابطو رکيو زبان تي

علم انسان جو املهہ خزانو آهي ۽ ڪٽڻ جو ڪين آهي. ٻين کي علم ڏيان ڏيڻ سان پاڻ وڌندو آهي.

علم هڪ اهو خزانو آهي، جو جئن خرچ ٿئين ڪوڙ،
نڪا منجهس ڪوٽ، نڪا ٿوٽ، 'هاسل' سدائين.

ڀارت مان انگريز هليا ويا پر اسين انگريزن جا ماڻهو ٿي پيا آهيون. شاعر طنز ڪندي بيدار ڪري ٿو :-

انگريز ويا پر انگريزيت اسانجي ڇڏي نہ پٺ،
اها جنن جهڙي جٺ، پيئي ڀارت جي ڀاڳ تي.

شاعر هاسل علم سان گڏ عمل ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

علم سان عمل آهي سڳنڌ پريو گل،
بنا عمل علم آهي ملڪ اندر هُل.

---- ---- ----

اکر لکڻ جو نالو علم نہ آهي علم آهي ساچي ڄاڻ،
جي تون ڪائين پاڻ، تہ ڇو پيا بکيا سمهن وچي بک ۾.
ساچو علم سيکاري ٿو تہ ونڊي ورهائي کائون.
ڀارت جي اها سيتا نہ هي تہ ناريون ننگيون ٿي نچن. شاعر اسانکي انهن فاحش ناچن کان دور رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

اها سيتا نہ آهي تہ ناري جاتي ننگي ٿي نچي،
پر حياءُ شرم تي اچي ۽ بي حيائيءَ کان بچي.

---- ---- ----

اولهہ جي انڌي لهر ڀارتيہ سيتا سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏي،
بي حيائيءَ جي جهنڊي گهر گهراڻن ۾ کوڙي ڇڏي!
ڪوي هاسل چست ۽ پرشارٿي ٿي رهڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

سست ڳڏجي سوَ، ڪم نہ ڪندا ڪوڏيءَ جو،
چست ڳڏجي چار، پهاڙ ڊاهيندا پيرن سان،
وجهي سُٽي ڳڏ هاسل پرشارٿ ڪر پيٽ لاءِ.

شاعر هاسل هنسا جي ڪاڌي کان دور رهڻ جي تاڪيد ڪري ٿو ڳڏامن ڪي ڪيئن نہ بي رحميءَ سان قتلام ڪيو وڃي ٿو! اُنهن تي ديا ڪريو :-

جيئن ٿو مارين جانور، تيئن ڪو ماريئي ڀار،
روئي رڙي رات ڏينهن، پٽي ڪيين پار.

نشئيءَ ڪي ڪا ساڄهہ ڪين ٿي رهي شاعر شراب کان دور رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

شراب چرس شيطان آ جو پلو نہ اُن جا ياءُ
نشي چڙهڻ کان پوءِ جهڙي زال کهڙي ماءُ
ڪوي هاسل ڏيتي ليتي جوئا شراب ۽ ....

◆ **شاعر هري دريانڻي دلگير صاحب** جو جنم سنہ ١٩١٦ع ۾ لاڙڪاڻي سنڌ ۾ شري گرڌني مل دريانڻيءَ جي گهر ٿيو. هي صاحب سنڌ ۾ سول انجنيئر ٿي رهيو. هن صاحب ڪوي ڪشنچند بيوس ۽ شاعر نياز ملي 'نياز' مان شعروَشاعر بابت ڪافي ڪڃهہ پرايو. ديش جي ورهاڱي

بعد هي صاحب آديپور ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جو پرنسيپال ٿي رهيو. هي صاحب فراخ دل خدا ترس آستڪ آشاوادي شاعر هو. سندس صورت ۽ سيرت شماٽي هئي. ساهتيه اڪادمي ۽ ٻين ڪيترن ادارن سندس يوگدان لاءِ ڪيس انعام عطا ڪيا. 'ڪوڏ' 'موج ڪئي مهراڻ' 'پل پل جو پرلاءُ' سندس شعرن جا مجموعا آهن. سندس شعر ۾ سلاست ۽ فصاحت آهي. هن صاحب جا ٻه ڪي نصيحت آميز شعر ملن ٿا.

هيٺ ڏنل شعر ۾ شاعر دلگير صاحب ڪمل جي گل وانگر سنسار ۾ رهڻ جي سکيا ڏئي ٿو :-

جل ۾ ڄائين جل ۾ آهين تہ بہ تون جل ۾ ناهين،
جڳ ۾ جيئڻ وارن کي تون ٿو سبق سکائين.

دنيوي ماڻهن جي من ورتي ڏنڌوڙي من ورتي ٿي پئي آهي. هوُ پئسي سان سڀ ڪجهہ خريد ڪري سگهن ٿا، پر اها ڳالهہ ٺيڪ نہ آهي.

ذهن وڪامي فڪر وڪامي، عام وڪامن گيت،
علم عقل ۽ ذات مٿان آ ذات سندي اڄ جيت.

پرماتما ساري سنسار ۾ سيني ۾ رسي رهيو آهي. ان سنسار کان ڪنارو ڪرڻ سان سائين ڪيئن ملندو.

سڀ ۾ سائين ٿو وسي سائين ۾ سنسار،
سو پائيندو ڪيئن پرين جيڪو جڳ کان ڌار.

هن دنيا ۾ ڪيترائي منهن جا ملوڪڙا لڳن ٿا. پر اندر جا ڪوڙا آهن. ڪي نالي ۾ ديالو سڏائن ٿا، پر نردئي آهن. اهڙن شخصن کان باز رهڻ گهرجي.

جڳ ۾ گهٽيئي دل جا ڪوڙا، مک جا صاف سچار،
گهٽيئي نالي منجهہ ديالو، ڪن ٿا اتياچار.

دان دل ڪرائيندي آهي نہ ڌن، ڪي فقير بہ دل کولي سُڪرت جي ڪمن ۾ دان ڪندا آهن، ڪي ڌنوان هوندي ڪنجوس هوندا آهن. اُنهن مان اُميد رکڻ نہ گهرجي.

دمڙيءَ لاءِ ڏين دم جيڪي، گهٽيئي اُهي امير،
دان ڏين ٿا جيڪي دل سان، سي پڻ ڏٺم فقير.

♦ دادا جشن واسواڻي 'انجلي' سنڌين جي سونهاري سنت روحاني رهبر دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي صاحب جو روحاني وارث آهي. سندس جنم ٢ آگسٽ سنہ ١٩١٨ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ شري پهلاجراءِ واسواڻيءَ جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو ڪرشنا ديوي هو. هي ننڍپڻ کان ئي تيز فهم روشن دماغ هو. هن ١٣ سالن جي ننڍي عمر ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ ان امتحان ۾ ساري سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو. هن صاحب ايم. ايس.سي. فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي ۽ ڪاليج ۾ فيلو مقرر ٿيو. ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي سندس چاچو هو. سندس سوياڳيہ هو جو گهر ۾ ئي ڪيس گرو پراپت ٿيو. هن صاحب سڀ عهدا اقبال ڇڏي پنهنجي جيون گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي ڪمل چرڻن ۾ ارپت ڪئي. اُنهن جي سنگ ۽ سيوا ۾ ساچو سون ٿي پيو. آميريڪا جي انٽرنئشنل ائڪيڊمي 'دي اسٽوري آف سمپل مئن' تي ڪيس ڊاڪوريٽ جي ڊگري عطا ڪئي. سنڌ ۾ پيارو پائو جشن دادا ساڌو واسواڻي جي سيوا ۾ سدائين هڪيو حاضر هوندو هو. اُنهن سان گڏ الڳہ الڳہ شهرن ۾ رٽن ڪندي هن ڪافي ڪاڇه گرديو جي گيان گريت وچنن ۽ زندگيءَ مان پرايو.

ديش جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ وطن جا وڻ ڇڏي ساڌو ٽي. ايل.واسواڻي پونا ۾ اچي ستسنگ ۽ سيوا جي جوت جڳائي. ميران هاءِ اسڪول کوليو. ڪاڇه سالن بعد ميران ڪاليج فار گرلس پڻ شروع ڪيو. پوجنيہ گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي آڳيا انوسار پيارو پاءُ جشن واسواڻي ان ڪاليج جو پرنسيپال ٿي وديارٿين ۾ شڀ سنسڪارن جا ٻج ڇٽيندو رهيو. باقي سميہ گرديو جي شيوا ۾ رهندو هو. ساڌو واسواڻي مهان سنت ڪوي هئا. هنن 'نوري' جي تخلص سان هزارين گيت لکيا جيڪي هن وقت 'نوري گرنٿ' ۾ سنگرهيت آهن.

پرمپرا انوسار دادا جشن کي بہ پريو ڪوي هرديہ ڏنو. هن صاحب 'انجلي' جي تخلص سان سوين گيت رچيا آهن. دادا جشن مهان آڌياتمڪ مارگدرشڪ، اعليٰ تعليمدان، اوچ ڪوٽيءَ جو ساهتيڪار، دکين دريدرن، پکين پسن جو مددگار، غمگسار آهي. هن ديش وديش ۾ پريم ديا ۽ شانتيءَ

جو پيغام ڏيندي پنهنجي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جو نالو روشن ڪيو آهي. ڪيس آميريڪا ۾ ''اوٿانٽ شانتي پرسڪار'' عطا ڪري سنمانت ڪيو ويو. سندس تحرير ۽ تقرير ۾ تاثير آهي. هوُ هن وقت هزارين دلين جي روح جو راڻو آهي. هن صاحب جي ڪاويه ۾ ٻه ڪي نصيحت آميز نڪتا ملن ٿا جيڪي وهنوار ۽ پرمارٿ لاءِ اسانجي راهه روشن ڪن ٿا. دادا جشن دنيا جي ٻي اثباتي بيان ڪندي بيدار ڪن ٿا :-

هي پئسو پدارٿ مان شان وڏائي
هي عيش عشرت، ڪروڙن جي ڪمائي.
اٿئي سڀ سي ڀاڇا، اٿيئي سڀ ڏوڙ
سنتن جي در تي اچي پيهه مزور.
ڪوڙا جڳ جا هي ڪم ڪار
ڪوڙا ڏنڌا سڀ وهنوار.
اُت انجلي ڪر نام ڪمائي
مانڪ ياترا ٿئي سجائي.

دادا جشن دکين دربدرن ۾ داتار جو درشن ڪن ٿا. اسانکي ٻه اُنهن جي سيوا سهائتا ڪرڻ جي تاڪيد ڪن ٿا :-

غريبن دکين ۾ ڏسي تنهنجو روپ،
ٿيون تن جا مددگار جڳايون جوتي انوپ.

گرديو ساڌو واسواڻي جيان دادا جشن واسواڻي ديش وديش ۾ جيو ديا جو پيغام ڏنو آهي. سندس پروچن ڪان متاثر ٿي هزارن لوڪن هنسا جي ڪاتي جو تياڳ ڪيو آهي. دادا پنهنجي گيت دواران تاڪيد ڪري ٿو ته انهن گگدامن تي ڪهل ڪريو، اُنهن جي خدمت ڪريو.

نه مار تن کي، نڪي تن کي ماراءِ،
ڪر شيوا تون تن جي تن کي كاراءِ.

دادا جشن ساڌڪ کي صلاح ڏئي ٿو :-

ڇڏي سڀ چنا، اچي پڪڙ پير،
آءُ سنتن جي پاس ڪر ڪين ڪا دير.

دادا جن چنتت منش کي آٿت ڏيندي چون ٿا ته فڪر ۽ فرياد نه ڪر.

ريو توسان سدائين ساڻ آهي صرف اُن کي ياد ڪر.

نہ ڪر ڪو فڪر تون، ڪم سڀ فرياد،

آهن او تہ توسان، فقط ڪر تون ياد.

اسين پنهنجا اموليہ سواس ويرٿ وڃائي رهيا آهيون. ڪوي اسانکي بيدار ڪندي چوي ٿو :-

ويسر ۾ ويٺو وقت وڃائين!

ڪاچ ۽ ڪوڙ پيو روز ڪمائين!

عيش عشرت ۾ اڙيل آهين،

سونا سواس پيو سڀ گنوائين!

ڪوڙ سان ڇو پريت لڳائين؟

چڪر چوراسيءَ ۾ اٽڪيل آهين!

ڪم نہ ايندءِ مٽ مائٽ ماتا،

هي سڀ آهن ڪوڙا ناتا.

دنيا جي بي اثباتي بيان ڪندي شاعر ستگروءَ جي شرڻ وٺڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

ڪوڙا هي ناتا، اٿيئي ڪوڙو سنسار،

سچو اِڪ گرو آهي، گرديو جو پيار.

ڪندين ڇا تون دنيا، جو شان وڏائي؟

پئسو پدارٿ، اٿئي موهہ ڦاهي.

چتڻ جي تون چاهين، وجي پڻ احسان،

گرديو چرڻن، ڪرين ڇو نہ اشنان؟

پرماتما جيڪي ڪري ٿو ان ۾ اسانجي ڀلائي آهي. پرماتما ۾ وشواس رکي هلون تہ من جي شانتي ملندي.

جيڪي ڪري ٿو ان ۾ ڀلو،

صدق رکي شل اڳتي هلو.

صدق ۽ صبر ۾ وک وڌاءِ،

اُڪير ۾ دادا شيام تون ٻاءِ.

دنيا ۾ ڏاڍي ترڪڻ بازي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪامل بہ ترڪي ڪري پون ٿا. انڪري سنيالي وک وڌاءِ.

هيءَ دنيا اٿيئي ترڪڻ بازي،
ڪِري پيا پنبت پير ۽ قاضي.

دنيا جي دکن کان دور ٿيڻ لاءِ هڪ نام ئي وڏو سهارو آهي. دادا جشن نام جپڻ ۽ شانت ۾ رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

من مورک ڇو پيو ڪرين ورلاپ،
نام هريءَ جو ويهي ڪر جاپ.
سنسار سنگ ۾ ٿيو آهين دکي،
سک جي چاهين ٿي انترمُکي.
سانت ۾ ويهي سک تون ڏيان،
بکاري ٿي تون پڻ احسان.

◆ مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' صاحب سنہ ١٩١٩ع ۾ هالا نورن مخدوم غلام محمد صديقيءَ جي گهر تولد ٿيو. هي صاحب درگاه حضرت مخدوم نوح جو سجاده نشين ٿيو. هن صاحب سنڌي نثر ۽ سنڌي نظم جا گهڻا پريا. سندس والد شعروَشاعريءَ ۾ سونهپ ڪئي. هي صاحب سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن ٿي سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهيو. 'مصري جون تڙون' رباعيات طالب' 'بهار طالب' 'چير ۾ چڙيون' سندس شاعريءَ جا مجموعا آهن. سندس ڪلام ۾ ڪي نصيحت آميز نڪتا آهن. شاعر دوستن جي بي وفائيءَ جو ذڪر سهڻي نموني ڪندي اسانکي آگاهہ ڪري ٿو.

پراون ٿي پلا ڪهڙيون ميارون طالب المولىٰ.
هوُ ننديڙ جا ساٿي، نيٺ ڪارا وار مٿجي ويا!
ياري نباهڻ لاءِ پنهنجي احساسن ۽ اُمنگن جي قرباني ڪرڻي پوندي.

نيائڻ جي گهڙي ڪو يار سان اي طالب الموليٰ،
تہ صبر وضبط سان سڀ اُن کي جذبا جهورڻا پوندا.

شاعر عشق جي اهميت واضح ڪندي چيو :-

محبت دين ايمان آهي،
انهيءَ تان ساھ سر قربان آهي.

دل وارا دوست ملڻ مشڪل آهن، زبان جا مٺڙا گهڻائي ملندا مگر دل جا مٺڙا ورلي ملن ٿا. شاعر اِهو خيال پيش ڪندي اسانکي آگاھ ڪري ٿو :-

متان ڪو ظاهري مٺڙي زبان تي پوي پلاجي،
ملي ٿي اڄ بہ دل مهنگي، مگر آهي بدن سستو!

شاعر طالب الموليٰ پنهنجي دور جي عڪاسي ڪندي آگاھ ڪري ٿو :-

پتل کي سون سمجهن ٿا چون هيرو ٿا شيشي کي
ڏسو چا ٿي ويو هڪدم جو سڀ وينجهار متاجي ويا!
اُهو اخلاق، اُها اُلفت اُها تهذيب ڪانهي ڪا،
غريبن ۾ اچا ڪاجهہ آھ، پر زردار متاجي ويا!

♦ شاعر نارايڻ شيام جو جنم ٢٢ جولاءِ سنہ ١٩٢٢ع ۾ شري گوڪلداس ناگواڻيءَ جي گهر نواب شاه ضلع جي ڪاهي قاسم ڳوٺ ۾ ٿيو. سرڪاري نوڪري ڪندي هن صاحب سنڌي شاعريءَ ۾ يوگدان ڏنو. هي صاحب حضور شرم خدا ترس پڪو پختو شاعر هو. ساهتيہ اڪاڊميءَ جو ڪنوينئر پڻ ٿي رهيو. سندس شعرن جا مجموعا آهن 'رنگ رتي لهر' 'روشن چانورو' 'واريءَ ڀريو پلاند' 'ماڪ ڀنارابيل' وغيره. کيس ساهتيہ اڪاڊمي جو انعام پڻ عطا ٿيو. شاعر نارايڻ شيام زندگيءَ کي پسيو آهي، ڀوڳيو آهي. هوُ ڪن نتيجن تي پهتو آهي ۽ اسانکي بہ آگاھ ڪندي چوي ٿو :-

جوڙي اسباب هيترا سک جا،
آدمي پوءِ بہ ڏک ڏڌل آهي.
هت دوزخ هت جنت آهي،

دک ۽ سک جون ڪنديون ڇڏ.
جيون آهي سمنڊ اجهاڳ.
ڪوبہ ويسھ ساھ تي ناهي
هر گهڙي آخري گهڙي ڄاڻي!

’روپ مايا‘ نارايڻ شيام جو شاهڪار آهي. رشي وشو امتر مينڪا تي هرک هاري منزل تان ڪري پيو. هو پڇتاءُ ڪندي چوي ٿو :-

ڪيئن نہ سک جي ڪامنا ۾ مون رُلايو پاڻ کي،
ڪلپنا جي سک پٺيان سا پيا جو سک تياڳي ڇڏيم.
زندگيءَ جو سار شانتي سمجهي مان آيس هتي،
بن وسايم ڪرم کان ڪائر ٿي دنيا کي ڇڏيم!

اسان مان هڪ هڪ جي اها حالت آهي، انڪري اسانکي ڪامنائن کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي.

◆ شاعر وڌيارام تنواڻي ’وڌيل‘ صاحب جو جنم ويهين صديءَ ۾ سنڌ جي سلطان ڳوٺ ۾ ٿيو. سندس هڪ ناصحاڻہ نظم مشهور آهي، جنهن ۾ هن صاحب دين دکين بيواهن بيمارن اناٿن جي خدمت جي تاڪيد ڪئي آهي. هي نظم سوامي ليلاشاھ مهاراج پنهنجي ستسنگ ۾ دهرائيندي شروتائن کي شيوا ڪرڻ لاءِ پريرت ڪندا هئا. پيش آهن ان نظم جون ڪي مصرائون :-

چاهين جي نيڪ منش ٿيان تہ نيڪ ڪار ڪر،
خلق خدا جيءَ سان ڀلائيءَ جا پير ڀر
مشهور ملڪ ۾ جي ٿئين شير سر بسر.
پڌ ڳالھ دل وجان سان پيارا ڪنگال جي
ڪر پيروي تون پاڻ خلقت جي خيال جي.
اهڙو مزو نہ آهي دنيا جي آرام ۾
جهڙو مزو جهان جي شيوا نشڪام ۾

چا ٿيو ٺاهي باغ بنگلا ۽ اڏياسين
مشهور شاهہ سيٺ ۽ شاهوڪار سڏياسين.

شاعر وڌيل اسانکي بيدار ڪندي سهڻي صلاح ڏئي ٿو :-

ڄمڻ سندي ڏينهن کي آندو نہ ساڻ تو
مفت لڳي موهہ ۾ ڪيو ڳهات پاڻ تو.
ويندين ۽ سڄو صاف ڇڏيندين وٽاڻ تون
۽ روئندين زارون زار اِهو ڄاڻ تون.
رهندين تون يلا ڪيترو فاني جهان ۾
رهندو ئي نيڪ نام سپ ڪنهنجي شان ۾.
'وڌيل' صلاح سماجهہ سهڻو سبق اٿئي
ماڃي نہ ماڃي يار مگر ماڃڻ حق اٿئي.

◆ **شري گوبند پاڻيا صاحب** جو جنم سنہ ١٩١٨ع ۾ لاڙڪاڻي سنڌ ۾ شري لوڪو پاڻيا جي گهر ٿيو. هي وديارٿي جيون ۾ ئي روشن دماغ هو. هي ايل.ايل.بي. پاس ڪري وڪالت شروع ڪئي. هن صاحب پنهنجي پتني جمنا ديويءَ سان گڏ آزاديءَ جي آندولن ۾ بهرو ورتو. پريوءَ کيس شاعراڻي دل ڏني هئي. هن سائين ڪشنچند بيوس جي چرڻن ۾ ويهي ڪافي ڪاجهہ پرايو. هي صاحب خوددار خداترس شاخص هو. سنڌ سرڪار کيس 'ورق' مضمونن جي ماجموڻي تي انعام عطا ڪيو. ديش جي ورهاڱي بعد هي يارت ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر ۽ ڪسٽوڊين آفيسر ٿي رهيو. هن سرڪاري نوڪري ڇڏي وري وڪالت شروع ڪئي. 'سُر ۽ ساز' سندس شاعريءَ جو ماجموعو آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪي نصيحت آميز نڪتا ملن ٿا. شاعر اُداس مايوس نااُميد شاخص کي اُتساهت ڪندي صلاح ڏئي ٿو :-

نااُميديءَ ۾ نہ ڪر جيون تمام،
صباح ٿيندي رات رهندي چا مدام.

شاعر پنهنجي من کي سماجهائيندي ايشور ۾ وشواس رکڻ جي صلاح ڏيندي چيو :-

نااُميدي ڇو ويئي ويڙهي مونکي،
برڪتن سان هوُ تہ ٿو هرهر يري.

زندگيءَ ۾ ڏک سک آهي، انڪري اسين نراس نہ ٿيون. شاعر آٿت ڏيندي آکيو :-

جيون هي هڪ آهہ پرولي،
ماتم ۾ ڇانيل آهہ هولي.
دنيا ساري رنگ رتولي،
ڏک سک جي ٿي آ انک مچولي.
جيون جو نہ رڳو آهہ کيل،
هر ڪنهن سان ڪن پل جو ميل.
تون ڇو ٿو پيو ارمان ڪرين؟

◆ **شاعر سڳن آهوجا** جو جنم سنہ ١٩١٩ع ۾ سکر سنڌ ۾ شري آهوجا جي گهر ٿيو. شاعر ڪيئلداس فانيءَ شعر و شاعريءَ ۾ هناجي سونهپ ڪئي. هن صاحب شعر ۽ ڪهاڻي جي صنف ۾ قلم آزمائي ڪئي. سندس شعرن جو مجموعو 'ارمان' شايع ٿيو. هي صاحب خوددار هو. هو پڪو پختو شاعر هو. سندس ڪي نصيحت آميز شعر ملن ٿا. سياڻي ماڻهوءَ جو ڪم آهي غم کائڻ. اهنڪار جي ڪري ڪوئي غم نہ ٿو کائي. شاعر غم کائڻ جي صلاح ڏئي ٿو. ڪس کائڻ ۾ ئي جس آهي.

عقل سو عقل نہ ڇئبو، جو نٿو غم کائي،
پنهنجي آپي کي مگر، ڪير اِهو سمجهائي.

اساڻجي من ۾ همدرديءَ جو گڻ هئڻ گهرجي. ٻي ڪنهن سان همدردي ڏيکاريندي جڏهن اسان لڙڪ لاڙيون ٿا تہ اُهي لڙڪ موتين و انگر ملهائتا آهن.

لڙڪ، موتي مونکي تڏهن پاسيا،
دل جڏهن ٻئي جي غم کان روئاريو.

شيخ عبدالرزاق 'راز' سنہ ١٩١٩ع ۾ سکر سنڌ ۾ شيخ عبدالروف جي گهر تولد ٿيو. هن ايم.اي. پاس ڪئي ۽ هاءِ اسڪول جو پرنسيپال مقرر ٿيو. سوَن شاگردن جي سونهپ ڪيائين. ڏاڍيءَ ڪيس شاعريءَ جي ڏات عطا ڪئي. 'سارنگ' 'سچڻ سفر هليا' پيهي پاتال سندس شعرن جا مجموعا آهن. هن جي ڪلام ۾ ڪئي ڪئي نصيحت آميز شعر ملن ٿا. شاعر دنيا جي بي اثباتي بيان ڪندي بيدار ڪري ٿو :-

سونهن ڪمڙو ساءُ الا جوين ۾ تي ڏينهڙا،
ڳل ڦل تي هي رهندو ڪيسين، مٽڙو نرم هڳاءُ.

--- ---- ----

دنيا ۾ ٿي ڏينهڙا، هي سارو مانداڻ،
کيل تماشا عارضي ۽، پليل سمجهن پاڻ.

اسانکي ڏٺي ضمير ڏنو آهي اُن ضمير موجب هلڻ گهرجي، پر اڄ ڪلهه خودغرضيءَ جي خمار ۾ وويڪ وڃائي ويٺا آهيون.

ڪسجي ويا اصول ۽ سمهي پيو ضمير
عقل زارو زبون ٿيو، ٿهيو ڳالهين منجهان پير
اهڙو جن خمير، سي قومون ڪهڙي ڪم جون!

سنتداس ڪشناڻي 'سنتل' جو جنم شري پناجومل ڪشناڻيءَ جي گهر شهر فيروز سنڌ ۾ ٿيو. ديش جي آزادي هلچل ۾ هي صاحب سرگرم رهيو. ڪيس جيل جي ياترا به ڪرڻي پيئي. هن زندگيءَ جو آخرين سفر پونا ۾ سماپت ڪيو. هي صاحب خداترس شخص رچ مڙس هو. هڪ ڪنڊليءَ ۾ مايا جو ذڪر ڪندي اسانکي آگاهه ڪري ٿو :-

'سنتل' مايا تي نه پروسو،
سڄ ۾ پاڇا جون ٿا ڏاها.
اڄي ته ڪياڙي وڌائي ڪيڏو،
وڃي ته ڇيلهه ڇپي ڪري!

◆ **ماسٽر رانجهن وليچا** لوڪ پريه گيتڪار ڳايڪ جو جنم ٢٤ آگسٽ سنه ١٩٢٠ع ۾ ڳڙهي ياسين سنڌ ۾ شري موتيرام وليچا جي گهر ۾ ٿيو. مرشد ڊاڪٽر روچلداس مٽس مهر جي نظر ڪئي. گهر گرهست ۾ رهندي هن سنڌي سنگيت ۾ پاڻ موکيو. هي صاحب ڪيترائي سال پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان ڳڏ سُر ۾ سُر ملائيندي ساٿ ڏيندو رهيو. هي صاحب راڳ راڳڻين جو ڄاڻو ڳايڪ به هو ته گيتڪار به هو. سادگيءَ جي صورت ۽ محبت جي مورت هو. سندس ڪيترا گيت پروفيسر رام پنجواڻي، ڀيڻ ڀڳونتي ناواڻي ۽ ٻيا ڳايڪن ڳايا جي عوام جي لبن تي آيا. اڄ به ڪيترا ڳ ايڪ سندس ڪلام ڳائن ٿا. سندس ڪلام ۾ ڪي نصيحتون آهن.

ماستر رانجهن صاحب ايمان آڪڙ ڇڏڻ ۽ خاڪساريءَ جي واٽ تي هلڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. ڏٽيءَ جي در سدائين توبهه ڪرڻ گهرجي.

توبه ڪر ۽ تڪبر ڇڏ. ڪر نوڙت ذري ذري
ڪنهنجي لئه تو ڪوڙ ڪرين. ويندين خالي هٿڙا ڏري
ڏڪندو رهه هردم اُن ڪان. جو ڪنهن ڪان ڪين ڏري
ياري رک رانجهن اُن سان جو دم دم قدر ڪري.

گيتڪار رانجهن بيدار ڪندي سکيا ڏئي ٿو :

گهٽي ويئي آ گذري هاٺي غفلت ۾ نه گذار!
دکين جي ڪر شيوا، دل ۾ ديا تنهن لاءِ ڌار
ڏينهن هجي توڙي رات انڌاري شهر هجي يا جهنگ
ڇڏي ڏي دنيا جي تون موج سچي سائين جو ڪر سنگ

بي هڪ گيت ۾ به شاعر سچاڳ ڪندي سکيا ڏئي ٿو :

منڙا من پنهنجي کي مار! ته تنهنجا بيڙا ٿيندا پار،
ڇڏ آڪڙ ايمان وڃائي، بندا! ڪر سيني سان پلائي،
رهندين ڏينهن به چار
ڪروڌ ڇڏي تون منڙو پولج، رانجهن سودو سچ جو ٻولهج
ديا به دل ۾ ڌار!

◆ **شاعر پرسرام 'نماڻو'** جو جنم سنه ١٩٢٢ع ۾ ڳوٺ تاجو لغاري لاڙڪاڻي ضلع ۾ شري اڏيرڏني مل روهڙا جي گهر ۾ ٿيو. سندس تخلص 'نماڻو' هو. هوُ سادگيءَ جي صورت ۽ نمرتا جي مورت هو. حضور شرم هو. دادا هوندراج دکايل ۽ شاعر پرسرام ضيا صاحب شعر و شاعريءَ ۾ سندس سونهپ ڪئي. 'ستار'، 'سرگم' 'ناو هلائڻ' وارا سندس شعرن جا مجموعا آهن. هن صاحب جي ڪلام ۾ ڪي نصيحت آميز شعر ملن ٿا. شاعر نماڻو حسد تعصب تڪرار جي راهه کي ڇڏي پريم جي پٽ تي هلڻ جي صلاح ڏئي ٿو. پريم منش جو سچو ڳهڻو آهي.

دنيا ۾ پيار ۽ سڪ آ، سچو سينگار انساني.
ڇڏي تعصب تفاوت تون نه ڪر تڪرار شيطاني.

دل مان دويش جي پاونا تڙي ڪيڻ گهرجي. جهيڙا جهڳڙا ڇڏي محبت

جي راهہ ۾ هلڻ گهرجي.

دُئي کي دور ڪر دلبر پيائي ﭘﻦ ڏيڻ گهرجي،
ڇڏي ڏي جنگ ۽ جهيڙو محبت سان هلڻ گهرجي.

◆ **شاعر شيخ 'اياز' صاحب** ٢٢ مارچ سنہ ١٩٢٣ع ۾ شڪارپور سنڌ ۾ غلام حسين شيخ جي گهر ۾ تولد ٿيو. بي.اي.ايل.ايل.بي. پاس ڪري هن صاحب وڪالت شروع ڪئي. هي صاحب وطن دوست ترقي پسند شاعر هو. هي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿي رهيو. 'پونم پري آڪاس' 'ڪلهي پاتم ڪينرو' جل جل مشعل جل' هي گيت اُڇايل مورن 'جا' ڪي جو پيانجل پوليو' 'ڪپر ٿو ڪن ڪري' وغيره اياز صاحب جي شاعريءَ جا مجموعا آهن. هي صاحب باغي شاعر هو. سندس ڪلام ۾ بہ ڪي ناصحاڻہ شعر ملن ٿا. شاعر اسانکي آشاوادي ٿي رهڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

نيٺ تہ ڍهندو ڪوڙ، سدائين جنهنکي ناهہ ثبات،
نيٺ تہ ڦٽندو سچ جو سورج، نيٺ تہ کٽندي رات.

ظلم سدائين ڪين رهندو. نيٺ سندس انت ٿيندو، انڪري ظلم ڪرڻ ڪين جڳائي.

سدا نہ رهندو ڪو پر سڪندر ٿيندو نيٺ تباهہ،
ايندا ويندا ڪيئي، وهندو رهندو درياهہ شاهہ.

◆ **شاعر ايم ڪمل** سندس پورو نالو شري مولچند بندراڻي هو. هنجو جنم سنہ ١٩٢٥ع ۾ منگهارام بندراڻيءَ جي گهر ڪنبياري سنڌ ۾ ٿيو. هن صاحب ريلوي ۾ نوڪري ڪندي پنهنجي تصنيفن سان سنڌي ادب جا گهڙا ڀريا آهن. بنيادي طور هي صاحب پڪو پختو معياري شاعر هو. پر هن ناٽڪ جي صنف ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي آهي. پروفيسر ليکراج عزيز صاحب شاعر ايم.ڪمل جي شاعريءَ ۾ رهنمائي ڪئي. ڪيس ساهتيہ اڪاڊميءَ جو انعام بہ عطا ٿيو تہ مهاراشٽر سرڪار جو گورو پرسڪار هڪ لکہ روپيا بہ مليا.
'جمريل جيءَ'. 'پنهنجاهہ غزل'. 'نند جاڳ' 'روشن راهون ڏنڌلا ماڳ' ۽ رنڌ 'برف جا نقش'. سندس شاعريءَ جا مجموعا آهن. شاعر دوستن مان

آزمودا پرائي دوستن جي بي وفائيءَ جو ذڪر ڪندي آگاهه ڪري ٿو ته اچ ڪلهه دوستن ۾ اُميدون رکڻ نه گهرجن.

محبت مٿاجي وئي آهي، دليون ڪٽاجي ويون آهن،
اُميدون دوستن مان گهٽيون، گهٽاجي ويون آهن.

اچ ڪلهه جيئڻ ڪيڏو نه دشوار ٿي پيو آهي. جيئڻو آهي ته نباهڻو آهي. نباهڻو آهي ته سهڻو آهي.

زندگيءَ سان نباهڻو آهي، ماس شينهن پاڇائڻو آهي.

ڌارين ڪي پنهنجو گهر ڏيکارڻ، گهر جي ڀاتين جي گلا ڪرڻ چڻ پاڻ تي ڪلائڻو آهي. شاعر نصيحت ڏيندي چيو :-

ڌارين سان گلائون پنهنجن جون، پاڻ تي جڳ ڪلائڻو آهي!

◆ **شاعر لڪميچند 'پريم' صاحب** جو جنم سنه ١٩٢٨ع ۾ ٻڙهي ياسين سنڌ ۾ شري خوشيرام ڏوڏيجا جي گهر ۾ ٿيو. هن صاحب حڪمت ڪندي شعر و شاعريءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي. هن شريمد ڀڳوت گيتا جو سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو ڪيو. پريم پشپانجلي 'شمع ٻاريندي شب' 'اکڙين جي آلاڻ'، 'خمار' 'اکڙين اوتيو آب' سندس شاعريءَ جا مجموعا آهن. انسان ڪي دک درد ڏسي بي همت ٿيڻ نه گهرجي. شاعر اهڙن شخصن کي سانتونا ڏيندي چيو :-

رهندي خزان نه هردم، اُميدن جي چمن ۾،
اُڏري بهار تو وٽ، ٿي بيقرار ايندو.

ڏٺيءَ جي در حرفت نه هلندي، انڪري شاعر پريم حق جي پروڙ پائڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

حق ۾ حرفت هڪ نه ٿيندا،
حرفت ڇڏ، اُت حق سچاڻ.
پريم ڪناري تي ڪجهه ناهي،
اُٿي گهڙي ڏس گهري گهيڙ.

شاعر پريم اوچ نياچ جو تفاوت ميٽڻ لاءِ پريم جي جوت جڳائڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

جوت جڳي جا ختم ڪري،

هيءُ اوچ نياڃ جو وياڇو پڻ.
پيد ياوَ جا يسر ڪري،
۽ جيون جو تي سار بڻي.

منش آنند لاءِ پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ يتڪي رهيو آهي. شاعر پنهنجي من مندر ۾ پريم گيان جو ڏيئو ٻارڻ جي صلاح ڏيندي چيو :-

ديپڪ پنهنجي دل ۾ ٻار
هيڏي هوڏي ڪين نهار.

◆ **شاعر فراق ٺٽوي** قريشي خاندان مان هو. سندس ڪلام جو مجموعو 'ديوان فراق' شايع ٿيو آهي. هن صاحب زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي قلم آزمايو آهي. هي صاحب ترقي پسند شاعر هو. سندس ڪي ناصحاڻا شعر ملن ٿا. شاعر دنيا جي بي اثباتي بيان ڪندي بيدار ڪري ٿو :-

ڏينهن چار زندگيءَ جا،
ٺاهين ٿو ڪوٽ ڪهڙا،
سامان ڪڻ سفر جو،
سعيو تون ڪر هلڻ جو.

اسان ڪيترو وقت وئڙت وڃايون ٿا. روز اسانجي زندگي گهٽجي رهي آهي. ان ڪري زندگيءَ جي رهيل پلن جو قدر ڪريون.

پيغام هي ڏئي ٿو جڏهن سج اُڀري ٿو،
حياتيءَ جي ڏينهن مان هڪ ڏينهن گذري ٿو.

◆ **شاعر ارجن حامد صاحب** جو جنم سنہ ١٩٣٠ع ۾ ڪراچي سنڌ ۾ ٿيو. 'سو اسن جي سرهاڻ' پٽر ڪنبا ڪنبا سندس شعرن جا مجموعا آهن. هي صاحب پڪو پختو شاعر آهي. هي صاحب روايت پسند بہ آهي تہ ترقي پسند بہ آهي. هن شاعر زندگيءَ سان وابستہ موضوعن تي بہ ڪلام لکيو آهي. سندس ڪي ناصحاڻہ بند ملن ٿا. هي صاحب آشاوادي نظريعي جو اظهار ڪندي اسانکي دنيا ۾ مرڪي رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

گهڙي گهڙي سُرهي ٿي پوندي،
مُرڪي مُرڪي ائن ڏسنداسين.

شاعر حاسد پيائيءَ جي عينڪ لاهي ڏسڻ جي صلاح ڏيندي چيو آهي :-

اکين تان چشمو اِهو لاهي ڏس،
پرائو ڪونه مان پنهنجو آهيان.

نوس نوس جي عادت سٺي نه آهي. شاعر نوس نوس ڪندڙ شخصن جي پسن سان پيٽ ڪندي ان عادت کان دور رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

ڳاهه ڪپي پاٽي ڪپي ماڻهو جهڙا يور،
نوس نوس جون عادتون گهر گهر آهن چور.

ٻالهين مان ٻالهوڙو پيدا ٿيندو آهي. انڪري شاعر ماٺ ۾ رهڻ جي صلاح ڏيندي چيو :

وڏي وجي ٿي ٻالهڙي ماٺ ڪري تون ويهه،
اورانگهيئه جي پاڻ ڪي، مُڙندو سارو ڏيهه.

هڪ ٻي دوهي ۾ شاعر حاسد صاحب مائيٽن ماڻهن جو ذڪر ڪندي چيو آهي :

مائيٽا ماڻهو وجي والاڙن ٿا ڪنب،
ٻڙ ٻڙ ڪن پئنجايت ۾ گهٽائي اهڙا لنب.

دنيوي اجايون سڄايون ٻالهيون ٻڌي، اسين ڪيڏو نه امولي سميه برباد ڪري پوءِ پڇتاءُ ڪريون ٿا. ورجائڻ مان ڪجهه ڪين حاصل ٿيندو.

ٻڌي ٻڌي ٻوڙو ٿيس هاڻ فقط پڇتاءُ،
ورندو ڇا ورجاءَ مان، ايندو ڪو ايذاءُ.

اسان کان وڏيڪ اسانجي پرماتما کي چنتا آهي. اُن ۾ پورو پورو ويساهه رکون. شاعر کي اهڙو يقين آهي.

منهنجو مالڪ مون ڏنو ڏاڍو بيپرواهه،
هرڪنهن جي چنتا ٿو رکي شاهن جو آ شاهه.

♦ **ڪمل ڪيولراماڻي 'پياسي' جو جنم سنه ١٩٢٩ع ۾ جيڪب** آباد سنڌ ۾ ٿيو. هي صاحب گجرات ۾ اسسٽنٽ ڊئريڪٽر آف فئسريز ٿي رهيو. هن سنڌي نثر ۽ نظم ۾ يوگدان ڏنو آهي. سندس اٽڪل ١٥ ڪتاب شايع ٿيا آهن. سندس ڪاويه ۾ ڪي نصيحت آميز شعر

ملن ٿا. انسان اهنڪار جي نشي ۾ پاڻ کي سڀ ڪجهہ سمجهي ٿو. ڳ همند ڪيرائيندو آهي. اسين پنهنجي امولہ جيون اهنڪار سبب برباد ڪري رهيا آهيون. شاعر ڪمل پياسيءَ جو شعر پيش آهي :-

مان آهيان بس مان ئي آهيان،
مان کان وڌ مان ڪجھ نہ آهيان،
اهنڪار جي اوٽ وٺي ڇو،
انمول جيون نرڪ رُلين ٿو.

جيڪو شردا رکي ستگروءَ جي شرڻ وٺي ٿو، تنهنجو تن من چانبوڪيءَ جيان سيتل رهي ٿو :

شردا رکي سک جو ستگرو وٽ ايندو،
پونم جان سيتل سدائين سو رهندو.

سانت ۾ رهڻ سان پريم جي پراپتي ٿيندي. شاعر سانت جي ثناڳئيندي چيو :-

سانت ۾ جيڪي گهارين،
تن جي دل ۾ ديرو دلبر جو.

انتهڪرڻ شڌ رکڻ ۽ شيوا، ساڌنا سان ترشنائن، تناءَ جي اُڄ ختم ٿئي ٿي :-

سينو صاف ٿيڻ سان، شيوا ساڌنا ڏانهن ڍڪي،
دلگيري دلشڪستي جي مٽجي وڃي اُساٽ.

♦ **شاعرا ريٽا وشنو شهاڻيءَ** جو جنم سنہ ١٩٣٤ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ شري عالمچند اُڌارام ملڪاڻيءَ جي گهر ٿيو. سنڌي ساهتيڪار عالم پروفيسر منگهارام ملڪاڻي سندس چاچو هو. ڀيڻ ريٽا جي شادي شري وشنو شهاڻيءَ سان ٿي. جوڙو جيس هو. شري وشنو شهاڻي سماج شيوا ۾ پاڻ موکيو ۽ هو پنهنجي پتني ريٽا کي سدائين ساهتيہ سرجن لاءِ همٿائيندو رهيو. ڀيڻ ريٽا سنڌي نثر چاهي نظم ۾ يوگدان ڏنو آهي. انسان سونهن ڏسي مشتاق ٿئي ٿو. ان سرير جي سونهن جي بي اثباتي بيان ڪندي شاعرا بيدار ڪري ٿي تہ ان سونهن تي اڪن ڇُڪن نہ ٿيو.

انسان آهي جو حُسن پرست،
حُسن ڏسي چو ٿي ٿو مست.
سونهن جي عمر ڪن پہ مگر،

خبر هوندي بہ بيخبر.

اسين دنيوي پدارٿن ۾ ڪوهاجي مزا ماڻيون ٿا پر اُنهن ۾ سچو سک آنند ڪين آهي. انڪري انهن سنساري پدارٿن پٺيان حياتي برباد نہ ڪري سچي سک جي ڳولها ڪريون.

چا ڏيندي دل کي راحت،
عزت، دولت ۽ شهرت.
هيرا جواهر زر زيور؟
لڪل ڪٿي آ دل جو چئن؟
ڳولهي ڳولهي، ٿڪا نئن!

◆ **شاعر ارجن چاولا صاحب** جو جنم ١٠ فيبروري سنہ ١٩٣١ع ۾ شري گاهي مل چاولا جي گهر ڪشمور جيڪب آباد ضلع سنڌ ۾ ٿيو. هن تعليمدان تعليم جي کيتر ۾ پاڻ موکيو آهي. هو صاحب هن وقت عليڳڙهہ ۾ رهي ٿو. هاءِ اسڪول جو پرنسيپال رهي سون شاگردن جي سونهپ ڪيائين. هي صاحب پڪو پختو شاعر آهي. کيس شاعريءَ جي مجموعي تي اين.سي.پي.ايس.ايل. جو انعام عطا ٿيو آهي. هن صاحب جا بہ چند شعر - دوها نصيحت آميز ملن ٿا. شاعر من جي مهراڻ ۾ ٽبي ڏئي لعل لوچي اچڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

جهاتي پائي ڏس اندر من موتين جي کاڻ،
ٿاهہ نہ پائي ڪو سگهي چڙ گهرو مهراڻ.

اسانجو من اونهو عميق آهي. اُن جو پتو لڳائڻ مشڪل آهي. منش کي اهنڪار ڪرڻ نہ گهرجي سچ بہ پاچا آهي. وقت وقت جي پلهاري آهي. جو اِها ڳالهہ نٿو سمجهي تنهنکي اُن جو نتيجو ڀوڳڻو پوي ٿو :-

وقت وڏو ٻلوان آ، سينو ساهي ڪير!
جو مورک سمجهي نٿو ڀوڳي دير سوير.

جيئڻ بہ هڪ ڪلا آهي. جيئڻ جو ڏانءُ اُن کي هوندو آهي جنهن جي دل ۾ پيار آهي. چاولا صاحب جي غزل جو هڪ بند آهي :

جيئڻ جو ڏانءُ اُهوئي سکي سگهيو هتڙي،
ٻڌو آ پيار جو جنهن پانهن ۾ ڳانو.

شاعر آئيني کان وفاداريءَ جي نصيحت پرائڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

پاڇي پوي تہ بہ هر ٽڪر عڪس اُجلي ٿو.
سبق سکي تہ ڪو آئيني کان وفائن جو.

اسين پين جي ڳڻن اوڳڻن جي پرچار ڪريون ٿا. اوک ٻوک ڪريون ٿا. شاعر بيدار ڪندي چوي ٿو تہ پهرين پنهنجي من ۾ وويڪ روپي ڪاني سان ماپ ڪريون تہ اسان ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهيون.

يلي زماني جي ڪر ماپ تور، جئن بہ وڻي،
تون پهرين پنهنجي تہ ڪا ماپ ڪر ڪٿي ڪانو

◆ **شاعر تنوير عباسي** جو اصلي نالو نورنبي آهي. هي شاعر سنہ ١٩٢٤ع ۾ گل حسن عباسيءَ جي گهر سوڀو ديرو خيرپور ميرس ۾ ڄائو ولد ٿيو. هن سنڌي نثر ۽ نظم ۾ پاڻ موکيو آهي. هي انقلابي ترقي پسند شاعر هو. رڳون ٿيون رباب 'شعر' سندس شاعريءَ جا مجموعا آهن.

شاعر تنوير عباسي سچ جو حمايتي هو. انڪري سچ جي راهہ تي هلڻ جي تاڪيد ڪري ٿو :

تنوير اسانکي ٿو ميٺاج ملي سچ ۾،
جنهن ڳالهہ ۾ ڪوڙ آهي، سا ڳالهہ ڪڙي آهي.

تنوير صاحب پاڻ آشاوادي اٽل ارادي وارو هو. هوءَ پنهنجي شعر ذريعي اسانکي بہ آشاوادي ٿي اصولن تي اڏول رهڻ گهرجي.

همٿ آڏو پهڻ مڪڻ جيان رجندو رهندو آهي،
همٿ جو سچ چٽرهندو رهندو آهي لهندو ناهي!
وقت جون واڳون تنهنجي هٿ ۾، جيئن بہ وڻي تيئن موڙ!

◆ **شاعر سروج ڪمار وچاڻي 'ڪمل'** جو جنم سنہ ١٩٢١ع ۾ ڪنڊياري ضلع سنڌ ۾ شري چانڊومل وچاڻيءَ جي گهر ٿيو. سندس شعرن جو مجموعو 'بوندون' شايع ٿيو. ڪمل صاحب بہ آشاوادي ٿي هن جي صلاح پنهنجي شعر ۾ ڏني آهي.

نقش ماضيءَ جو مٽائي، بڻاج مالڪ حال جو،
بڻاج مالڪ حال جو، تون ڪڻ قدم اقبال جو.
زندگيءَ جي راهہ تي ٿورو صرف تحمل کپي،
هن زماني ۾ جيئڻ لئہ دل اندر بس دل کپي.

◆ ڊاڪٽر ديال آشا جو ناصحاڻو شعر

ڊاڪٽر ديال آشا جو جنم ١٦ ڊسمبر ١٩٣٦ع ۾ خيرپور ميرس سنڌ ۾ شري ڪوڙومل سوڀراج ڏاميجا جي گهر ۾ ٿيو. سندس ماتا پاري ٻائي ڀاڀي سدوري ٻائي، پتا شري ڪوڙومل ۽ چاچو شري وشنداس ڀڳت جن هئا. سندس ماما ڀڳت ٽنورمل، شري رامچند پڻ ڀڳت جن هئا. سندن پتا جو مامو ڀڳت ٿهليارام ليلارام مشهور ڀڳت ڳائڪ ۽ گياني هو. هو ٻالڪ ديال کي پاڻ سان وقت بہ وقت وٺي ويندو هو. ٻالڪ ديال کيس پيڙون ڏيندو هو. منجهند جو جلهي لوڏيندو هو. اسڪول ۾ پڙهندي ديال سوامي چرنداس مهاراج جي دربار ۾ گرمکي سکڻ ويندو هو. اهڙي ڌارمڪ ڀڳتي ميہ واتاورڻ ۾ سندس پالنا ٿي. ديش جي ورهاڱي بعد هوُ پنهنجي وڏڙن سان ڀارت ۾ آيو. اُلهاسنگر ۵ ۾ رهندي هن اسڪولي تعليم ورتي سن ١٩۵۵ع ۾ هن اسڪول ۾ ماستري ڪندي پنهنجو ڪاليج جو اڀياس بہ چالو رکيو. بي.اي پاس ڪرڻ کان پوءِ سنہ١٩٦۴ع ۾ هن ڪي.سي. ڪاليج، ايچ.آر ڪاليج آف ڪامرس ۾ سنڌي ليڪچرار جي نوڪري ڪئي. نوڪري ڪندي هن ايم.اي پاس ڪئي. اُلهاسنگر ۾ چاندي ٻائي ڪاليج برپا ٿيو. هوُ ٣۵ سال ان ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو ۽ وائيس پرنسيپال ۽ پرنسيپال جا پد ماڻيا. ان دوران هن پي.ايچ.ڊي. ڊي لٽ ڊگريون بہ حاصل ڪيون.

ديال آشا خوش نصيب آهي جو ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي وڏڙن وٽان کيس شڀ سنسڪار جي پونجي پراپت ٿي. هت ڀارت ۾ کيس سوامي ليلاشاهہ مهاراج، ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي جي آسيس ۽ پيار مليو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کيس گروءَ جي روپ ۾ پراپت ٿيا جن جي ڪمل چرڻن ۾ ويهي اُنهن جي آسيس ۽ پيار پراپت ڪيو. سوامي جن ڪوي هرديہ هئا اُنهن جي ويچارن ست سنسڪارن جو اثر ديال تي پيو. درويش دل هوندراج دکايل ۽ درويش شاعر پرسرام ضيا جي ديال آشا تي عنايت ٿي. هن اُنهن مان ڪاڄهہ پرايو. راشٽريہ ڪوي هوندراج دکايل مٿس ”آشا“ تخلص رکيو.

ديال آشا ڀاڳن وارو آهي جو وشوَ جي مهان ويوتي پوجيہ دادا جشن واسواڻي هن تي نيڻهن جي نوازش ڪئي. هوُ دادا جشن واسواڻي جي

پريم جي ڏور ۾ ٻڌجي ويو. انُهن جي عنايت سان ديال آشا جي زندگيءَ ۾ رنگ لاتو. ديال آشا ور ور دوردرشن ۽ ٻين پروگرامن ۾ ڳالهائيندي چوندو آهي ته منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج هڪ اڪ آهن پيارو دادا جشن واسواڻي منهنجي ٻي اک آهن. انُهن جي عنايتن کان سواءِ مان صفا زيرو آهيان اهڙن مهان سنتن ستپرکن جي سنگ ۾ رهندي هن سنڌي ۾ قابل ذڪر سنت ساهتيه جو سرجن ڪيو آهي. هن ڀڳتي ڪاويه جو سرجن به ڪيو آهي. ته موزون شاعري به چئي آهي ته مقالا ۽ مضمون به لکيا آهن. ساڻ ساڻ سنڌي ٻال ساهتيه جي کيتر ۾ به پاڻ موکيو آهي. سندس دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد آهي. انُ درد وچان هوُ خلق جي خضمت به ڪندو رهي ٿو. هو ٻين جو ڏک درد ڏسي چلڪي پوندو آهي.

سوامي ٽيئنورام مهاراجن جا گادي نشين سوامي سروانند مهراج، شري ساڌ ٻيلا جا مهنت آچاريه سوامي گڻيشداس مهاراج، سنت هردارام صاحب، سنت گوبندرام صاحب شداڻي دربار جا گادي نشين پڻ پياري ديال آشا کي ڏاڍو ڀائيندا هئا. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا موجوده گادي نشين سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جا پرم شش سوامي ديو پرڪاش مهاراج، ٿلهي وارا سوامي پريمداس مهاراجن جا گادي نشين سوامي واسديو مهاراج، سنت سائين چانڊورام صاحب، سائين آسودارام جا گادي نشين، شداڻي دربار جا گادي نشين سنت يڌشٽر لعل پياري ديال کي ڏاڍو سنيهه سنمان ڏيندا آهن.

سرسوتي سپتر ديال آشا سنڌي هندي ۽ انگريزي ۾ اٽڪل ٦٥ ڪتاب لکيا آهن. ذڪر ڪيل سنتن جي آسيس، ماتا پتا جا شڀ سنسڪار سبب هن سنڌي هندي ۽ انگريزي سنت ساهتيه جو سرجن ڪيو آهي. ڀڳتي ڪاويه به رچيو آهي ته سنتن ڀڳتن مهاپرشن جا جيون چرتر به لکيا آهن. ڪيس ساهتيه سرجن ۽ شيوا لاءِ ڪيترائي سرڪاري غير سرڪاري ادارن وٽان انعام سنمان عطا ٿيا آهن. پيش آهن ديال آشا جي ناصحاڻه ڪلام جا ڪي مثال:-

پراتهه ڪال جو اسين ننڊ ۾ ستل رهون ٿا. اهڙو اموليه ايڪانت جو وقت نام سمرڻ ۾ سڦلو ڪرڻ گهرجي. ڪوي بيدار ڪندي صلاح ڏئي ٿو:-

امرت ويلي جو اُٿي گڻ گوبند جا ڳاءِ،
امرت ويلو املهه آلستي ۾ نه وڃاءِ.

امرت ويلي اُٿڻ سان تنهنجو ڪلندو ڀاڳ.
سشوپتيءَ جي سيج تي ماڻنديـن تہ سهاڳ.
امرت ويلي جو اُٿي جپ پريوءَ جو نام،
چنتن ڪر چنتا ڇڏي، توکي ملندو رام.
جيڪڏهن اوهان سکي ٿيڻ چاهيو تہ ٻين کي سکي ڪريو.
من وچن ۽ ڪرم سان سڀ کي سک پهچاءِ.
سک ڏيڻ سان سک ملي، جيون سڦل بڻاءِ.
ڪوي متر ياشي ٿيڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو:-
ٻاڙو ڪنهن سان ٻول نا، سڀ سان مٺڙو ٻول
پريو توکي موٽ ۾ ڏيندو مٺڙو ٿول.
جيون ۾ ديا جو گڻ اپنايون، ٻين تي ديا ڪرڻ سان پرماتما اسان تي ديا ڪندو. ديا ڪرڻ سان ڀڳوان راضي ٿئي ٿو.
ديا ڪري جو سين تي تنهن تي راضي رام،
جنهن تي راضي رام آ، پائي سو وشرام.
ديا کان سواءِ انسان پسون آهي. ديا ئي هر ڌرم جو بنياد آهي. ديا نہ صرف مانو ماتر تي پر سيني پراڻين تي ڪرڻ گهرجي.
ديا بنا انسان آ جڻ تہ پسونءَ سمان.
ديا ڌرم جو مول آ، ويدن جو فرمان.
ڪنهن کي بہ ستائڻ گناهہ آهي، رنجائڻ بدران سيني کي راضي ڪريون.
ڪنهن کي ڪين رنجاءِ تون سڀ ۾ آهي رام،
لوڪن کي ڏي پيار تون تن ۾ آ گهنشيام.
سمرڻ، سيوا، سادگي ستيہ ساهنيوتي سنيهہ.گڻن کي اپنائڻ سان اسانجي زندگي چمڪندي.
سمرڻ سيوا سادگي همدردي ۽ پيار
چمڪن گڻ جنهن ۾ اِهي، سو چمڪي چوڌار
اسان کي من مان وير وروڌ ڪڍي سين سان ڀلائي جا پير پرڻ گهرجن.
سائين سڀ ۾ ٿو وسي ڪنهن سان رک نا وير،

پرو هلي يا ڪو پلو، سڀ جو گهر تون خير.
ڪنهن سان رک نا وير تون سڀ کي ڪر تون پيار،
وير مان ڪاجهہ نہ وٺيندين، اهو اُتم ويچار.

جنهنجي دل ۾ پيار آهي سوئي انسان سڏائڻ لائق آهي. جنهن اندر نفرت آهي سو شيطان آهي.

جنهنجي دل ۾ پيار آ سو آهي انسان
نفرت جنهنجي نيض ۾ سو آهي شيطان

انسان ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندي هتاش ٿئي ٿو. ڪوي اُن کي آٿت ڏيندي چوي ٿو:-

مالڪ کي تون ياد ڪر ڪنهنجي ڪيج نہ ڪاڻ،
تون نا اڪيلو آهين، صاحب تو سان ساڻ.

اسان مان ڪيترا گگدامن کي کهائي اُنهن جو ماس کائيندا آهن. ڪوي اُنهن کي تاڪيد ڪندي چوي ٿو :-

معصومن تي ڪهل ڪيو، سڀ گوبند جا ٻار،
کائيندا جي انهن کي مالڪ ڏيندو مار.

من جي سواري وڪارن تي آهي انسان کي اُنهن جي واڳ سوگهي جهلڻ گهرجي. جي اُنهن کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏبو تہ اُهي راڳا ڪندا. انڪري ديال آشا پنهنجن ٺي وڪارن مان ٿيندڙ نقصان کان پنهنجي دوهن چوپاين ۽ ٻيگتي ۽ گيتن دواران آگاهہ ڪندي صلاح ڏئي ٿو :-

ڪام:-

ڪام جيو کي انڌو بڻائي
تياڳ ۽ شڪتي سندس گهٽائي،
ڪين سکي ٿي هرگز ٻوڪي،
ٻوڪي ٻوڪي ٿي ٿو روڳي.

ڪروڌ :-

ڪروڌ تہ رت جو داپ وڌائي،
تن من کي نقصان رسائي،
ماڻهوءَ کي چنڊال بڻائي،

شانتي من جي ڪروڌ وڃائي.

ڪروڌ ۽ ڪلڪل سبب اسانجا گهر نرڪ ٿي پون ٿا ۽ جيئڻ جنجال ٿي پوي ٿو:-

دوهو :

جت سنتوش ۽ شانتي سو گهر سرڳ سمان،
جت ڪل ڪل ۽ ڪروڌ آ، سو گهر نرڪ جهان
ڪروڌ ڪرڻ سان ٿو ٿئي تن من جو نقصان،
ٻي جي ٻي دل ٿي دکي، ويرٿ ڀڄ ۽ دان.

ڪوي هڪ گيت دواران پڻ ڪروڌ کان ڪنارو ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو.

ڪروڌ کان پيارا ڪر تون ڪنارو،
ڪروڌ مان ٿئي ٿو نقصان پيارا!
١. ڪروڌ ڪرڻ سان وروڌ وڌي ٿو،
وروڌ مان جهڳهرو جيهڙو ٿئي ٿو. صبر ۾ تنهنجو شان پيارا!
٢. ڪروڌ جي اگني ڪئين نہ جلائي،
تن من کي نقصان رسائي، پهچائي شمشان پيارا!
٣. ڪروڌ ڪري ڪنهنجي دل نہ دکائج،
وات ڪميا جي تون اپنائج، اهو سنتن جو گيان پيارا!
٤. جپ تپ دان وڃي ٿو ويرٿ،
ڪروڌي ڪري ٿو ڪيڏو انرٿ. سندس ٿئي اپمان پيارا!
٥. ”آشا“ ڪنهن تي ڪروڌ نہ ڪر تون،
ڪميا ديا ۽ ڌيرج ڌر تون، تنهن ۾ تنهنجو ڪلياڻ پيارا!

لوڀ:- لوڀ انسان کي اتڪائي ترشنڪوءَ وانگر لٽڪائي ٿو.

چوپائي:-

لوڀ ڪتي سان ڳڌ ڪارائي،
لوڀ منش جي ننڊ ڦٽائي،
لوڀ ڪئي ٿو پاپ ڪرائي،
رت سان رت کي ٿو ويڙهائي.

هڪ ٻي گيت ۾ شاعر لوڀ مان ٿيندڙ نقصان کان آگاهہ ڪندي لوڀ

نہ ڪرڻ جي نصيحت ڏئي ٿو:-

لوڀ نہ ڪر تون اي انسان!
لوڀ ڪُتي سان ڳنڍ ڪارائي،
١. لوڀ ڪرڻ سان لوڀ وڌي ٿو،
آخر ماڻهو دکي ٿئي ٿو،
جهيڙا جهڳڙا ٿين ٿا خوب،
لوڀ ڪورٽ جا در ڪڙڪائي، لوڀ ڪُتي سان ڳنڍ ڪارائي!
لوڀ ڪئي ٿو پاپ ڪرائي.
٢. لوڀ جي وس ڪئين موذي مري ٿو،
لوڀ جي باهہ ۾ پيو سڙي ٿو،
ڪين رهي ڪا شناخت ٿي،
پائہ پائہ سان لوڀ ويڙهائي! لوڀ ڪُتي سان ڳنڍ ڪارائي!

موهہ:- چوپائي:-

موهہ دکن جو ڪارڻ آهي.
جنم جنم ۾ ٿو ڀٽڪائي،
ڪنهن ۾ موهہ نہ رک تون پيارا!
لوڪ اٿي مطلب جا سارا!

سنساري پدارٿ ۽ سنبنڌين ۾ موهہ رکڻ سان من اشانت رهي ٿو.
آسڪتي دک دائي آهي. اناسڪت ڀاوَ سان رهڻ ۾ ئي آنند آهي.

اهنڪار چوپائي:-

اهنڪار ٻوڙؤ انڌو بڻائي،
ڏاڍائي ۽ ظلم ڪرائي!
شي ڪرمن جو ڦل بہ گهٽائي،
راوڻ پارا مٽيءَ ملائي!

آڪڙ ايمان انسان کي ڪيرائيندو آهي. ٻي هڪ گيت ۾ پڻ گيتڪار
ديال آشا نصيحت ڏئي ٿو:-

ڇا ٿي ڪرين اهنڪار پيارا!
تنهنجو هتڙي ڪجهہ ڀي ناهي!

١. سڪندر ڪارون متيءَ ملي ويا!
ڪوڏي پي سي ڪين ڪٽي ويا!
ويا روئندا زارون زار پيارا.
٢. عهدي جي آڪڙ آ اجائي،
طاقت تي ڪر تون نہ وڏائي،
”آشا“ ڪنهن تي نا اعتبار پيارا!

انسان کي سيني سان پلائي جا پير پرڻ گهرجن. جيڪڏهن هو ٻين جو ڀلو ڪندو تہ پريو سندس ڀلو ڪندو. شاعر صلاح ڏيندي چوي ٿو.

ڀلو چاهين پنهنجو ڪر ٻين جو ڀلو،
ڀلو جي ڪندين تہ ٿيندءِ سائو سلو.
١. اڇي جو سوالي نہ تنهن کي موٽاءِ،
موٽائي نہ ڪنهنجي تون، دلڙي دکاءِ!
٢. ڏٽي جي ڏني مان سدا ڏيندو رهہ تون،
سدائين غريبن سان پيارا نہ وهُہ تون.
٣. جي ٻين کي تون ڏيندين، ڏٽي توکي ڏيندو،
سدائين هوُ تنهنجو مددگار ٿيندو!
۴. جيڪا پوک پوکين تون لڻندين اُها ئي،
نہ ڪنهنجي ڪمائي وجي ٿي اجائي.
٥. دکين ۽ بکين جي ڪري تو جو خذمت
اُنهيءَ تي ٿئي ٿي ڏٽي جي تہ رحمت.
٦. ”آشا“ پريم سان ڪر سين جي تون شيوا،
پريو توکي ڏيندو مهر جا تہ ميوا.

هي نصيحت پريو گيت اسانجي ڪيڏي نہ سونهپ ڪري ٿو.
ڪوي دان ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي چوي ٿو:-

داتا دولت آ ڏني، خوب ڪيو پُنج دان،
دان ڪرڻ سان تن وڌي ٿئي جڳت ۾ شان.
دان ڪرڻ سان تن وڌي، وديا ڏيڻ سان گيان،

کوهہ مان پاڻي نا ڪٽي وچ ڏيندو انسان.

سچو ڏنو ان اُهو آهي جو نام جو خزانو سنگرهہ ڪري ٿو. سائين جي ڪرپا سان ئي اهو خزانو ملي ٿو.

جنهن تي مهر ڪري گرو ڏئي نام جو دان،
نام نڌي جو گڏ ڪري سوئي سچو ڏنو ان.

ڏوڏي تي ڏوڏو پچڻ سان نقصان آهي غم کائڻ ۾ جس آهي.

غم ڪائي جيڪو هلي ، تنهن جو جڳت ۾ جس
ڏوڏي تي ڏوڏو پچي تنهن کي لڳي ٿي ڪس.

اسان مان ڪيترا ناحق حسد ايرکا جي باهہ ۾ پاڻ جلائي رهيا آهن. تن من جو نقصان ٿئي ٿو. پر پيار ڏيڻ سان انسان پاڻ بہ خوش گذاري ٿو ۽ ٻيا بہ خوش گذارين ٿا.

حسد ايرکا مان ٿئي تن من جو نقصان،
پيار ڏيڻ سان پاڻ خوش پرسن ٿئي ٻيگوان.

آڻ مڃڻ سان دل جو بار هلڪو ٿئي ٿو. جهڳڙو ختم ٿئي ٿو هٺ هوڏ ڪرڻ سان نقصان رسي ٿو.

آڻ مڃي جهڳڙا ڇُٽا چوٽي اها هنداءِ
آپو ۽ تون هٺ ڇڏي شانتي سک کي پاءِ.

ديال آشا خلق جي خدمت ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چيو آهي :-

آهي خالق خلق ۾ خلق جي ڪر خدمت
سڀ ۾ ساڪي ٿو وسي، سڀ سان ڪر محبت.

سائين جي در سياٽپ ڪين هلندي، اڻ ڄاڻ اڳهاڙي ويندا انڪري شاعر صلاح ڏئي ٿو.

ڏڏن جو ڏاتار آ، ڏڏ تي تون نہ گذار،
سياٽپ هلندي ڪين ڪي داتا جي دربار.

سنگتن ۾ سگهہ آهي. انڪري ايڪتا م رهڻ گهرجي شاعر صلاح ڏئي ٿو

جت ايڪو آنند تتي پريم جي جوت ٻري،
ايڪي ۾ ئي ٻل ٻڌي آئي وپدا ٽري.

اڄ اهڙي هوا لڳي آهي جو جن ماتا پتا جنم ڏنو آهي ۽ پيا گهر جا وڏڙا تن جو نہ آدر ڪيو ٿو وڃي. شاعر اُنهن جي شيوا ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي چوي ٿو:-

شرڌا ادب ۽ پريم سان ڪري ٿو جو شيوا،
ڪتني آسيس وڏن جي ملن تنهنکي ميوا.

گلا تہ منهين ترار آهي، جيڪو گلا ڪري ٿو جنهنجي گلا ڪري ٿو جيڪو گلا ٻڌي ٿو تنهي جو نقصان آهي. انڪري شاعر تاڪيد ڪري ٿو:-

گلا تہ منهين ترار آ ڪنهنجي گلا نہ ڪر
ڪين پٽر اُجلاءِ تون گلن سان دامن پر.

شاعر سانت ۾ گذارڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو:-

ماڻ ۾ آهي مزو ماڻ جو ميوو تون کاءُ،
ماڻ ۾ مالڪ ملي، ماڻ جو وٺ تون هٻڪاءُ.

سانت ۾ ويهي وقت گذار
ڪيچ بہ نہ ڪنهن سان پيچ نا ڪنهن ڪان.

١) ٻالهين مان ٻالهوڙو ٿئي ٿو،
تيليءَ مان تنيپ جهڳڙو ٿئي ٿو.
پاڻ مان ماڻهو ٿئي بيزار- سانت ۾ ويهي وقت گذار.

٢) مؤن ڪي سون برابر ڄاڻج،
مؤن رکي تون پاڻ پڇاڻج،
دل ۾ ڪر دلبر ديدار- سانت ۾ ويهي وقت گذار.

٣) ٻالهائڻ سان شڪتي وڃي ٿي،
سو اسن جي پوناجي گهٽاجي ٿي
'آشا' پريوءَ جو ڪر ويچار- سانت ۾ ويهي وقت گذار.

شاعر دوهن چوپاين ۾ ڪي نہ ڪي نصيحتون ڏنيون آهن. جيڪي وهنوار ۽ پرمارٿ لاءِ ڪارگر آهن. گيتڪار ديال آشا موزون شاعري ۾ بہ ڪي نصيحتون ڏنيون آهي پيش آهي غزل جو بند:-

جت بي رخيءَ جو عالم اُتي پيررو نہ پائجي،

ڪمڙو ملي جي طعام تہ هرگز نہ کائجي.

ديال آشا پيار جو پيغام ڏيندي صلاح ڏئي ٿو:

ڪير ۾ پيارا ڪنڊ ٿيو!
سدا سڀن کي پيار ڏيو.
امرت جو چشمو آ پيار،
پيار ئي جيون جو آڌار،
پيار ۾ ڪيڏو آنند آهي،
پيار واري کي هرڪو چاهي،
پيار ۾ آهي ڪيڏي شڪتي
پيار ئي آ پريوءَ جي ڀڳتي.

شاعر سمرڻ ۽ سيوا جو سنديش ڏيندي چوي ٿو:٦

سچو سک تہ سمرڻ ۽ سيوا ۾ آهي،
گروءَ جي ڪرپا سان ڏٺو آزمائي،
ڪري شيوا سمرڻ عمر ڪر سجائي،
”آشا“ تون ڪندو رهہ سڀن سان ڀلائي.
ڏٺيءَ جو رکي خوف ڪم جو ڪري ٿو،
رهي پاپ کان سو سدائين پري ٿو.

منش کي سدائين شُڪرت جا ڪم ڪرڻ گهرجن تہ مٿس مالڪ جي مهر ٿيندي.

سدا ”آشا“ شُڪرت جا ڪم جو ڪري ٿو،
الله جي عنايت سان وارو وري ٿو.

شاعر ڀيائيءَ کي ڇڏي خودشناس ٿيڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ جن جي اندر ۾ غير آهي سي پرماتما کي ڪيئن پسندا. شاعر صلاح ڏئي ٿو:-

ڇڏ ڀيائي کي تون ڀوڙي، ٿي سدائين خود شناس،
سي پرينءَ کان ٿيا پري، اندر نہ جن جو آ صفا.

گيتڪار اهنسا جي ڪاڏي کائڻ کان منع ڪندي صلاح ڏئي ٿو:-

پکي پسون سڀ روپ پريوءَ جا،

تون تن کي کهائي کائين ٿو!
سنگدل هاڻي موم دل ٿي تون!
چو نہ ديا جي جوت جڳائين ٿو!

جن جي قلب تي ڪلفت جي ڪٽ لڳي ويئي آهي، سي ڪيئن پرين پسندا! انڪري شاعر تاڪيد ڪري ٿو تہ ان ڪٽ کي پيار سان چمڪايو!

ڪفلت جي ڪٽ قلب تي آهي،
اُلفت سان تنهنکي چمڪايو،
من ميري کي صاف ڪرڻ لئہ،
سڪ جو صابڻ خوب لڳايو،

ڊاڪٽر ديال آشا جي پڳتي ڪاويہ ۾ تہ انيڪ نصيحتون آهن، جيڪي وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ راهہ روشن ڪن ٿيون مُٺ مان خرار جي خبر پوندي آهي.

◆ **شاعر گوپ گولاٽي صاحب** ۱۲ مارچ سنہ ۱۹۳۵ع ۾ ڳوٺ بنگو ديرو ضلع لاڙڪاڻي سنڌ ۾ ڄائو. هن بي.اي. ايل.بي. امتحان پاس ڪيو. هي شاعر ڪيترائي سال پنجاب نئشنل بئنڪ ۾ نوڪري ڪندو رهيو. پنهنجي اورچائيءَ ۽ قابليت سان پهرين بئنڪ جو مئنيجر ٿي رهيو. سنہ ۱۹۹۵ع ۾ هي صاحب پنجاب نئشنل بئنڪ جو جنرل مئنيجر جي پد تي هوندي رٽايرڊ ڪيو. پنجن سالن جي عرصي ۾ هن صاحب سنڌي ناول، سنڌي ڪهاڻي ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ پاڻ موکيو آهي. پيش آهن سندس ڪي ناصحاڻہ تڪڙا (هاٽيڪا) شاعر سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو تہ ٻاهرين اکين جي جوت سان ڏسين ٿو پر ان جوت کي جڳائڻ واري آتمڪ جوت آهي. اُن جو چنتن ڪر.

اکين ۾ آ جوت
جوت پٺيان جا جوت
ڪر تنهنجي ڳڻ ڳوت.

هڪ جانب جي جمال سبب اسان سين ۾ هستي آهي. اسين هڪ ڏاٽيءَ جا ئي ٻاچا آهيون پوءِ بہ اسان ۾ ڪيڏي نہ سيٽ آهي! هڪ ٻئي کان پاڻ کان الڳ

سماجھي ويٺا آهيون.

تون آهين ۽ مان
آهيون پاڇا هڪ جا
ڇا جو ڪرين ڳمان!

اسين زندگيءَ جو پورو قدر ڪين ٿا ڪريون. مانش جيون ڏنيءَ سڀ ... سوغات آهي. پر اسين وئرٿ وڃائي رهيا آهيون. ڇو اسانکي اها جيون انين ملي ...

جيون هڪ سوغات
پر وڃائي نو ڇڏي
سماجھي ڪا خيرات

انسان کي پنهنجي تن پدارٿ جو اني سونهن. علم عقل جو ڳمنڊ نه ... اها سکيا شاعر هاٿي ۽ ڪوليءَ جي پرتيڪن دواران ڏني ٿو.

ڪونه ڪاجي ايمان
ڪرلي پڻ هاٿيءَ جا
وٺي سگهي ٿي پران.

◆ شاعرا رڪمڻي چنناڻي تعليم ۽ ادب جي کيتر ۾ يوگدان ... اسڪول جي پرنسيپال ٿي سون وديارٿين جي سونهپ ڪندي رهي. سندس ... پرسد ڳايڪ سي. ايچ. آتما جي ياءُ شري سندر چنناڻي سان ٿيو. جو انيءَ ... ڪيس ڏهاڳ جو ڏک ڏسڻو پيو. پيڻ رڪمڻي همت رکي زندگيءَ جي شاهه راهه ... وڌندي رهي. سندس شاعريءَ جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيا آهن. سنڌي ... جو سنڌي ادب ۾ يوگدان سندس قابل ذڪر مقالو آهي. سندس تخلص رشم آهي. رڪمڻي دنيا جي بي اثباتي بيان ڪندي بيدار ڪري ٿي.

آئي هئي گهڙي ڪن لاءِ گلستان ۾ بهار
مکڙيون ڦٽيون ۽ گل ٽڙيا سهڻا لڳائي ٿي خار،
هڪ ئي هوا جي جهونڪي ۾ گلزار ويران ٿي ويو!

شاعرا رڪمڻيءَ جو هيٺيون مشهور ڪلام نصيحت آميز آهي :-

نه تون رهندين نه مان رهندس، نه ڪاجهه رهندو وڙهون ڇا لئه!
فقط هڪ يار جو نالو وڃي رهندو، وڙهون ڇا لئه!
١) محبت ڏي محبت وٺ، محبت ۾ مزو آهي.
اِهو ئي آهي دنيا ۾ ساچو سودو وڙهون ڇا لئه!

٢) نہ ڪر ايمان تون ايذو! حياتيءَ تي بقا ڪھڙو!
مٽيءَ جو ھي مڪان آھي، ڀھي پوندو، وڙھون ڇا لئہ!

اسين ٿوري گھڙي ڳالھہ تي پاڻ ۾ وڙھون ٿا. دنيوي پدارٿن لاءِ زر زمين لاءِ لڙون ٿا. سڀ فنا آھي. ھڪ ٻئي کي پيار ڏيون اِھوئي سچو سودو آھي.

◆ **شاعر ذوالفقار راشدي صاحب** سنہ ١٩٣٨ع ۾ پير ڳوٺ رتي ديري تعلقي ۾ محمد امام شاعر راشديءَ جي گھر تولد ٿيو. زمينداري ڪندي ھن سنتي ڪماٽي ۽ شعر و شاعريءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي. 'سوچ کي لوچ' سندس شعرن جو مجموعو آھي. شاعر ترم ۽ مذھب جو تڪرار ڏسي پيار جو پيغام ڏيندي چوي ٿو :-

وٺيون وڃائي، فرق مٽائي، پيار وڌايون آءُ!
تون ڇو ھندو، مان ڇو مومن، آءُ تہ سوچيون ياءُ!
ھائو اءُ مڃيان ٿو، مونکي ھڏ ناھي انڪار،
منھنجو مذھب آھي محبت، منھنجي پوڄا پيار.

◆ **شاعر عنايت بلوچ صاحب** جي شعرن جو مجموعو "تند ڪٽارو ڪند" شايع ٿيو آھي. ھي صاحب پڻ پنھنجي شعرن ذريعي محبت ۽ انسانيت جو پيغام ڏيئي چوي ٿو :-

محبت ۽ انسانيت منھنجو مذھب،
محبت ۽ ايمان ۽ دين دولت،
محبت سواءِ ڪو اکر ڪين ڄاڻان نہ ڪلفت،
نہ نفرت نہ ڪينو سڃاڻان.

دنيا ۾ حسد جي باھہ ٻري ٿي، نفرت وڌي ويئي آھي. مٿيان مذڪور شاعر انسانيت ۽ محبت جي نصيحت ڏين ٿا.

◆ **گيتڪار نندلعل راجپال** جو جنم ٢٤ فيبروري سنہ ١٩٣٨ع ۾ ٺلھہ ڳوٺ ضلع حيڪب آباد سنڌ ۾ شري روپچند ھولارام راجپال جي گھر ٿيو. سندس ماتا خوشي ٻائيءَ ۽ پتا شري روپچند ڌارمڪ پرورتي وارا ھئا. سنڌ ۾ ٻالڪ نندلعل سنت ساماڻارام جي آستان تي وڃي اُن جي شيوا ڪندو ھو، گيت گنگنائيندو ھو. ديش جي ورھاڱي بعد ڀارت ۾ ھن انجنئرينگ امتحان پاس ڪري نوڪري ڪئي.

هاٿي هوَ بلبر آهي. سندس پتني ششي بہ هڪ پيار واري پيڻ آهي. جوڙو جيس آهي. هن صاحب جي گيتن شعرن جا ٽي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. هن صاحب سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي جيوٽي سنڌي بيتن ۾ لکي آهي. هن صاحب جي ڪلام ۾ بہ ڪي نصيحت آميز نڪتا آهن.

اڄ ڪلهہ اهنڪار ايڏو وڌي ويو آهي، جو هرڪو سيرسڏائي ٿو. هرڪو هڪ ٻئي کان ٿهي ٿو. ماڻهن ۾ محبت ڪين رهي آهي.

امڙي هوا لڳي، جو هرڪو ئي ڪترائي ٿو.
آپو ايڏو وڌي ويو آ. هرڪو سير سڏائي ٿو!

اهنڪار مغروري انسان کي ڪرائيندي آهي. انڪري اهنڪار جو تياڳ ڪري سڀن سان سنيهہ سان هلون.

چوٽي آهي خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪونهي، مرڪ جهڙي مٺائي ڪونهي. اڄ ڪلهہ انسان جي ڪهڙي نہ مانسڪ حالت آهي. جو هوُ هڪ ٻئي سان پريم سان بہ ڪونہ ڳالهين. اشاري سان پيا ڳالهائين شاعر راجپال چوي ٿو :-

خوشي ۽ مُرڪ موڪلائي ويا آهن!
اشارن ۾ سڀئي ڳالهائي رهيا آهن.

شاعر راجپال صاحب کي نياڻين لاءِ ڪيڏي نہ همدردي آهي. هوُ اڄ ڪلهہ جي گهوٽن تي طنز ڪندي چوي ٿو :-

سپنن جو سنسار سجائي،
چڙي آئي آشيانو پنهنجو،
پر دلهن جي پيار جو ملهہ،
سمجهيو ويو واپار!
گهوٽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ وڪامي ٿو،
خريدي ڪوئي،
'نردوش' نياڻين جي هلي ڏيڻ،
ڪيتري قدر درڪار!

اسانکي نياڻين تي ڪمل ڪرڻ گهرجي. لالچي چوڪرن کان باز رهڻ گهرجي.

◆ **شاعر گورڌن شرما گهايل** هن صاحب جو جنم سنہ ١٩٤٠ع ۾ ميهڙ سنڌ ۾ مهراج ناماديو شرما جي گهر ۾ ٿيو. هي شاعر پهرين دبڪن ڪاليج ۾ سنڌي لغات جي تيار ڪرڻ ۾ مشغول رهيو ۽ پوءِ پونا نوين هند هاءِ اسڪول ۾ ماستري ڪندي سوَن وديارٿين جي سونهپ ڪندو رهيو. پونا ۾ ساهتيڪ سرگ

رمين ۾ به سرگرم رهيو. ڪجهه سال هن دبئيءَ جي انڊين اسڪول ۾ پڻ نوڪري ڪئي. ’چيڙ سکي سرگم‘ ڪونجون تيون ڪڏڪڻ ’قلم جو سپاهي‘ سندس شاعريءَ جا مجموعا شايع ٿيا آهن. سندس ڪي ناصحاڻا شعر ملن ٿا. مسئلو ۽ مشڪلاتون ڏسي اسين نراس نه ٿيون پرشارٿ سان سڀ دقتون دور ٿي وينديون ۽ سڦلتا پراپت ٿيندي شاعر گورڌن گهايل صاحب اها نصيحت ڏيندي لکيو :-

نه اهڙو ڪو مسئلو آ، سڏي جنهنکي سگهون مشڪل.

ڪبي ڪوشش ته پربت پيي، ڦري گلزار ٿي پوندو.

ساڳيو خيال دهرائيندي شاعر مصيبت وقت به مسڪرائڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

ڪاميابي پڻ قدمن ۾ اچي ڪرندي اگر،

هر مصيبت جي سمي، مسڪرائيندا هلو.

ڪن ماڻهن جي عادت ٿيندي آهي ٻين جا گهر ڊاهڻ. اهڙن شخصن کي شاعر صلاح ڏئي ٿو :-

جيڪڏهن ڪنهنجو گهر ٺاهي سگهيو تون ناهين،

ته ٻيا گهر تون ڦٽائڻ ٿو گهرين ڇا جي لئه!

مذڪور بند ۾ شاعر جوڙجڪي من ورتيءَ وارو ٿي رهڻ جي صلاح ڏني آهي. ڪيترا شخص ٻين کي نقصان پهچائڻ لاءِ اُنهن لاءِ کڏون کوٽيندا آهن. اهڙن انسانن کي شاعر آگاهه ڪندي چوي ٿو :-

پاڻ ڪرندين جي ٻين لاءِ کڏون کوٽيندين،

پاڻ کي پاڻ مٽائڻ ٿو گهرين ڇا جي لئه!

شاعر ڪوڙ کان ڪنارو ڪرڻ جي صلاح ڏيندي لکيو ته ناڪاري ڪم نه ڪر، ڊاهڻ جا ڪم نه ڪر، ڪنهن سان ڊوهه نه ڪر.

ڪوڙ جي وٽجي ڪين پناهه،

هي جڳ ڪنهن سان نينهه ناهي،

ڇڏ ڙي پيارا! ڊوهه ۽ ڊاهه،

هي جڳ ڪنهن سان نيبهه ناهي.

♦ **شاعر هيرو ٺڪر صاحب** عالم اديب ۽ شاعر آهي. سندس جنم ۳ مارچ سنه ۱۹۴۳ع حيدرآباد سنڌ ۾ شري ڇيتالعل ٺڪر جي گهر ۾ ٿيو. ديش جي ورهاڱي بعد هي پيارو اُلهاسنگر ۾ اچي رهيو. سندس ابتدائي تعليم به اُلهاسنگر

۾ تي. شاعر پرسرام ضيا شعر و شاعريءَ ۾ سندس سونهپ ڪئي. سنہ ١٩٦٢ع ۾ ياءُ هيرو ٺڪر جي قومي گيتن جو مجموعو گوليون شايع ٿيو. هن آڪاشواڻي دهليءَ جي سماچار وڀاڳ ۾ ٣٧ سال نوڪري ڪئي ساڻ ساڻ اپياس ڪندي هن عالماڻہ مضمون بہ لکيا تہ شاعري بہ لکي. هوُ دهليءَ جي ساهتيڪ ۽ سانسڪرتڪ سرگرمين ۾ سرگرم رهيو. ساهتيہ اڪادمي کيس 'تحقيق ۽ تنقيد' ساهتيڪ مضمون تي انعام عطا ڪيو. دهلي سنڌي اڪادمي سندس تصنيف 'انڌلٺ' تي انعام عطا ڪيو. هن صاحب قديم سنڌي شاعر قادي قادن جي ڪلام جي کوج ڪري 'قادي قادن جو ڪلام' شايع ڪيو. ان سبب سنڌ هند ۾ سندس هاڪ ٿي. هن صاحب جا ڪجهہ ناصحاڻہ شعر ملن ٿا. پيش آهي سندس هڪ رباعي جنهن ۾ شاعر صلاح ڏئي ٿو تہ وقت جي تقاضا موجب وهنوار ڪرڻ گهرجي. هوا جي رخ ڏسي زندگيءَ روپي ٻيڙي هلائڻ گهرجي :-

وقت جي گهر ڪري وهنوار کي بدلڻ گهرجي
راهہ جي ڍنگ جي رفتار کي بدلڻ گهرجي
ناوَ جيون جي ڪناري تي لڳائڻ خاطر
هوا جو رُخ ڏسي، پتوار کي بدلڻ گهرجي.

شاعر هيرو ٺڪر خلق جي خدمت ۽ اللهہ جي عشق کي الله جي بندگي سمجهي ان راهہ تي هلڻ جو اشارو ڪري ٿو :-

خلق ۾ جنهن ڏٺو خدا هوندو، ماڻهو ڇا جو سو ديوتا هوندو.
عشق کي ئي جو عبادت سمجهي، ڪو اُنهيءَ جهڙو پارسا هوندو!

♦ **سنت برهمانند مهاراج** پريم پرڪاش منڊل جي پرمپرا جو ودوان سنت آهي. هي سوامي بسنترام مهاراجن جي ڪرپا سان پرڳتيءَ جي پٽ تي وڌيو. سندس جنم ١٤ جولاءِ سنہ ١٩١٩ع ۾ ڪنڊو ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ شري وسندمل جي گهر ٿيو. سندس جنم جو نالو شري لڇمڻداس آهي. هن شاستري امتحان پاس ڪيو. سمرپت ڀاوَ سان پنهنجي ستگرو سوامي بسترام مهاراجن جي شيوا ڪئي. سوامي بسنترام مهاراج ٢١ ڊسمبر سنہ ١٩٨٠ع ۾ برهملين ٿيا. ١٤ جنوري سنہ ١٩٨١ع ۾ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ منڊل جي سنتن گڏجي سنت لڇمڻداس کي ڀيک ڏئي سندس نالو سنت برهمانند رکيو ۽ کيس سوامي بسنترام مهاراجن جي گاديءَ تي وهاريو. سنت برهمانند مهاراج سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش منڊر اجمير ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي جوت جڳائيندو رهي ٿو. هن سورت ۾

پڻ پريم پرڪاش مندر برپا ڪيو آهي. سوامي برهمانند پرمپرا انوسار ڀڳتي ڪاويہ جي رچنا ڪئي آهي. هي صاحب ماتا پتا ۽ گروءَ جي شيوا ۽ عزت ڪرڻ وارن شاخصن کي ڀاڳياوان ڌنوان سڏي ٿو. وڏڙن کي نت نيم پرڻام ڪرڻ سان، اُنهن جي شيوا ڪرڻ سان نصيب کلي ٿو.

ماتا پتا گرچرڻن ۾ جيڪو روز ڪري پرڻام،
ڌن ڌن آ انسان سو جڳ ۾ ساچو ڌنوان
ڌن ڌن سي ٿئي جڳ ۾، جن ڀي ڪئي مات پتا جي سيوا
وار نہ ونگو تنهن جو ٿيندو اُن کي ملندا ميوا.

مانس شراب سگريٽ وغيره کان ڪنارو ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ڪوي صاحب چوي ٿو :-

پان بيڙي سگريٽ تنباڪو نشا سڀ ئي ٿي خراب
مانس کائڻ وڏو پاپ ٿي پيارا پي نہ ڪڏهن تون شراب.

سوامي برهامنند من جي شانتي ۽ آڌياتمڪ اُنتيءَ لاءِ صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

ڀي ڏي نهارين جي، اُن جي چڱائين ڏي،
پرجي نهارين تون، پنهنجي مداين ڏي
رک ڌيان تون پنهنجو، ڏس ڏوهہ نہ ڪنهنجو،
پر نندا کان تون بچي، جيون سڦل ڪر پنهنجو
آهي سک جي اوٽ اها جي شانتي من جي چاهين.

سچو انسان اُهو آهي جو ڪنهنکي ڪين رنجائي ٿو. سڀن سان پريم سان هلي ٿو ۽ شيوا ڪري ٿو :

شيوا سچي ۽ پريم ڪري انسان سچو آ سو،
نا دل دکائي ڪنهنجي انسان سچو آ سو

ڪوي صاحب سچي منش جون وصفون بيان ڪندي اسانکي بہ انهن گڻن کي اپنائڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

منڙي واڻيءَ سان سدا متر سچو وهنوار ڪري،
ماس شراب جو تياڳ ڪري ۽ سادو شڌ آهار ڪري.
نندا چوري چغليءَ کان بچي انسان سچو آ سو.

ڪوي ساڌڪ کي صلاح ڏئي ٿو :-

چنتن ڪر چنتا نا ڪائي، برهمانند هر نام سمر،
تنهنجا ڪاتا سيئي ٿيندا ڪورا. ڪر ڪرم سچا تون سدورا!

♦گيتڪار سُندر منگهاڻي ”شيام“ جو جنم ٣ جنوري سنہ ١٩٤١ع ۾ ٽنڊو آدم سنڌ ۾ شري گهنشيامداس منگهاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. شري گهنشيامداس ديش ڀڳت بہ هو تہ ايشور ڀڳت بہ هو. هن ديش جي آزادي آندولن ۾ سڪريہ ڀاڱ ورتو. سندس ماتا بہ ڌارمڪ ويچارن واري هئي. پياري سُندر کي ننڍپڻ ۾ ئي شڀ سنسڪارن جي سمپتي ماتا پتا وٽان ملي. ديش جي ورهاڱي سبب پريوار سان اُلهاسنگر ۾ اچي رهيو. پياري سندر اسڪولي تعليم اُلهاسنگر ۾ ورتي هو پنهنجي اورچائيءَ سان انجنيئر ٿيو. ڪيترن سالن کان هي پيارو پنهنجي پريوار سان دبئيءَ ۾ رهندو آهي. هن پياري دبئيءَ ۾ اليڪٽرسٽي بورڊ ۾ انجنيئر جي نوڪري ڪئي. ڪجھہ سالن بعد هن نوڪري ڇڏي پنهنجي ڪيتر ۾ پنهنجو ڪم شروع ڪيو. پياري سندر جي ڪنٺ ۾ سرسوتيءَ جو واسو آهي. هوُ گيتڪار بہ آهي تہ مٺو گايڪ بہ آهي. سندس گيتن جا ٽي سگرهہ شايع ٿيا آهن. سندس منْ ۾ ستسنگ ۽ پريوءَ لاءِ پياس آهي. هن صاحب جي گيتن ۾ ڪي نصيحت آميز نڪتا بہ آهن. هڪ گيت ۾ هي پيارو چوي ٿو ستگروءَ گهڻيئي گيان جو ڳالهيون ٻڌايون آهن. پر اسين عمل ڪين ٿا ڪريو :-

ستگر سمجهائي هر بار گيان جون ڳالهيون ڪئي هزار،
دهرائي مرڪو هر بار، عمل ڪري ٿو ڪو هڪ وار،

عمل ڪرڻ سان ئي فيض حاصل ٿيندو. گرو ور ور سمجهائي ٿو تہ ڪنهنجا عيب نہ گوليو پر اسين اجايو ڪنهن کي بدنام ڪيون ٿا.

ستگر چوي نہ عيب اگهاڙيو پنهنجي عيبن ڏي نهاريو،
مگر مزو نہ اچي اسانکي جيسين ڪنهن کي ڪريون نہ خوار!

گرو اسانکي ور ور سمجهائي تہ پاڻ ۾ پريم وڌايو، ونڊي ورهائي کائو پر اسين اُلٽو هلون ٿا.

ستگر چوي تہ پريم وڌايو، ونڊي ورهائي سڀ ڪجھہ کائو!
اسين ڪريون بس گلا شڪايت، ٺن دولت آهي پيار!

گروءَ جي در، ايشور جي دربار ۾ ٻار ٿي وڃبو تہ اُنهن جي ڪرپا ٿيندي.

هيءَ ستگرو جي دربار هت ٻڌجي اچ تون ٻار.
پريوءَ اڳيان جو ٻڌجي ٿو ٻار، پريو ڪٽي ٿو اُنجو بار،
پريوءَ اڳيان جو ڇڏي اهنڪار، پريو ڪٽي ٿو اُن جو بار.

ستگرن جي سنگ ۾ نصيب کلي ٿو. انڪري ستگرن جو سنگ ڪرڻ گهرجي.

نصيبن وارو آهي جو رهي گروءَ جي سنگ ۾

جيپي پريوءَ جو نام سو وجي ٿو رنگاجي رنگ ۾

دنيا فنا جو مڪان آهي. ڪنهن به ڳالهه تي اعتبار ڪونهي. انڪري شاعر صلاح ڏئي ٿو ته ستڪرم ڪرڻ ۾ دير نه ڪر.

جيڪي تون ڪرڻ چاهين جلد ڪر تون پيارا!

ڪنهنکي آ خبر جيون هي آهي گهٽا ڏهاڙا!

دنيوي وشيه ڀوڳ دکدائي آهن ڀوڳ روڳ پيدا ڪن ٿا. انڪري شاعر شيام بيدار ڪندي اُنهن کان دور رهڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

وشين جا هي ڀوڳ جي آهن اول لڳن سکدائي

آخر ليڪن اُهي بڻاجن هرڪنهن لئه دکدائي!

رهاجان هرپل تن کان تون هوشيار چون تا سنت سيئي.

نا اُميد نراس شاخص کي آٿت ڏيندي شاعر چوي ٿو :

متان تون دل لاهين پريو ساڻ آهي،

ورهين جا هوُ هڪ پل ۾ دکڙا لاهي.

مشڪل کان منهن نه موڙ تون هل راهه صحيح،

فرض نباءِ پنهناجا هر ڪم تون ڪر صحيح.

گيتڪار 'شيام' مٺي ٻولڻ ۽ ڪنهناجي دل نه رنجائڻ جي سکيا ڏيندي چيو :

مٺا جي ٻول ٻوليندين، تنهناجو نقصان ڇا ٿيندو!

جي ڪنهناجي دل دکائيندين خطا وار سڏائين!

مذڪور شاعرن کان سواءِ ٻين ڪن سنڌي شاعرن گيتڪارن جا به ڪي نصيحت آميز ملن ٿا جي اساناجي سونهپ ڪن ٿا. گيتڪار گايڪ شري آزاد صوفي هڪ گيت ۾ آڪڙ ايمان ڇڏڻ جي صلاح ڏئي ٿو :

ڪرم ڪرين يا ترم ڪرين وڏو پنبت ودوان ٿئين

ته به نه توکي مالڪ ملندو جيسين اندر جو ايمان ڇڏين.

گيتڪار گايڪ ڀڳت پرمانند به ڪي سکياداڻڪ گيت رچيا آهن. هي صاحب اسانکي بيدار ڪندي صلاح ڏئي ٿو :

ڪيڏي ڪرين ٿو چترائي، داتا سان انڪل بازي،

تون سماجهين ٿو ڪوڙ ڪپٽ تي رام اچي ٿيندو راضي!

هوُ تنهناجي هر حرڪت کي نظر پنهناجي ۾ رکندو آ.

ڏسڻ وارو لڪ اکين سان توکي سدورا ڏسندو آ.

ذڪر ڪيل شعر - گيت وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ اساناجي سونهپ ڪن ٿا. اُنهن نصيحتن کي هنبائڻ سان ئي فيض حاصل ٿيندو.

lish School
LIBRARY

A II-12
980
618

پوڄيہ دادا جشن واسواڻي

پياري ڊاڪٽر ديال آشا ڪيترائي پستڪ لکيا آهن. مون کي عجب لڳندو آهي تہ هرروز ڪيترا ڪلاڪ دکين دردرن جي شيوا ۾خرچ ڪندي، هي پيارو ڪتان وقت آڻي ٿو جو اهڙا سندر پستڪ، اوُنهن ويچارن سان ڀريل، تيار ڪري ٿو. ڪيترن سنتن ڀڳتن جا جيون چرتر لکيا اَٿائين. ڪيترا پُرسڪار کِيس مليا آهن. پر پاڻ کهڙو نہ نماڻو آهي. ودوان آهي پر کيس وديا جو اَيمان ڪين آهي. نئڙت ۽ نياز جي تصوير آهي. کيس سنتن ستپرکن، پريوءَ جي پيارن لاءِ عجيب شرڌا آهي. اَيياسي انسان آهي. سادگي ۽ ساڌنا جي جيون رهندو آهي.

پِيارو پريو پنهنجي مهر ۾مون کي دنيا جي جُدا جُدا ملڪن ۾وٺي هليو آهي. جدا جدا قسمن جي ماڻهن سان ملاقات ڪرڻ جو وجهہ مليو آهي. مان سچ سان بنا ڪنهن وڌاءَ سان چئي سگهان ٿو تہ ڊاڪٽر ديال آشا هڪ لاثاني انسان آهي. سندس هردي اَندر هري نام لاءِ بُکہ آهي. پريوءَ لاءِ عظيم پيارَ آهي ۽ دکين دردرن، غريبن مسڪينن ۽ ورڌ اَوستا وارن واسطي همدردي آهي.

پياري ڊاڪٽر ديال آشا جي پيار ۽ شيوا ڀري زندگيءَ جو هڪ ئي پيغام آهي :- جي سُکي ٿيڻ چاهيو تہ ٻين کي سُکي ڪريو. سندس رڳہ رڳہ ۾، رَت جي هِڪ هڪ ڦڙي ۾غريبن واسطي پيار سمايل آهي. سندس چرنن ۾مان سِر نمايَان ٿو ۽ ڀڳل سنتي پنگت واسطي آسيس پنان ٿو.

شل پيارو پريو کيس سالم صحت ۽ وڏي آورجا بخشي، جئن پنهنجا ڪلياڻڪاري ڪاريہ ڪندو رهي.